هري همتاڻي



گُل جلي پيا



SATYA PRAKASHAN AJMER

ستيه پرڪاشن طرفان
سنڌي ادب جي اصلوڪن ناولن جو هڪ وڏي

گل جلن پيا

(اصلوڪو ناول)

ليکڪ :
هري همٿاڻي

ستيه پرڪاشن ، اجمير

اوچتو گهرو ساهه کڻندي
منهنجي دل مان نڪري ويندو آهي
هي منهنجا بابل ....
منهنجي امڙ ....
هي ستگرو ....
۽ ڪڏهن نه وري
پهرين کان به وڌيڪ اونهو ساهه کڻي
ڳچ دفعا دهرائجي
ويندو آهي، هي رام، — منهنجا رام
جڻ اهي نالا منهنجي انتهڪرڻ سان
جڙيل آهن.
تڏهن زندگيءَ جي ارٿ کي ڄاڻڻ
جي ڪوشش ۾
نهارڻ ڪيڏانهن گم ٿي ويندو آهيان
پتو ئي نه پوندو آهي ته
ساهه کڻي به ٿو يا
بيٺو آهي هڪ هنڌ!

ارپيم،
ارٿ هيڻ زندگيءَ کي.

- هري همٿاڻي



GULA JALAN PIYA

original sindhi novel

HARI HIMTHANI

SATYA PRAKASHAN
1286-A, Rly. Colony, Ashaganj, Ajmer

I st Edition : 1984

Price Rs . 20-00

Author's Add. :
14, Tilok Nagar
A J M E R

Cover Design : Prahlad Karamwani

ڪمل پنهنجي پيءُ سان تڪو ڳالهائي نٿي سگهيو. رڪو جواب نٿي ڏيئي سگهيو ته، ته، ڪڏهوڪو ڇٽي ڏنيس ها ته، مونکي هن مڪان ۾ رهڻو ڪونهي، توهان ڪان اڳترو ٻه نٿو ٽئي ته پنهنجي پٽ جي ڳالهه ڪٽي مڃيو؟

اهڙي ماحول ۾ رهندي جڏهن ٻه ڪيس ڪا گهٽڻ محسوس ٿيندي هئي ته، دل تي پٿر رکي ڇڏيندو هو. انهين هن اڪٿريل ڪنبهرنما مڪان ۾ پورا چار سال گذاريا هئا.

وڏي حويلي، جنهن ۾ هيٺ مٿي، اندازن ويهه گهر رهندا هئا. جنهن جي شاهي ايوان ۾ پنهنجر ڪي ڪان منجهند تائين ڪپڙن سنڌ جو آواز پڙاڏو ٿي پيو گونجندو هو. ماڻهون ناس ڏيو ۽ پوءِ ناسون ڦوڪي، گوڏن ڪان پڙو مٿي ڪٽي، ٻچڙا منهن ڪيو جيڪو گند اوڳاريندا هيون، توبهه توبهه.

صبح جو چاهين ٻارڻ تي دُونهي جي هيس حويليءَ مان اچا ويندي ڪاره هئي ته وري شام جو دُونهيون

اوشواس ئي زندگيءَ جو واحد موت آهي

دک، اُن ڪري ته ٿيندو آهي جڏهن ڪي چريا
چرٻٽ پاس ٿي ويندا آهن ۽ لياقت وارا رهجي ويندا
آهن. ۽ ائين ڏٺو ته ويو آهي، ڪڏهن ڪڏهن ڄڻ
ڪا ديڳ چڙهندي آهي، جنهن کي جتان لپو لڳو
چڙهي ويو. خير ڪجهه ته هجي، ليڪن ڪمل جڏهن
امتحان ۾ وهڻ لاءِ ٻيهر فارم ڀريو هو ته کيس لڳو هو
جي هن سال به فيل ٿي پيو ته ڪنهن کي منهن ڏيکارڻ
جي قابل نه رهندو. اُن لاءِ امتحان ۾ اڃا به مهينا پيا
هئا ته گهمڻ ڦرڻ، ايتري قدر جو روزاني اخبار
پڙهڻ جي ذوق کي تياڳي هُو پڙهڻ ۾ جنبي ويو
هو. ائين ته ڪورس جا ڪتاب چڱيءَ طرح اُٿلايل
هئس پر تڏهن به هن ڪنهن به ڳالهه جي ڪسر ڇڏڻ
نه ٿي چاهي. تر جي ڪٿي سؤ چوٽون کائيندي آهي.
اِنهيءَ چوٽيءَ تان هُو ڪڏهن منڪر نه ٿيو هو. پر
پوءِ سڄي لهنديءَ سنڌ مان ڄڻ وياڪل، اُجهاٽل
لڳندو هو. چوطرف جهيڻيون روشنيون خود سنڌ
ڪمرو به جهڪو ۽ جهيڻو، اکر ڏنڌلا ڏنڌلا.

موڪل ٿي رهي، هُو ڏينهن جي وقت پنهنجي
ڪمري جو در بند ڪري، هڪ منو ٿي پڙهندو هو
پر تڏهن به ڪي کهرا، ڪوڙا لفظ پڙهڻ ۾ رخنو
وجهندا هئا. تڏهن باغ طرف نڪري هليو ويندو هو
پر رات جو ڪيڏانهن وڃي؟ امتحان ۾ باقي ويهارو

ڏڪنديون هيون. سڀئي حوالي ڪرڻ دُونهاٽيل دُونهاٽيل.
ڪي ساڪرُو ته ڪي ساهتيءَ جا، ڪي لاڙائي ته ڪي
اُتر جا. ون ون جي ڪاٽي اچي گڏ ٿي هئي. ڪير
ڪٿان ۽ ڪيئن ٿو ڏيک ماري ڳالهائي، هر ڪنهن
جي فطرت پنهنجي پنهنجي. ڪمل کي ياد ڪونهي ته
آفيس مان ٿڪل ٽٽل اچڻ تي ڪي چار گهڙيون سامت
جون ڪاٽيون هجنس. ڪٿان ڪا رڙ، واڪو، هائيندوس
هنئين ۾ اصل ٽير بڻجي چڀي ويندو هو.

اِنهن سڀني ڳالهين کي منهن ڏيڻ وري ٻه سولو
پر گهر ۾ ٻجاي ٻئيءَ جي عدم موجودگي ڪمل کي
بيحد ڪٽڪندي هئي، نه ريڊيو وڄائي سگهي نه پڙهي
سگهي. سڄ لٿي مهل ته اِئين لڳندو هو، سڀئي حوٻاي
ڇڻ لالٽين لاٽين. جهڪيون اُجهاٽيل روشنيون، گويا
اُنهن روشنين جي پاڇن پٺيان پوڻ پرين جو سايو
هجي. ٿڏهن ڪمل کي لڳندو هو ته ويهين صديءَ
جي هيڏي وڏي شهر ۾ نه پر ڪنهن جهنگل ۾ رهيو
پيو آهي.

اِهوئي ڪارڻ هو جو هُو اڳئين سال ڊپارٽمينٽل
امتحان جي هڪ سبجيڪٽ ۾ فيل ٿي پيو هو. ڪيس
ڏاڍو ڏک، ٿيو هو جڏهن هر ڪنهن عجب مان پڇي
چيو، "اڙي ڪمل فيل ٿي پيو!؟" ۽ ڪيس ٻه منهن
ڏي ٿي چيائون، ڪمل توکي ڇا ٿي ويو!

۽ ٻئي طرف دروهه جو سياءُ اُن جي ٻنهي مختلف هو. هوءَ، امتحان جي ويجهن ڏينهن ۾ ٿورو گهڻو من لڳائي پڙهندي هئي ۽ پاس ٿي ويندي هئي. ڊگرين هن لاءِ معنيٰ رهت هئي. ڪير پنهنجا اموُليه ٽهڪ ڪوهي، ڪاڳرن جا سرٽيفڪيٽ ميڙي ته اها به ڪا زندگي؟ اُمنگن ۽ خوشين کي ٽلائجي ڏيڻ اهو جيون سان نسورو ڌوهه ڪرڻو آهي. سندس سڀاءُ ڪجهه نرالو ئي هو. هوءَ ته حياتيءَ کي ڪير ڪيئن ۽ ڪهڙيءَ نظر سان ٿو ڏسي، هر ڪنهن جو پنهنجو پنهنجو نظريو آهي. ڪي رج ۾ ساواڻ ته ڪي ساواڻ ۾ رج پسندا آهن. ڪن لاءِ ٽڙيل گل معنيٰ ۽ مقصد پُريا هوندا آهن، ڪن لاءِ بس اُئين ئي. چنڊ ته اُهو ئي ڪٽڙيل هوندو آهي، ساڳيو نُور هوندو آهي اُن ۾، پر ڪن لاءِ اُهو سڄ پڄ نُور ٻڻجي پوندو آهي، ۽ ڪن جي دل ۾ اُن جا سيتل ڪرڻا به ڪنڊن جيان چڀندا آهن. سندر ڪتابن جو ڪيڙو هو پر درُوهڪ اُها چنچل لهر هئي، جنهن جي روانيءَ ۾ سنگيت جا سُر سمايل هئا. هڪ اُهو گل هئي جيڪو سدا جيئڻ سيکاريندو آهي.

ڪمل جي ڀيڻ جو گهر اناساگر ڪناري، ڪرشڻن گنج ڪالونيءَ ۾ اهڙي ايڪانت هنڌ هو جتي ڏينهن جي وقت به اُئين محسوس ٿيندو هو ڄڻ اڌيءَ رات

ڏينهن کان وٺي پڙهيا هئا. اوچتو کيس خيال آيو، اهي سڀ جا سڀ ڏينهن هو پنهنجي ڀيڻ جي گهر وڃي رهندو. سندس ڀاڻيجو سندر، ايم. ايس. سي ۾ ۽ ڀاڻيجي درُوُ انٽر آرٽس ۾ پڙهندي هئي. سندر ته ڪتابن جو ڪيڙو هو. چاهي ڀيڻ وقت به چاهيندو ته ڪا هڪ اڌ ست پڙهي وٺي. هن پنهنجون سڀ حسرتون انهن ڪٽي ڇٽجي ته ماري ڇڏيون هيون. پنهنجيءَ سالين ۾ ڪو هڪ ٻه دفعو سئنيما تي ويو هوندو سو به ڪنهن جي سنگ ۾ گهلجي. چنڊ ۽ تارن ڏانهن نهاري، من اندر ڪو آنند ماڻجي، اهڙي فرصت هن وٽ ڪو نه هئي. گهر کان ڪاليج ۽ ڪاليج کان گهر، بس گهڻو ٽڪو هو اِن رستي کان ئي واقف هو. ٻئي ڪنهن رستي ڏانهن لڙيو ئي نه هو. گهر ۾ به اِئين رهندو هو جڻ اڪيلو رهيو پيو آهي. نه ڪاڻ، نه ڪنهن سان ڳالهائڻ، زندگيءَ جي تمام لعمتن کان جڻ هڪدم ڪٽيل، جڙيل هو ته صرف ڪتابن جي اکرن سان. اُهي سندس لاءِ چنڊ، تارا ۽ نديون نارا هئا. نيرس ۽ تياڳ ــ پورڻ جيون گهاريندي ايترو سو کيس ضرور پلئه پيو هو ته هو هميشه فرسٽ ڊويزن ۾ پاس ٿيندو آيو هو. وقتي ڪنهن سبجيڪٽ ۾ ڊسٽنڪشن مارڪون به اينديون هئس. ان ۾ ئي شايد هن زندگيءَ جي ڪاميابي ۽ پُورڻتا پاتي هئي.

ڪسڪي ٿي وڃي. ٻيهار ماڻ کٽي سٺي ڪل مليس ڇهه سؤ ۽ اُن ماڻ به جي سؤ سوا نڪري ويندو ته اِهَا ڪهڙي سياڻپ آهي؟ نه بابا پاڻ هن جاءِ ۾ چڱا آهيون. ٻيءَ جاءِ جو خيال دماغ مان ڪڍي ڇڏ. اڄ شيشن جي ڪن ۾ پيسو آهي ۽ تون آهين جو وٽين ٿو خرچ جون ڳالهيون ڪندو.

ماءُ چوندي هئي، ”پٽ ڇو ٿو وري ٻي سنڌ ڏيکارينم. هڪڙي سنڌ ڇڏي آياسين هيئر هتي ئي چڱا آهيون. ڏس نه تنهنجو پيءُ پاڙي ۾ ڪيڏو هري مِري ويو آهي. هتي دربار ويجهي آهي، وڃي چار وچن ٻڌي ٿو اچي. ڪڏهن من ۾ ايندس ته ڇٽن سان گڏ چوپڙ کيڏي ايندو. سندس مرضي ناهي ته تون به زور نه ڀرينس. جتي جانڪي رهي ٿي، اُن جي موٽڪي سڌ ڪونهي ڇا؟ پورو برپٽ آهي، برپٽ. پنهنجي پٽڪي لي به ڍڪيو وڃي. اهڙي شانتي به ڪهڙي ڪم جي جيڪا اصل هنيانءَ ٿي ڏکائي ڇڏي. هڙئي وسهن ڇڏي هلي ويرانيءَ ۾ ويهون، نه پٽ تون ڪڏهن اهڙو ضد ئي نه ڪر.“

ماءُ کان علاوه گومي به هئي جيڪا ائين چوندي هئي. ٻئي جي سامهون ئي سندس گهر هو. اڪيلي هئي. پٽ ولايت هوس. پيسا پيو موڪليندو هوس. ليا ٽو ۽ نياڻي به ولايت. ڪمل کي پٽ سمان پائيندي

جو ڪو سمو آهي. نہ گوڙ نہ گھمسان، ايڪانت ئي ايڪانت. ڪيڏن جو سٽڪو جتي هر وقت ڪنن ۾ پيو پوندو هو، اُتي پر واري باغيچي مان لهرائيندڙيون، خوشبوءِ واريون هوائون پيئون گهلنديون هيون؟ ڪڏهن ڪنهن ويل کي پکي مٿي لات لنوندو هو تہ من پيو اُڏامندو هو. ڪمل گهڻيئي دفعا چاهيو هو تہ اهڙيءَ ڪالونيءَ ۾ مڪان وٺي وڃي وهي ليڪن ماءُ ۽ پيءُ جا ويچار هر وقت سندس آڏو آيا هئا. پيءُ اِن ڪري مڪان ڇڏڻ نٿي چاهيو تہ اها سڄي حويلي ڪسٽوڊين کاتي جي هئي جيڪا اڳي پوءِ نيلام ٿيڻي هئي. جيڪو جتي، جنهن حصي ۾ رهيو پيو آهي، اُهو تمام ٿوري رقم ۾ هن جي حوالي ٿي ويندو ۽ پوءِ مڪان کي سنوارڻ سڌارڻ بہ ٿورو گهڻو خرچ ڪرڻ بہ سجايو ٿيندو. هن وقت مسواڙ ڀرڻ نہ جهڙي هئي. ٻن ڪمرن جا رڳو ٣ روپيہ. ڪنهن کي ٻڌائڻ ٿي بہ جڻ لڄ ٿي آئي. بجلي نہ هئي يا پاڻي گهٽيءَ جي پمپ تان ڀرڻو ٿي پيو تہ اهڙا ڏينهن ڪو هميشہ لاءِ ٿورو ئي رهڻا هئا. ڏک، سکن جي سُونهن هوندا آهن پر سندس هي نادان پٽ اِها ڳالهہ ڪٿي ٿو سمجهي. خبر ناهي پيءُ جاءِ ۾ هلي رهڻ جو پُٽ سندس مٿان ڇو سوار ٿيو آهي. پيءُ جاءِ جي مسواڙ ٿي ٻڌي تہ پيرن هيٺان زمين

ٿي هلي آئي رهان! مان هڪ ڏينهن ۾ بيمار ٿي پوان.

ڪمل ٺهڪ ڏيئي ڪلي ڏيندو هو، "ها برابر، تون ضرور بيمار ٿي پوندينءَ."

ٻئي ڏينهن تي ڪمل ڀيڻ وٽ آيو هو، ٻن ٽن وڳن جي ٽندي ٻڌگ ڪٽي. دروءَ جانڪيءَ کي بيحد خوشي ٿي هئي. سندر ته پنهنجين ئي خوشين کان وانجهيل هو، ته به کيس سرهائي ٿي هئي. ڪمل چيو هوس، پاٽيجا هاٽي مونکي روز وڏي پنير کي جو اُٿارج ته اُٿي پڙهندس.

سندر چيو هو، "تون ٽائيم ٻڌائي ڇڏ، باقي اُٿارڻ منهنجو ڪم. ٽين بجي اُٿاريانءِ؟"

"نه بابا، مون ته موڪل ورتي آهي امتحان ٽائين. پڙهڻ لاءِ سڄو ڏينهن ٻه آهي، تون ته ڇئين بجي اُٿار جانءِ."

"ٺيڪ آهي."

درو ٺهڪ ڏيئي ڪاي ڏنو هو، "ڇئين بجي اُٿي پڙهندين سو چڱو، ڏسندو. پنير کي جو ٻه ڪنهن کان پڙهڻ پڄندو آهي؟ اُهيءَ ٽائيم تي ته آلس پڄي ننڊ ڪرڻ سٺي لڳندي آهي."

"ڏاڍي ڏنگي آهين." ڪمل ٺهڪ ڏيئي ڪلي ڏنو.

هئي. ڪمل جي ماءُ جڻ پيرڻ هئس، پيرن کان وڌيڪ. پاڇي پٺو ونڻ ويندي ته، ڪمل جي ماءُ کان پڇندي ويندي، اڄ تو لاءِ ڪجهه آٽو آهي ڇا؟ ڏهه دفعا ته، ڏاڪڻيون لهندي ۽ چڙهندي، ٿڪجي اصل ڪوڙ. ڪمل جي ماءُ ڪڏهن ڪڏهن عجب کائيندي هئي ته هيڏيءَ عمر ۾ ڪيئن ٿا ايڏا پنڌ پڄنس!

گوميءَ ۾ ٻي به هڪ خاصيت هئي، جيڪا گهڻو ڪري عام عورتن ۾ ملندي آهي. ٻرائي پچار جي ڪوڏي هئي. جيسين ڇٽن جا ڏيک ٻڙدا لاهي چاڙهي نه، تيسين آرام ڪونه ايندس، جڻ سک ڦٽي پوندس. گهٽيءَ يا بزار مان ٿي اچڻ ٿي يا ڪنهن جي گهران ڪجهه ٻڌي اچڻ ٿي، بس جڻ سندس جهول ڀرجي وئي. ڪمل جي ماءُ وٽ اچي اها سڄي جا سڄي اوندي ڪندي. مرچ مصالحو ملائي ڳالهه ڪرڻ جو سندس ٻيهڻجو ڍنگ هو. ڀلا اهڙي وسهڻ جهڙي ڪمل جي ماءُ ڪيئن اوجهڙ پاسي وڃي ويهندي، جتي گومي روز ته ڇا، مهني ۾ به مس اچي.

ڪمل من کي ماري ويٺو هو ته، بس اِنهن ڳالهين ڪري. ٻوءِ جڏهن ڪمل گوميءَ کي ٻه، اِئين چوندو هو ته تو لاءِ جهڙو هتي رهڻو تهڙو اُتي، تون به هتي اُتي رهه، ته گومي نهه ٻهه چوندي هئي، نه بابا مان

لاءِ ناشتو ناهڻ لازمي هو. ٻار ٻڪئي ڀيٽ ڪيئن ويندو؟
پر ڏرو هيڏي وڏي ٿي وڃڻ تي به جڻ اڃا
ٻار هئي، ڪيترا ڀيرا اِئين ٿيو هو جڏهن آشا اچي
ڏٺو ته نڪ نڪ ڪندي هئي يا ڪيس ڏولڏاڙي
جاڳائيندي هئي، ته ڏهن بسترو ڇڏي، جهڙو تهڙو
هٿ منهن ڌوئي يا اِشنان ڪري، ناشتو ڪيو نه،
ڪئي جهڙو، اِها ٿي ٻاجي. گهڻيئي دفعا ماءُ چيو
هوس، ساڳيو آشا به آهي. ڪيس ماءُ ڪهڙي روئي
ناهي ڏيندي هوندي. ويچاري سڀ ڪجهه پاڻ
ڪري ڪري ٿي؛ لڏهن به سويل پرواچي نوڪي چست
ڪري، پر ته ون اهائي سست. ڏروءَ مٿان اُن جو
اثر اِئين ٿيندو هو جئن اولڏي گهڙي تي پاٽي.

آشا جو گهر پاسي ۾ ئي هو. ٻئي اِنٽر آرٽس ۾
پڙهندا يون هيون. پرائيمريءَ کان وٺي گڏوگڏ درجا
ٽپيندا يون آيون هيون. ليڪن آشا جي گهر جو واتاورڻ
ڪجهه ٻيو هو. جنهن ڪري هوءَ ڪافي گنڀير رهندي
هئي. ڪڏهن ماٺيائي ماءُ جا لڪا ويڻ ڪيس
جهوريندا هئا. رات جو روئي ڪرڻ جو ذمو مٿس
ئي هو. جڏهن به پاڻ کي واندو سمجهندي ته ڏروءَ
وٽ هاي ايندي. ڏروءَ وٽ اچڻ ڪاڻيوءَ سندس من
کو ٻيو هولڏو هو. جاڪي ڪيس ڏروءَ جيان ئي
پائيندي هئي. اهو ڀيد پاڻ کولي ڪيو هئائين ته هوءَ

"اڙي بابا، منهنجو چاليهون پلي ٽين ٻجي اُٿي
پڙهه. پر دير رات ٽائين پڙهڻ ڪانپوءِ وري وڏو اُٿڻ
ڏيئي اُٿڻ ڏاڍو ڏکيو ٿو لڳي. مان جي سوير کي
ايڏا ڪشٽ ڏيان ته پوزيشن ۾ اچڻ وڏي ڳالهه
ڪونهي."

ٽڏهن مذاق مان ڪمل به چئي ڏنو هو، "ڪهڙي
ڳالهه ڪجي. ڇا ڏيڏري ۽ ڇا زڪام! وڏيري پوزيشن
۾ ٿي اچي."

جنهن لي دروءِ چلولائيءَ گاڏڙ روسامي مان چيو
"ممي ڏسين ٿي، مونکي ڏيڏري ٿو ڪوٺي"

"اڙي مان ٿورو ئي ٿو چوان پهاڪو ائين ٿيل
آهي."

مطلب ته اُن ڏينهن گهڻن ڏينهن ڪانپوءِ گهر ۾
اهڙي رونق ۽ ٽهڪڙو مچو هو. ڪمل جو پيڻويو آسام
طرف ڪنهن فرم ۾ نوڪري ڪندو هو. جنهن ڪري
هُو سال ۾ ڪو هڪ اڌ دفعو مس ايندو هو. سندر
پنهنجي ۾ پورو. جانڪي سڄو ڏينهن پنهي ٻارن جي
ٽهل چاڪريءَ ۾. سندر ساڍي نوين ڪاليج لاءِ
نڪرندو هو ته شام جو ڇئين، ساڍي ڇئين موٽندو
هو. درُو صبح جو ڇهين ٻجي ساوتري گرلس ڪاليج
جي بس ۾ ويندي هئي ته منجهند جو ڏيڍ ٻجي گهر
موٽي ايندي هئي. ليڪن صبوح جو سويل پرو اُٿي دروءِ

ڪيئن چئي هئي، ڪيس ان جو ترس لڳو. اڄ وچان سندس ڳل سرخ ٿي ويا هئا. ڪمل پڇي ورتو هو، ”آشا ڳائيندي آهي ڇا؟“

ڪمل لاءِ گهٽ ۾ گهٽ اِها نئي ڳالهه هئي. اِهو پڇي ته، آشا ڳائيندي آهي ڇا؟ - دروءِ جا اِهي اکر ٻه ڪيس گهٽ عجب ۾ وجهڻ جا نه هئا، ”تون ڪهڙيءَ دنيا ۾ ٿو رهين ڪمل. تو آشا کي ڪونه ٻڌو آهي؟“ ڪمل لاءِ عجب ٿهائين وڌي ويو هو. ”اِسڪول جا هيڏا فنڪشن ٿيا آهن. تون شايد ڪڏهن آيو ڪونه آهين“

”نه، منهنجو ڪٿي اچڻ ٿيو آهي.“

”ته پوءِ ٺيڪ آهي، ڪڏهن ڪو فنڪشن ٿيو ته ٻڌائيندي سانءِ“ دروءِ اِهي اکر سعيو ڪري چيا هئا ته ڪمل متان اُن جو ڪهڙو ٿو رد عمل ٿئي.

ڪمل چيو، ”اڙي ڀائي ڇو ٿا اهڙو ظلم ڪريو. جڳ، ٻڌي ءِ مان نه ٻڌان؟“

”تون جڳ ۾ رهين ڪٿي تو جو ٻڌين.“

آشا جي اهڙي حالت هئي جيڪر اُتان اُٿي ڀڄي وڃي. پر درو ٻه ڪيس ڀڄڻ ڏئي نه، ڳچيءَ ۾ ٻانهون وجهيو ويٺي هئس.

”هاڻي ته مان ضرور ٻڌندس. پوءِ ڀلي منهنجي

کا ٻيءَ ڪوڪ، مان چاول آهي. گهر ۾ ڪجهه ٻه ٿيندو ته هن لاءِ ڀرين. ڪٿان به ڪجهه آيو ته هن لاءِ پاسيرو ڪري رکندي. فرق صرف اهو هو جو هوءَ ٻئي گهر رهندي هئي. آشا کي اُجهاٽيل ۽ غمگين ڏسي ڪڏهن دل ۾ ايندو هوس ته سندس ماءُ کي وڃي چوي ته آشا اسان وٽ رهندي. پر ائين ڪري نه پئي سگهي. آشا جو سباجهو چهرو ٽورو به ڪومايل ڏسي مٿس قياس اچي ويندو هوس. جيتوڻيڪ آشا اهڙي لڪا ڪونه ڏيندي هئي پر تڏهن به ممتا جڙن اکيون سڀ ڪجهه ڄاڻي وٺنديون هيون

ائين نه ڪمل ڪڏهن ڪڏهن ڄاڻڪيءَ وٽ اچي رهندو هو. ڪل، مذاق ۽ ٽهڪڙو مچندو هو. اُنهن ٽهڪن ۾ آشا جا به ٽهڪ هوندا هئا پر اهو سڀ رواجي طرح ٿي ويندو هو. ڪيڏي مهل ڪنهن جي روح ۾ ڪيئن ڇهنڊڙي ٿي پوي، اهو به شايد سڀڪجهه اڳواٽ لکيل ٿو ٿئي. منجهند جو وقت هو. سائيڊ روم ۾، جيڪو اسٽڊي روم به هو، ڊرو آشا ۽ ڪمل ويٺا هئا. ڪم ڪار مان فارغ ٿي ڄاڻڪي منجهند جا ٻه اڍائي ڪلاڪ مٿئين روم ۾ وڃي ٻي اوني ٿي ليٽي پوندي هئي. اُن ڏينهن ڊروءَ کي الائي ڪهڙي رانديڪ ڪنيو جو آشا کي چيائين، ”آشا اڄ ته ڪو گيت ٻڌاءِ.“

آشا کان چرڪ نڪري ويو. ڊروءَ اهڙي ڳالهه

آشا، جنهن شام ماڻهن اڳيان ڳائيندي ائين نه ڪئي هئي، اُها ڪمل اڳيان بي اِنتها ائين محسوس ڪري رهي هئي، الائي ڇو؟

پر پوءِ ڪيس ڳائڻو ئي پيو هو. هڪ منجهند جي شانت ويلا ۾ پيو مڌر آلاپ. ڪمل ڄڻ ڪجهه وڃائي ويٺو هو اُنهن گهڙين ۾. ڪنن ۾ اُهو سر ۽ گيت جون اُهي سٽون سڄو وقت پئي گونجيون هيون. ڪيس پنهنجيءَ اهڙي حالت تي عبرت هئي.

پر پوءِ آشا جڏهن پنهنجي گهر پهتي هئي ته ڪيس لڳو هو، گويا پاڻ به ڪجهه وڃائي آئي هئي. اِن کان پهرين هن ڪمل کي ڪڏهن ايڏو پنهنجي ويجهو ڪين پاتيو هو. اُهي اکيون، جن ۾ هن کو عڪس پئي پسيو، هر ڪن سندس آڏو پئي ڦريون. جن ۾ ڄڻ ڏورانهان پيغام هئا، تمام ڏورانهان.

سندس دل کي ڇا ٿي ويو هو ڪجهه سمجهي نه پئي سگهي. اُها گهڙي ڇو آئي هئي؟ ڇو ڪيس ڏروءَ ڇيو هو؟ ڪاش! ڏرو نه ڇوي ها.... اهڙي گهڙي نه اچي ها.

جنهن پڙهڻ لاءِ ڪمل گهر ڇڏيو هو، اُهو پڙهڻ ڪانئس ڏور ٿيندو پئي ويو. ڪتاب تان نظرون هٽي، سامهون جاري ۾ رکيل ٽائيم پيس تي وڃي ٽڪنديون هيون. اڃا يارهن وڳا آهن، دل ۾ چوندو. ۽ پوءِ

اِها حجت ئي ڇو ڪونه سمجهو. آشا ڪونه ٻڌائيندين؟"
اِهي پويان اکر جلد آشا جي هانو ۾ گهڙي ويا.

اِئين برابر هو ته آشا اِسڪولي لائيف ۾ نالو ڪڍيو هو. اِسڪول جو ڪو فنڪشن ٿئي، پوءِ اُهو ساليانو هجي يا ڪنهن منسٽر وغيره جي اچڻ تي رکيو ويو هجي، آشا کانسواءِ اُهو فنڪشن اڌورو هوندو. آشا روح هوندي هئي جلسي جو. سازن جي لهرن تي جڏهن سندس گلي مان گيت جو آلاپ گونجندو هو ته اهڙي مات ٿي ويندي هئي، ڄاڻ ته سڄو هال خالي آهي. اگر ڪرسين تي ڪي آهن ته اُهي بت آهن. گيت جي ختم ٿيندي هال جاڳي اُٿندو هو. اُيا گهرا ساهه واهه واهه جا آواز، تاڙين جا ٺهڪا، ۽ 'ونس مور' جا پڙاڏا.

اِسڪول ڇڏي جڏهن آشا ڪاليج وڃي رهي هئي ته هيڊ ماسٽر آشيرواد بطور هن لفظن ۾ چيو هو، آشا تون جتي به هجين پنهنجي سر ڏيارن سندي سنگيت ۽ زبان کي اِمر رکج.

پر ڪمل اڄ ڏينهن تائين اڻڄاڻ هو. ڊروءِ جي اِنهن اکرن وري منجهس بي آرامي پيدا ڪئي هئي. هو منتظر هو ڪيس ٻڌڻ لاءِ. تڏهن ٻيءَ ڪن ڊروءِ چئي ڏنو هو، آشا ٻڌاءِ. سچ پچ اڄ منهنجي به دل ٿي رهي آهي.

بہ ٿي يا اِئين ٿي نڪري ٿي پوي.

ڪمل سوچيندو هو، ونس اهڙو فڪر ڇو آيو آهي؟ هوءَ رڳو آشا لاءِ ئي ڇو ٿو سوچيندو رهي. ڇا، هن وقت بہ اهڙو فڪر يا سوچ آهي؟ نہ، اِئين ڪونہ هوندو شايد. هيءَ هڪ طرف جي ڇڪ آهي، جنهن ۾ سنڌس تن من ڇڪيندو ٿو رهي. آتما جي پيڙا سنڌس پنهنجي آهي.

پورا چار ڏينهن گذري ويا هئا. هن ڏٺو، اِئين باقي ڏينهن بہ گذري ويندا ۽ متان اِمتحان جو ڏينهن اچي ويندو. پر ان کان پهرين هيءَ کهڙي اِمتحان جا ڏينهن سنڌس لاءِ آيا هئا؟ پرڪرتيءَ جو رنگ روپ ئي بدلجي ويو هو. شام جي وقت مٿي ڇت تي اِئين ٽهلندو رهندو هو. هن ڪالونيءَ جي اردگرد پرڪرتيءَ پنهنجون گلابي بانهون ڦهلائي رکيون هيون. هڪ طرف اناساگر جون چنچل لهرون هيون. سج اُنهن لهرن ۾ شام جي وقت ٻُڏندو هو تہ اهڙو ادڀت نظارو ڏسڻ لاءِ شايد ديوتائون بہ واجهائيندا هوندا. لهندڙ سورج جي سيتل ٿڌيءَ روشنيءَ ۾ دور پريان، سنگمرمر پٿر جي بارادريءَ جا ڇبوترا اِئين چمڪندا هئا جڻ تہ اُنهن مان ڪو اُوراني لوُر پيو نڪري. ساگر جي ڪناري سنگمرمر جا اُهي ڇوٽڪ ۽ ڇبوترا، نزاڪت ۾ پنهنجو مٽ پاڻ آهن. انهن

وري ڪتاب ڏي نگاهه وجهندو. من ۾ ته ونس هئو ٿي ڪونه. هي ڪهڙو پڙهڻ هو؟ ٻن ڏينهن ۾ سندس من جي حالت اهڙي ٿي هئي جڻ اندر ئي اندر اُن کي ڪو گهڻو لڳي ويو هجي. هيئنر اهو ڪانئس وسري ويو هو ته ڪيس امتحان پاس ڪرڻو آهي. ٽوري به لاغرضائي ڪيس ڪاهيءَ ۾ ڌڪي ڇڏيندي، اهو سڀ ڪيس قبول هو پر آشا کي هُوءَ وساري نٿي سگهيو. وسارڻ جي ڪوشش ڪندي هُوءَ جڻ نبل ۽ بي وس بڻجي ويندو هو. سڄو وقت آشا جون نظرون سندس واٽ ۾ وڇايل رهنديون هيون. هن هڪ دفعو نگاهه کڻي ڏانهنس نهاريو ڇا هئو، جڻ ته اُنهن راهن ۾ ڦٽڪي ويو هو.

ڪمل وٽ آشا پنهنجون سوچون، پنهنجا فڪر ڇڏي وئي هئي. ڪمل هر وقت هيئنر هن جي باري ۾ ئي سوچيندو رهندو هو. پنهنجي پيڻ جانڪيءَ جا اکر ياد ايندا هئس، ماٺيلي ماءُ وٽان اگر سنيهه پريو اُهو پيار اٿو ملي ته ٻار اندر ئي اندر ڪومائجندو ٿو رهي. ڏرو کي ڌولڏاڙي، سڏ ڪري، سنان لاءِ گرم پاڻي تيار ملندو آهي. سڀ ڪجهه هڪيو ٽڪيو ليڪن آشا ڪيڏي مهل صبح جو سويل اُٿندي هوندي. ناشتو تيار ڪندي، چانهه ٺاهيندي ۽ پوءِ ڪاليج لاءِ تيار ٿي نڪرندي پر ڪهڙي خبر ناشتو ڪري

آرام ڪرسيءَ تي ليٽيو پيو هو. اکيون آسمان ۾ وهار ڪندڙ پرندن تي ٽڪيل هيس. سج لهي ويو هو پر اڃا روشني قائم هئي. اُهائي پرڀات جهڙي ٿڌي روشني. پر رنگ ۾ فرق هو. پرڀات جو رنگ لعلاڻ طرف مائل هوندو آهي ۽ هيءَ پيلاڻ ۽ ڳاڙهاڻ جو ميل هو. ڪٿي ڪٿي سفيد بادل به ڏٺا پئي. نيري نڀ ۾ اُهي جرڪ چٽين وانگر چانڊو ڪيو بيٺا هئا. اکين سامهون دُور دُور تائين ساگر جو پاڻي ڦهليل هو. اکين جا پير پاڻيءَ کي ڇهي وري اوچائيءَ تي اُڏامي ٿي ويا. ڄڻڪ اُن طرح ڪمل جا خيال پئي اُڏاڻا. اِئين ئي اوچتو ڇت تي آشا اچي پرگهٽ ٿي. ڊرُو کيس هيٺ نه ملي هئي نه کيس ڏسڻ لاءِ مٿي هاي آئي هئي. ڪمل کي ڪرسيءَ تي ويٺل ڏسي الائي ڪيئن محسوس ٿيس؟ اُن وقت پويان پير ڪري موٽي ٿي ڪاڏائين نه. ڪمل چيو، "ڇو آشا آئينءَ ڪيئن ۽ وري وڃي ڪيئن ٿي؟"

سندس پير روڪجي ويا. "اِئين ئي ڊروءَ کي ڏسڻ آئي هئس."

"هيٺ ڪالهي؟"

"نه"

"پوءِ ٿون وري هيٺ ڇا وڃي ڪندينءَ. ٿوري دير ويهه اچي ويندي." شايد اهو پهريون ئي دفعو

ايوانن ۾ نچاڻ گهڻا دفعا محبت جا ميٺهن وسيا هوندا.
گل ٽڙيا هوندا. ها، انهن ايوانن جا ڪئين گل ساڳر
۾ ڪريا به هوندا.

بارادريءَ جي چوٽين مٿان دور سامهون پهاڙيءَ
تي ٽاراڳڙهه جو قلعو اڄ به پرٿوي‌راج جيان ڳاٽ اوچو
ڪيو بيٺو آهي. ڪيترن صدين کان سورج جا ڪرڻا،
پڙهه ڦٽڻ تي، پهرين پٿر جي انهن مضبوط ديوارن کي
چمندا آهن ۽ سنجها جي آخرين ويلي ٽائين انهن مٿان
سندن ساهو رهندو آهي. اتر طرف پشڪر جي پهاڙيءَ
کي پنهنجي شوڀا آهي. ان جي اڀاهينءَ ٽان لهندي
چڙهندي موٽرون ۽ لاريون ننڍن رانديڪن جيان پيئون
پسبيون آهن.

۽ اوڀر طرف ننڍڙي پهاڙيءَ جي گود ۾ مٺي
باٽيءَ جو چشمو آهي. چوڌاري گهاٽا وڻ ۽ انهن جي
ٿڌي ڇايا. ايڪانت پسند ماڻهو اتي پهچي پاڻ کي
ڪنهن ٻيءَ دنيا ۾ پسندو.

ڪمل پاڻکي ڪڏهن به ائين اڪيلو اڪيلو ڪين پانيو
هو. هيٺئر من ڪري به پاڻ کي جڻ اڪيلو پيو پائيندو
هو. ڇت تي ايندو هو ته چوطرف جا هيءُ نظارا
سندس لاءِ ويرانين جا دڳ بڻجي ويندا هئا. ڪٿي
ڪيس ڪو گل ڦٽندو نظر ايندو هو ته سوچيندو هو،
اهو سندس اکين جو دوکو ته ناهي؟

ان ڏينهن شام جي وقت هوءُ مٿي ڇت تي ٽهلي،

ٽي؟؟ ڪيس ڪجهه سمجهه ۾ نه آيو. هوءَ چپ چاپ
...نو رهيو. آشا جون نظرون هيٺ جهڪيل هيون.
...وءِ ڪنهن گهڙيءَ ڪمل چيو هو، آشا مونکي
...هنجو اُن ڏينهن وارو گيت ڏاڍو وڻيو هو. اُن ۾
...ڙو ڪو اثر هو جو اڃا تائين به اُنين پائيندو آهيان
... اُهو آواز منهنجي اندر ۾ گونجي پيو. مان اُن آواز
...ي وساري نه سگهيو آهيان، نڪي وسارڻ چاهيان ٿو،
...شا ...... ڪمل هڪي چپ ٿي ويو هو. آشا اُن
...قت ڇپر مٿي ڪٽي ڏانهنس نهاريو هو ته، هوءَ جڙ
...نب جي ويو هو.

"آشا ...." هوءَ ايترو چئي وري چپ ٿي ويو
...و .... "مونکي الائي ڇا ٿي ويو آهي آشا" ڪن دير
...چپ رهي هن چيو هو، "مان پورو پڙهي نٿو سگهان
...جو وقت تون ئي ياد آهين.... سچ پڇاءِ آشا تون به
...اد ڪرين ٿي، ڪين منهنجي اِها هڪ طرفي ياد
آهي؟..." آشا جي من ۾ آيو ته هوءَ اُٿي ڀڄي وڃي.
...ي ڪرسيءَ تي ويٺي ويٺي هوءَ رجي ويندي. ۽ ها
...سچ پچ لڳو ته هوءَ رجي رهي هئي. منهن سڄو لعل
... ڳاڙهو ڳاڙهو.

ڪمل هٿ وڌائي سندس هٿ مٿان رکيو. هوءَ
...جي ٿڙڪي وئي. آشا ڏانهنس ڪنڌڙ اکين سان
...نهاريو جڻ سندس سڄي جواني ڪنبي رهي هئي.

هو جو ڪمل آشا سان اِن طرح ڪليل نموني ڳالهايو هو.

آشا جي پيرن ۾ جڻ پنڊ ٻڌجي ويا هئا، جي ڪيس نه ڏاڪڻ طرف وئي تي ويا ۽ نه وري اڳيان ئي تي وڌيا. ايتري ۾ ڪمل وري چيو، اڄ سندس منهن مان اکر الائي ڪيئن نڪري رهيا هئا جنهن جو خود به ڪيس تعجب پئي لڳو، ”مون کي ڏاڍو تي سمجهين شايد. تڏهن نه اِتان ئي موٽ ڪائي تي وڃين.“

آشا جي ڳٽن تي سرخي اچي وئي. پنهنجا اچان بس ڳوڙا ٽيندا ويا. ”اڄ نه آشا.“ وري ٻيهر ڪمل چيو هو.

تڏهن آشا الائي ڪيئن اڳتي وڌي ڪرسيءَ تي وڃي ويٺي هئي. ۾ لچاري لچاري. دروءَ جي موجودگيءَ ۾ ڪڏهن ڪڏهن اِئين نهاري ويندي هئي جو ڪيس پتو به نه هوندو هو. اِهو سچ آهي مرڻ اکيون ئي مچائينديون آهن، دل کي اُن جو پتو گهڻو پوءِ پوندو آهي.

اِئين به ڪونه هو ته آشا اُن ڳالهه کان غير واقف هئي يا ڪمل انجاڻ هو. ڪمل چاهيو پئي ته هوُ آشا سان گڏجي ۽ ڪيس پنهنجي دل جي ڳالهه صاف صاف چئي ڏئي. ۾ دل مان اُهي ٻه ٽي اکر نڪرڻ ڏاڍا ڏکيا ٿيندا آهن. نڪري ويا ته نڪري ويا نه ته اُنهن وچ ڪير پلي سڄو وقت پيو اُلجهي. اُن هڪ اکر کي ئي معنيٰ هوندي آهي، اُن معنيٰ تي ئي زندگيءَ جو دارو مدار ۽ آڌار هوندو آهي.

۽ ڪمل ڪيئن چوي؟ ڇا چوي؟ ڪهڙا لفظ ڪم

نهن کي آرسيءَ ۾ پسندي پنهنجو پاڻ نٿي ڪوئي
وهت ٿي پوندو آهي. گنگناڻ هن جي سڀاءَ ۾ هو
ر اڄ جيڪو هن گنگنايو ٿي، اهو آواز ڄڻ ڪو پورب
جو سنديش ڪٺي، سندس چپن تي لهرايو ٿي. اوچتو
يءَ کهڙي خوشي، ڪٿان ڏوکي سندس اندر ۾
هڙي آئي هئي. اهڙو اڳـ، هن پاڻ کي ڪڏهن نہ،
انيو هو. کيس ياد آيون دروءَ جون ڳالهيون. سندس
ڇيءَ ۾ وڻ وڙهيءَ وانگر ٻانهون وجهي ساڻس هوءَ
عجيب غريب ڳالهيون ڪندي هئي. کيس اُن تي
عجب بہ لڳندو هو ۽ ڪڏهن نہ، چئي بہ ڏيندي
هئس، ”درو تون پاڳل تہ نہ ٿي ويئي آهين!؟“
درو ٽهڪ ڏيئي کلي ڏيندي هئي، ”اهو پيار
ي اهڙو آهي جو سچ پچ پاڳل ڪري ٿو ڇڏي. تون
سمجهندي هوندينءَ مان پاڳل ٿي ويئي آهيان....“
انين چئي وري ٻئي پل ٻچي وهندي هئي، ”تون
ڪوڙ تہ نٿي ڳالهائين، مون سان ڪو چرچو تہ نٿي
ڪرين، ڇا مان سچ پچ پاڳل ٿي ويئي آهيان؟“
تڏهن هڪ لڳا آشا کيس ڳل تي چهنڊڙي پائي
چيو هو، ”پاڳلن کي ڪي سڱ ٿيندا آهن ڇا؟“
ليڪن اڄ آشا انين پاڻهي رهي هئي تہ پيار جي ڪا
مستي بي آهي. دروءَ سچ ٿي چيو. ڪٿي منهنجي
ر اهڙي حالت تہ نہ ٿيڻجي ويئي آهي! پوءِ ڇا مان

اهڙيءَ اسٿتيءَ ۾ هوءَ ڪيڏانهن وڃي؟... ڇا ڪري؟؟ هٿ هٿائي اُٿي بيٺي. ڪمل به. اُٿي بنهي سندس پرسان ٿي بيٺو. انهن لڳو تماشام ويلي سندن آڪريون آسمان جي ڇت هيٺان هميشه پئي مليون آهن. يُگ بدليا هئا. ها، اُهو پريم اڃا به قائم هو. ڪمل سندس بيٺي هٿ پنهنجن هٿن ۾ جهليا. آشا جڻ پروس هئي، بيوس هئي. ڪڇي نٿي سگهي. هميشه شايد پيار انهن گونگو رهيو آهي. ڪمل چيو، ”آشا هن سانجهيءَ جو قسم مان توسان توڙ نباهيندس، ڪڏهن به توکان الڳ نه ٿيندس. پنهنجو هيءُ واعدو مان وري دهرايان ٿو. شايد جنم جنم ۾ دهرايو هوندم. آشا هميشه جيان هن جنم ۾ به تنهنجو ساٿ رهندو، اهڙو وشواس اٿم.“

آشا جا هٿ ازخود هن جي هٿن ۾ ڍلها پئجي ويا هئا. اُن وقت پکين جا جوڙا آسمان ۾ وهار ڪندا اُڏامندا پئي ويا. سانجهيءَ جي پيشانيءَ تي بي انتها روشني هئي.

سڄي رات مٺي بي چئنيءَ مان پاسا بدلائيندي آشا بستري تان اُٿي هئي ته ڪيس اُهو نئون صبح لڳو هو. ڪيس پنهنجي دل جي ڌڙڪن ڪجهه ٻي محسوس ٿي رهي هئي. سندس اسب جي قار مثل سنهڙن چپن تي هڪ اُها مٺي گلابي مرڪ رقص ڪرڻ لڳي

منهنجي ٽي سرڀ جو ڪو حصو آهي. هوءَ اِئين ڀانئي ٿي ۽ مان نہ ڀانئيندي يس؟ دروءَ کي خبر نہ ٻہ پوي پر ڪڏهن نہ ڪڏهن پاڻ خود ٽي ڪيس ٻڌائي ڇڏيندي. اِئين نہ ڪندي تہ ٻنهنجو پاڻ سان ڇڙ ڪو ڏوهہ ڪندي.

چندر آشا جو سؤمت هئو. ساڳيءَ ڪالونيءَ ۾ پنجن منٽن جي فاصلي تي سندس گهر هو. سندس پيءُ ڪانٽرئڪٽر هو. پي. ڊبليو. ڊي جي رستن وغيره جا ٺيڪا تہ ڪٺندو ئي هو ليڪن هڪ لڳا ريلوي اسپتال جي نئين بلڊنگ جو ٺيڪو کڻي هن خوب ناڻو ۽ نالو ڪمايو هو. چندر پيءُ جو اڪيلو لاڏلو پٽ هو. ڪاليج جي حاطي اندر ڪار مان لهندو هو تہ اُتان لنگهندڙ ڇوڪرين جون نظرون مٿس وڃي ٽڪنديون هيون. قدرت ڪيس سڊول بدن ۽ بي پناهہ سؤنهن بخشي هئي. دروُ آشا سان گڏ سندن گهر اڪثر ويندي رهندي هئي. ٻنهنجي جنم ڏينهن تي هن دروءَ کي بہ ڪوٺ ڏني هئي. خود چيو هئائينس، ”ضرور اچجانءِ.“

دروءَ آشا کان پڇيو هو، ”پوءِ ڇا ڏيانس.“

آشا چرچو ڪندي چيو هوس، ”دل نہ ڏجانس باقي ٻيو جيڪي ڪپئي سو ڏينس.“

تڏهن دروءَ چيو هو، ”آشا جيڪي تو نہ ڏيڻ

ٻہ اِئين ٻهڪيون ٻهڪيون ڳالهيون ڪنديس؟ اِنهيءَ
خيال ڪيس ڊيڄاري ڇڏيو، ڇرڪ ڀرائي ڇڏيو. ڏروءَ
جي ڳالهہ ٻي آهي. هوءَ تہ اِئين سمجهندي آهي تہ
مان سندس ڇو ڪو انگ، ڪو ڀاڃو آهيان. اِن
ڪري هرڪا ڳالهہ مونسان اِئين ڪندي آهي جڻ
پنهنجو پاڻ سان ئي پيئي ڪري. هن کي تہ ايترو بہ لڄ
حياءُ نہ ٿيندو آهي تہ مونسان اهڙيون ڳالهيون ڪيئن
ٿي ڪري؟ چندر ڳل لئي ڇهبري پائيندس تہ اُها
بہ مونسان ڳالهہ ڪندي تہ ڏاڍو شيطان آهي. سندس
زلفن ۾ آڱريون وجهي اهڙي ڪا ڳالهہ ڪندو بہ
ڪٿي تہ چوندي ڏاڍو لچو آهي، اصل مڇلايو ڇڏي.
پيار ۾ تہ ڪڏهن ڇا ڪجهہ ڇڏي وڃبو آهي، مان ڪا
اهڙي ڇري ڪونہ آهيان جو اُهي سڀ ڳالهيون
ڏروءَ سان ڪريان. هڪ تہ اهڙيون ڳالهيون مان
ٻڌي ڪونہ سگهنديس. چندر ۽ ڪمل ۾ فرق آهي.
هوُ ماڻي ڀلي مثل آهي پر چندر اِئين ڪونهي، جيئن
هوءَ ڳالهيون ڪندي آهي. پر مان اهڙو ڇو ٿي
سوچيان؟ رنڌڻي ۾ ڇانهہ ٺاهيندي آشا کان ڇرڪ
ڀرجي ويو ۽ اُن وقت هن تمام خيالات کي دماغ مان
لڏي ڪڍيو. هن کي تہ اِهو بہ ڊپ ٿي رهيو هو تہ
ڪٿي ڏروءَ کي انهن ڪا خبر پئجي وڃي. پر نيڪ
آهي. جي پوانديس تہ ڇا! هوءَ ڪا ڌاري ڪانهي.

ڪاڏيءَ ٿي ڇهنڊڙي پائي ڇيو هو، "توکي ڇا ٿي ويو آهي!؟"

"بس هاڻي توکان وڌيڪ ڪجهه نه پڇنديس."

آشا ڇيو هو، "تون پاڳل ٿي پيئي آهين. پاڳل کان ڪجهه به نه پڇبو آهي. ڇوڪرا ڇوڪرين مٿان مرن اهو بدو اٿم پر تون ڇوڪري ٿي ڪري......"

دروءَ ٽهڪ ڏيئي ڪليو هو. هن جا اکڙ واٽ اندر ٿي پيچي ٿري ويا هئا.

دروءَ جي دل کي چنڊر جاڻي ويو هو. ڀلا ڪير نه چاهيندو ته مان سهڻو جسم پنهنجي ٻانهن ۾ ڀريان؟ شايد اوتروئي لالو رکڻ لاءِ چنڊر هن جي ويجهو هليو آيو هو. پنهنجي اڻ جنم ڏينهن تي سندس ڪن ۾ ڪجهه پڻڪيو هئائين ته دروءَ جي تن من جا دنار ڪاي ويا هئا. هوءَ ڏاڍو خوش ٿي هئي. گويا سندس سپنو سچو ٿيو هو. لڏهن ڪيس اهو پتو ڪونه پيو هو ته هن آشا کي ڪيڏو زور سان ڀاڪر پاتو هو!

روز رات جو آشا ۽ دروءَ روٽي کائي گهمڻ لڪرنديون هيون. ٻيءَ گهٽيءَ جي موڙ وٽ کين چنڊر گڏيو هو. الاساگر جي ڪناري ٽهلندي پٿر جي وڏيءَ چپ ٿي وڃي وهندا هئا. چنڊر دروءَ جي ڀر ۾

لاءِ ڇيو، اُها مان کيس اڳيئي ڏيئي ويٺي آهيان. الائي ڇو، مان کيس من ئي من ۾ پيار ڪرڻ لڳي آهيان" اِهو سڀ ڊروءِ بي حجاب ٿي ڇيو هو. پر حساب ۾ ڪنهن کان ڪري؟ آشا ڪا ٻي ٿوروئي هئي.

تڏهن آشا ڇيو هو، "نه ڙي، اهڙي ڳالهه نه ڪجانءِ. مونکي الائي ڇو ڇوڪرن کان ڊپ لڳندو آهي."

ڊروءِ ٺهڪ ڏيئي کلي ڏنو هو. خوب کليو هئائين، آشا جي اهڙي ٻولاٻن لي.

پر تڏهن ۾ آشا کي وشواس نه آيو هو ته ڊرو جيڪي چوي ٿي سو ڪو سچ آهي. اِئين ڪڏهن ڪڏهن ڊرو سائنس چرچا ۾ ڪندي هئي. پر ايڏو وڏو چرچو؟ آشا کي عجب لڳو هو. پوءِ دل ۾ ڇيو هئائين، وقتي اِهو سچ هجي نه ته ڪا ڇوڪري پنهنجي مک سان اِئين ڪيئن چوندي؟ اُنهيءَ سائيءَ سادگيءَ وچان پڇيو هئائينس، "ڊرو تون سچ پچ هن کي پيار ڪرڻ لڳي آهين؟"

"تڏهن ڪوڙ ٿي ڳالهايان؟ مونکي الائي ڇا ٿي ويو آهي! چوندي آهيان سڄو وقت جيڪر سندس اکين ۾ ويٺي هجان."

آشا جا ڏند پڪوڙجي ويا هئا. حيرت وچان ڪا مهل سندس اکين ۾ پئي نهاريائين. ڊروءِ تڏهن کيس

مڪان جي ايوان ۾ گلاب جي گلن جون ڪونڊيون رکيل هيون. هوءَ به گل چوندي هئي. ٻه گل چُني هٿ ۾ ٿوري دير لاءِ گلن جي ڪونڊين وٽ رکجي بيهي رهي هئي. نچاڻ چاڪون منٽ اڳ لاءِ سندس قدم اُتي ڄڻ ڄمي ويا هئا، پر پوءِ خيالن کي جهوٽو آيو ۽ هوءَ اڱڻ لتاڙي ٻاهر نڪري آئي هئي. دروءَ وٽ پهتي ته هوءَ اڃا بستري مان اُٿي نه هئي. ورانڊي واريءَ ڪڙڪيءَ کان هن آهستي سڏ ڪيو، "درو"

درو جاڳي رهي هئي. اماڪ اُٿي در لاٿائين. "ايڏو سوير آئي آهين. ڇو رات جو ننڊ ڪانه آئي اٿيئي ڇا؟"

"هيڏو اڃو صبح ٿي ويو آهي. تو لاءِ اڃا رات آهي! پر ياڻي تنهنجو ڏوهه ڪونهي. تون هن وقت ته سپنن جي دنيا ۾ هوندي آهين ۽ سپنن مان جاڳائڻ جو ڪم مونکي ڪرڻو پوندو آهي. سگهو تيار ٿي وٺ."

درو ڄڻ ڊوڙ پائيندي باٿ روم ڏانهن ويئي. آشا ائندي هئي ته پوءِ پنج پڃان ۾ تيار ٿي ويندي هئي.

ڪمل سائيڊ روم ۾ سمهندو هو. جنهن کي هڪ دروازو ٻاهرئين ورانڊي کان هو ته هڪ هن اندرئين هال

وهندو هو. آشا کان پلا ڇا ڳجهو هو؟ سڀ ڪجهه ڄاڻندي هئي. جتي ڪٿي آشا جو ڳڻ هئڻ ضروري هئو. آشا سان گڏ چندر جي گهر وڃڻ ۾ به ڇا هچڪ کهڙي؟ چندر جا ماءُ پيءُ ڪڏهن ٻاهر هليا ويندا هئا ته اُنهن نو يڪلاين گهڙين ۾ دروءَ جي پيار جو عجيب آنند ماڻيندو هو ۽ دروءَ کي به لڳندو هو ته اُنهن کنن ۾ جڻ ڪيس جيون ٿي نصيب ٿئي. زندگيءَ جي لنبيءَ راهه تي هن پنهنجا سپنا سجائي ڇڏيا هئا. پر ڪيس اُها کهڙي ڪل ته اُنهن سپنن جي قولن کي ڪنهن ڏينهن چندر لتاڙيندو اڳتي وڌي ويندو.

دروءَ جي اهڙي ڇڙواڳيءَ، اهڙو بي لغام من، يا اهڙو پاڳلپڻو آشا کي سٺو نه لڳندو هو. پر پوءِ دروءَ جي والان کي جو ڪي پتو ندي هئي ته چپ ٿي ويندي هئي. سوچيندي هئي ته شايد پاڻ غلط آهي. دروءَ کي اجايو ٽوڪي ٿي يا ڪجهه چوي ٿي. اُها ته اُنهن دلين کي سڌ جيڪي هڪ ٻئي سان جڙيل آهن پي دل پلا ڇا ڄاڻي؟

اُن ڏينهن آشا ڪجهه سوال پروني گهران نڪتي هئي. ڪيس اِهو سڌ سماءُ نه رهيو ته ڪو هوءَ ايڏو سوال نڪري رهي آهي. رستي تي هميشه جيان صبح جي اچاڻ ڦهليل هئي، پاڪ اچ اُن کان به وڌيڪ. گل به ڪيس هونئن کان وڌيڪ شوينيڪ نظر آيا هئا.

اڪثر الائي گهڻا دفعا هن ٻڌا آهن، هر يگ، هر جنم ۾ "آشا مان تنهنجو آهيان، توڙ تائين نباهيندس. هر يگ ۾ انسان هڪ ٻئي کي پاتو آهي، کوهيو آهي، وري پاتو آهي. مان اهوئي آهيان تنهنجو ساڳيو ڪمل" آشا الائي ڪهڙن خيالن ۾ کوهجي وئي. ائين ئي دروءِ جو آواز سندس ڪن پيو، "اچ آشا." ۽ هوءِ ٻاهر در ڏانهن هلي وئي هئي. آشا اُٿي ته من ڪيس جڻ ڪجهه چئي رهيو هو. قدم پاڻ مرادو اڳتي وڌي ويا. ٻاهر نڪتي ته سندس هٿ ۾ هڪ گل هئو، جو ٻاهرئين رستي تي اچي هن دروءِ کي ڏنو هو. دروءِ پڇيو "تنهنجو گل ڪٿي؟"

آشا هٻڪي چيو، "اڄ هڪڙوئي گل ٽڙيو هو، جو تو لاءِ آندم."

"هڪڙوئي گل ٽڙيو هو!" اهي لفظ دروءِ کي جڻ توان لڳا هئا. ٿوروئي ڪي اڳتي وڌيون هونديون ته دروءِ کي ڪجهه ياد پيو. هوءِ پنهنجي ڊائري ڪڍڻ ڀلجي وئي هئي. "بس اجهو آيس آشا" ائين چوندي هوءِ ڊوڙندي گهر هلي وئي هئي. سائيڊ روم ۾ ٽيبل تي ڊائري رکيل هئي. هن سئچ آن ڪيو. سڄو ڪمرو روشن ٿي ويو. وهاڻي وٽ رکيل گلاب جو ڳاڙهو گل ائين پئي ڏنو جڻ ڪا ڳجهارت هجي. ڊائري ڪڍي، بتي وسائي هوءِ نڪريون

طرف نه، جيڪو هر وقت کليل رهندو هو. هال ۾ ٻرندڙ ٽيوب لائٽ جي روشنيءَ ۾، سائيڊ روم جي دروازي پرسان پيل صوفا سميت صاف چٽو پئي ڏٺو. جيسين درو تيار ٿي وڃي، آشا صوفا تي وڃي ويٺي. هونئن هوءَ رڌڻي طرف هلي ويندي هئي نه ته به سائيڊ روم جي بتي ٻاري اتي وڃي ويهندي هئي. پر اڄ بتي ٻارڻ جو سوال ئي ڪٿي ٿي اٿيو. ايتري قدر جو سندس آهٽ جو به آواز ڪونه ٿيو، اُئين هلي صوفا تي آهستگيءَ سان وڃي ويٺي هئي. اُئين ڪيس اتي ويٺي ڪافي وقت گذري ويو هو. جنهن لاءِ هن جاڳندي رات ڪاٽي هئي، اهو ڪيئن نه ننڊ ۾ غافل ستو پيو هو! هڪ ڳالهه ڪري اهو ستو ئي ٿيو هو، نه ته هوءَ هتي ويهي به ڪيئن سگهي ها. ايشور ڪري سندس وڃڻ تائين هو اُئين غافل ئي رهي. سندس هٿ ۾ ٻه گل هئا. ڪيس اوچتو ويچار آيو ته اُتي هڪ گل سندس وهاڻي کان رکي ڇڏي. پر پوءِ اُليئي اُئين ڪرڻ کان من ڪيس ڇڪيو ته آشا لوڪي ٿي ڇا ويو آهي! اڇا دروءَ ڪي ٿي چيئه، پر پڳلي لون به ته پاڳل ٿي ويئي آهين يا اُن طرف لنهنجا قدم وڌي رهيا آهن.

تماشام وارو نظارو سندس اکيان تري آيو. ڪيس لڳو هوءَ جنم جنم کان هن سان گڏ رهي آهي. اُهي

سندس گل روئي ٻل کي چمان ها! ڇي ڇي هي ڪهڙا گندا ويچار آيا؟.... ٻئي پل هن سوچيو، خدا نه خواسته اگر اهڙي گهڙي اچي به وڃي ۽ هوءَ ڪا اهڙي اٻهرائي ڪري وهي ته آشا ڇا سوچيندي؟ ڪيس برو ته نه لڳندو! ڪيڏو نه اهو منظر عجيب ٿو ٿئي جڏهن ٻن دلين جي ڌڙڪن هڪ ئي وقت هڪ ٻئي ۾ سمائجي ٿي وڃي. انهن ساهن ۾ سرهاڻ هوندي آهي ۽ زندگيءَ جي شاهراهن تي دور دور ڦهلجي ويندي آهي. ڪيس لڳو ته هوءَ آشا جو هٿ جهلي ڪنهن راهه تان وڃي رهيو هو. جبلن جون لاهيون چاڙهيون، جيستائين نظر ٿي وڃي ساواڻ جا غاليچا وڇايل هئا. ان هڪ پل لاءِ هو الائي ڪهڙيءَ دنيا ۾ ڪوهجي ويو هو پر پوءِ اوچتو جڙ ڪو ڇرڪ ڀرجي ويو هجيس، ائين هوءَ ان دنيا مان ٻاهر نڪري آيو هو. گل سندس هٿ ۾ هو. ان کي هن سنگهيو ۽ گهرو ساهه کنيو. آشا جو ڏنل گل هو. هن پنهنجي ساهن جي پوري خوشبوءِ گويا ان ۾ ڀري ڇڏي هئي. ۽ پوءِ وري ڪنهن ڪن لاءِ هو الائي ڪيڏانهن گم ٿي ويو هو.

صبح جا پهريان ڪرڻا، ڪاچ جي ڪڙڪين مان ڪمري ۾ ڦهليا هئا جو هوءَ بسترو ڇڏي اٿيو. برش ڪري چانهه پيتائين پر سندس من سرير اندر جهٽ هڻو ٿي ڪوٺي،

وڪون ڪٽي، وقتي ڦوڙ پائيندي سگهوئي آشا وٽ ڀڄي وئي هئي. "ڊائري ڪڍڻ پاڻ وئي هئس. پر آشا تو نه ڪمال ڪيو. مون کان به ايڏي لڪ؟" ۽ پوءِ ڳچيءَ ۾ ٻانهن وجهي چيائينس، "اڄ هڪڙو گل ٽڙيو هو نه! ٻڌاءِ اهي گل ڪڏهن کان ٽڙڻ لڳا آهن؟"

آشا سڄي پاڻي ٿي وئي. کيس ڇا ٻڌائي ته اهي گل ڪڏهن کان ٽڙڻ لڳا آهن؟ ۽ پوءِ سربستو احوال ڪرڻو پيو هوس.

دروءَ تڏهن سندس ئي لفظ ڪم آڻيندي چئي ڏنو هو، "پر سنڀالي قدم کڻجانءِ. هي ڇوڪرا ڏاڍا ڏنگا اٿيئي. مٿان ڪجهه ڪوهي نه وهين."

سائي ڇهين وڳي ڪارخاني جي سيٽيءَ تي ڪمل آلس ڀڃي پاسو ورائي جئن ئي اٿيو ته ڳل تي نگاهه وڃي اٽڪيس. همراهه کان ڇرڪ ڀرجي ويو. لاڪي جي مهل هيءَ گل؟ پر پوءِ ڪوڙو پڇندي کيس دير نه لڳي. جئن اوچتو زبان ۾ چڪ پوڻ تي يا هڏڪي ٿيڻ تي، ڌيان اُمالڪ اوڏانهن ڇڪجي ويندو آهي ته ڪير کيس ياد ٿو ڪري، ٺيڪ اِئين ڪمل آشا کي ياد ڪرڻ لڳو. هوءَ سندس ڪمري ۾ آئي هئي!؟ عجب کيس اِن ڳالهه جو لڳو ته هوءَ اُن وقت جاڳيو ڇو نه. ضرور ڪجهه نه آهٽ ٿي هوندي. نه نه ٻه هن کيس ڇو نه جاڳايو. ڪاش! مان

کونہ ٻڌي، ٻيو ئي راهہ ڪشادي ڪري ڇڏيندي
۽ اهو سڀ منحصر آشا تي هئو تہ هوءَ دروءَ اڳيان
اها ڳالهہ پڌري ٿيڻ ڏئي ٿي يا نہ. ڇو تہ ڇوڪريون
اهڙي اسٿتيءَ ۾ پاڻ کي ڏاڍو ڳجهو رکنديون آهن.
۽ ڪيس اها کهڙي کل تہ دروُ ڪيس پاڻ سان گڏ
هلڻ لاءِ ڇو ڪين چوندي هئي! ڪالونيءَ جون
ڇوڪريون تہ ڪونہ گڏ ٻيون هيون پر ها ڪٿي وچ
راهہ ۾ ڇوڪرو سو ضرور گڏجي ويندو هو. آزاد
خيالن هوندي بہ دروءَ نٿي چاهيو تہ ڪمل هتي ڪن
ٿورن ڏينهن لاءِ آهي، اجايو ڪو ٻيو خيال پاڻ سان
کڻي وڃي. حقيقت تہ اها هئي، دروءَ پنهنجي دل
جي ڳالهہ اڃا تائين ماءُ سان بہ نہ ڪئي هئي. هڪ
نہ هڪ ڏينهن تہ ڪرڻي ئي هئي. چندر کي سندس
ماءُ جائيندي سڃاڻندي هئي. اهڙي گهر ۾ وڃڻ تي
ڀلا ڪيس ڇو اعتراض ٿيندو، بلڪ هوءَ پنهنجي ڌيءُ
جي خوشين کي سر اکين تي رکندي. رهيو چندر جو
سوال؟ سو هن جي جڻ جان هو. سندس سرير ۾
جيڪو رت ٿي وهيو، اُن جو هوُ هڪ حصو هو. ۽
جيسين ڪا ڳالهہ ٿئي تهن کان اڳي ڪو بہ نہ
چاهيندو تہ اها پڌري ٿئي. پنهنجو ست ڇڏي ڏئي.
مٿ پيڙهائي ٻاڻي ۾ دروءَ لاءِ هرو ڀرو انهن ڪونہ
هو. هوءَ تمام آزاد طبع هئي. آشا سان بہ ڪرڻ

ڪنهن ٻئي هنڌ پئي ويو. منهنجو ڌيان تائين جيسين آشا نه آئي هئي، پڪو پئي. آشا آئي ته هن پهرين نگاهه سان ئي ڪيس ڪجهه چئي ورتو، آشا اهو سڀ ڪجهه ٻڌو، ايتري قدر جو دل کي به پتو نه پيو هو ته اُنهن اکين، اک ڇنڀ ۾ ڇا هڪ ٻئي کي چئي ورتو هو.

شام ٿي ته ڪمل بيچينيءَ وچان مٿي ڇت تي ٽهلندو رهيو. ليڪن آشا ڪانه آئي. هوءَ گهر جي ئي ڪم ۾ مصروف هئي. رات جي روٽي کائي سو ضرور ايندي هئي، پوءِ ٻئي ساهيڙيون گهمڻ هلي وينديون هيون. اڄ ڏينهن تائين ڊروءَ ڪمل کي ايترو به ڪڏهن نه چيو هو ته تون به هلندين ڇا؟ ۽ نه وري ڪمل ئي ڪا اهڙي چاهنا ڏيکاري هئي. ۽ ڇوري به ڇو ته مان توهان سان گڏ گهمڻ هلندس؟ ڪهڙي خبر ڪالونيءَ جون ڪي ٻيون به ڇوڪريون ساٿڻ گڏ ٽهلڻ نڪرنديون هجن. اُنهن وچ ۾ هوُ ڪهڙو سوُنهندو؟ ڪنهن جي آزاديءَ ۾ رخنو وجهڻ سٺو ناهي. سندس موجودگيءَ ۾ هوُ پورو ٽهڪ ڏئي به کلي نه سگهنديون. پر اڄ سندس من ۾ آيو هو ته جيڪر ساٿڻ گڏ وڃي. ڊروُ آزاد وچارن جي ڇوڪري هئي. ڪيس رڳو ايترو پتو پئجي وڃي ته آشا ۽ مان هڪ ٻئي کي چاهيون ٿا ته هوءَ راهه ۾ روڙو ته

ڊرُو جڏهن به چنڊ سان ملندي هئي ته، اُڏامندي هئي، اوچو تمام اوچو. ۽ چنڊ اهوئي چاهيندو هو ته هوءَ اوچو اڏا ۽ اوچو اُڏامي.

هوُ ٻئي تڪڙو تڪڙو ورانڊي واري ڏاڪڻ لهي وڃي رهيون هيون جو ڪمل اچ چئي ڏنو، ”ڇو پاپائي هميشه توهان ٻئي گهڻو وڃو موکي صلاح به ڪونه ڪيو. مان هلان يا نه هلان، صلاح کان به ويس ڇا!“

ڊرُو هٻڪي ٻهي رهي. ڪيس ڇا چوي؟ پر ڪجهه نه چوڻو ئي هو سو تڪڙ ۾ چئي وئي، ”تون هلندين ئي ڪونه، اسان کي خبر آهي.“

”اِها وري ڪٿان خبر پيو ته مان ڪونه هلندس!“

ڊروءَ کان ٽهڪ نڪري ويو، ”جي اِئين آهي ته پوءِ ڀلي هل.“

”پر پاپائي اِئين نه هلڻ لاءِ ڪونه چيو آهي. اِهو ٿيو جڻ زوريءَ ڪنهن کان ڪلمو پڙهائڻو.“

ڊرُو ٽهڪ ڏيئي کلي رهي هئي، ”هل نه ڀلا دير ڇو ٿو ڪرين. هاڻو هجيئي ته هل نه ته اسين وڃون ٿيون.“ اِئين چئي هوُ هليون وئون. ڪمل ڪين ڏسندو ئي رهجي ويو.

آشا جي دل ڌڙڪي رهي هئي ته ڊرُو ڪيئن ٿي هلڻ لاءِ چويس. چنڊ ڀيڻو هوندو. گيٽ کان

جهڙيون ڳالهيون ٻه ڪري ڇڏيندي هئي، ۽ وري مجال جو سندس منهن ۾ ڪو فرق پوي. هوءَ ٽهڪ ڏيئي کلندي هئي ته آشا وسميءَ مان ڏانهنس پيئي نهاريندي هئي ته ونس هيءَ ڪهڙي دل آهي! گڏ رهيل ٻن ڄڻين ۾ هن آشا سان ايڏا ته چرچا ڪيا هئا جو آشا ڪڏهن ته صفا ٻاڙهي ٿي ويندي هئي. ڪنهن نه ڪنهن ذڪر ۾ هوءَ ڪمل کي وچ ۾ ڪڍي ايندي هئي. هڪ لڳا ته کيس ڏاڍي چهنڊڙي پائي آشا چئي ڏنو هو، "ڏاڍي بي شرم آهين!" ليڪن اُن ٻنهيان ۾، وڏا ٽهڪ ٻڌڻا پيا هئا آشا کي. ڪجهه به آهي، عورت ۽ پرش جو پيار اهڙو نرالو ٿورو ئي ٿو ٿئي، اُن کي نرالو ڪيو ٿو وڃي. پر هوءَ دروءَ کي ڪجهه ڪونه چوندي هئي. درو اُن جو اُلٽو ارٿ ڪڍي منهن ٿي ڪجهه نه ڪجهه چئي ڏيندي هئس. ائترو ته آشا به ڄاڻي وٺي هئي ته ڪجهه به چوڻ ۾ دروءَ ڪا لڄ نٿي ڪئي. هن جون خوشيون، ٽهڪ، هن لاءِ اُهائي موج مستيءَ واري دنيا هئي. سچئي چوڪرين وٽ اهڙي دل ڪانه ٿي ٿئي. چندر دروءَ جي اهڙيءَ دل کي پائي جڻ نهال ٿي ويو هو. پر ڪهڙي خبر ڪٿي چندر ته دروءَ جي اهڙي دل نه ٻڌائي هئي؟ هن جي دل مان خوف خطري کي ڪڍي جڻ اُن ۾ اُڏامڻ جا پر اُڪائي ڇڏيا هئائين.

پوءِ ڇا ٿي پيو جي گڏ هوندو ته."

"نه درو منهنجي دل ائين چوي. تون شايد
منهنجو آزمودو ٿي لهين پر مان سچيءَ دل سان ٿي
چوان، تون ڪيس هلڻ لاءِ نه چئج."

دروءَ صرف ٺهڪ ڏيئي ڪلي ڏنو هو. آشا جي
دل جي سچائيءَ کي دروءَ پرکيو ٿي. ڪمل چندر
سان گڏ جي، ڪيس ڪجهه پتو پوي، اهو هن نٿي
چاهيو پر دروءَ به ساڳئي وقت نٿي چاهيو ته ڪمل
اڳي، وٽي ساڻن گڏ هلڻ جي خواهش ڏيکاري
ءِ هُو ڪيس مٺڙي صلاح ڪري، اڪيليون هليون
وڃن. اهڙيءَ صلاح ٿي پلا هُو ڪيئن ساڻن گڏ هلندو؟
هو ڄاڻهن ڪمل ڄاڻي ويو هو ته درُو نٿي چاهي. آشا
جي نه چاهڻ جي ته هيئر ڪا ڳالهه ٿي نه هئي. پر
اُنيئي وري اهو خيال آيو هوس ته ڪالوليءَ جون
کي پئون ڇوڪريون به ساڻن گڏ هونديون، اهڙيءَ
حالت ۾ درُو به ڪيس ڪيئن چوي؟ هنن پنهي جي
هلي وڃڻ ٿي، ڪمل اهڙو ٿي ڪجهه سوچي، اندر
بستري تي وڃي ليٽي پيو.

چندر رستي تي بيٺو هو. ٿورو ٿي پنڌ ڪري
ساگر جي ڪناري هُو چپ ٿي وڃي ويٺا. اڪثر
اهائي سندن وهڻ جي جاءِ هئي. دروءَ چئي ڏنو،
"چندر ٿورکي ڪمل بابت ته ٻڌايو ٿي آئيم. امتحان

باهر نڪتيون ته آشا چيو، ”سنو تيو گڏ ڪو نه هليو.“

”هلي ها ته پاڻ توسان هت، هت ۾ ڏيئي هلي ها، سنو ڪيئن ٿي چوين“ ڏروءَ چرچو ڪيو.

”نه ڏروُ هروڀرو هيءَ چرچي ڪرڻ جي ڳالهه ڪونهي، ڪيس ڪڏهن به هاڻ لاءِ نه چئج.“

”ڇو ڏپ ٿو ٿئيئي؟“

”ها“

”ڪهڙو؟ .... ته هت، هت ۾ ڏيئي هلندو؟؟ .... نه نه، هاڻ مون سمجهيو، ڪٿي چنڊر کي نه پتو پئجي وڃي ته هاڻ آشا به .... ڪيئن آهي نه ائين؟“

”نه ڏروُ ائين ڪونهي. مان نٿي چاهيان ته ڪيس پتو پوي ته رستي ۾ اسانکي چنڊر گڏ بو آهي.“

”پڳلي. پتو پيو ته ڇا ٿيندو؟ مان نه ڏجان ٿي ڪوله ٿي. سياڻي مان ڪيس پاڻ سان گڏ وٺي هلنديس.“

”نه، ائين نه ڪجانءِ.“ آشا پيرن کان سرڪائين ڏڪي وئي.

”مان نه وٺي هلنديس انس سندس اِها چاهنا آهي ڪنهنجي چاهنا کي ٺڪرائڻ سنو ڪونهي. مان چاهيان ٿي چنڊر سان گڏ گهمڻ، ڇا هوُ نه چاهيندو ته اسان گهمڻ وڃون تيون ته هوُ به اسان سان گڏ هجي، جتي آشا آهي...... هن پنهنجي دل جي ڳالهه چئي هئي،

”چالو اٿم، تڏهن ته جوان ٿي ۽ اهڙو فخر به اٿم“
ڪن ڏينهن چپ رهي ڊروءَ چيو، ”ڳالهه اِها آهي ته آشا
۽ ڪمل هڪ ٻئي کي چاهين ٿا.“

آسمان مان جڻ ڪا پاري چپ ڀاٽيءَ ۾ اچي
ڦاڪي سان ڪري هجي، آشا ڇرڪي ويئي، ’تو
هي ڇا ڪيو ڊروُ؟‘ آشا کي من ۾ آيو ته اُن وقت
ساگر ۾ ٽپي ٻڏي وڃي. ٻڌڻ جهڙو ٿي ته ڪيس ٻڌائي
ڇڏيو هٽائين. چندر سان ٿي ڳالهه ڪري، جيڪو
سندس سوٽ هئو!

پر چندر ان کي تمام نديءَ سطح لسي ڪئيو،
”تمام سٺو. اگر آشا کي ڪمل جهڙو سٺو ڇوڪرو ملي
وڃي ته مون لاءِ اِهو خوشيءَ جو باعث آهي. مونکي
ان ۾ جيڪي مدد ڪرڻي پئي ڪندس.“

حقيقت اِها هئي ان مهل ٿائين ته چندر جو ڊروءَ
۾ ساهه هو. ۽ ڊروءَ به هن مٿان ساهه ٿي ڇڏيو.
چندر ڪهڙيءَ نه مشڪل گهڙيءَ ۾ سندس ساٿ نه
ڇڏيندو، اِهيءَ وشواس تي هن چندر کي پنهنجي
دل جي گهراين ۾ جاءِ ڏني هئي. شايد اِهوئي ڪارڻ
هو جو اِها ڳالهه هن چندر کان خود ٿي لڪائي نه رکي
هئي. پوءِ جو چندر کي پتو پوي ۽ پتو پوڻ لازمي
به هئو. ڪنهن جي اکين ۾ چاهي؟، ڪڏهن اکيون ٿي
ڳالهائي ونديون آهن، تڏهن چندر ٿي ڪيس ڏورابو

ڪري هُو اسان وٽ نڪتل آهي، اڄ اِئين چئي ڏنائين تہ توهين گهمڻ وڃو ٿيون تہ مونکي صلاح بہ ڪونہ ڏيون ڪريو. خير اڄ تہ اِئين هلي آيونسين. هوُ هتي اچا چڱا ڏينهن رهندو. وري جي ڪڏهن چيائين تہ وٺي ايندي ساڻس."

"اِهو تون مونکان ڇو ٿي پڇين. تنهنجي دل ۾ جيڪي اچي، ڪر. مان تنهنجي پٺيان آهيان، پر مونکي ڇا جو ڏپ. مونکي تہ پاڻ ساڻس ملي خوشي ٿيندي."

"اڇا! خوشي ٿيندءِ!؟" ڊروءَ اِئين پڇيو جڻ چندر جي لفظن تي ڪيس عجب لڳو هجي. وقتي اِئين بہ، تہ مٿان اِهي اکر هن دل سان نہ چيا هجن.

چندر ٽهڪ ڏيئي کلي ڏنو، "پڇي اِئين ٿي جڻ منهنجو اِمتحان ٿي وٺي. اڙي ها ڀائي مونکي خوشي ٿيندي، مونکي خوشي ٿيندي، خوشي ٿيندي. چوين تہ ٽي دفعا اِهي اکر دهرائي وڃان."

"ٽي دفعا نہ.... ايترو ئي ڪافي آهي." اُٿيئي وري ڊروءَ چئي ڏنو، "هڪ ٻي ڳالهہ ٻڌايانءِ دل ۾ تہ نہ ڪندين."

"ڪمال آهي! تنهنجي معنيٰ اڄ تائين تو منهنجي دل کي ڄاتو ڪونهي."

”ڪجهه به ڪونه ٻڌو آهي آشا، سڀ ڪجهه نيڪ ئي ٿيو آهي. ۽ ائين ٿيڻو هو. چندر کان اها ڳالهه ڪيستائين ڳجهي رهي ها؟ هڪ نه هڪ ڏينهن کيس ٻڌائڻو ئي پوي ها. اهو جي اڄ ٻڌايم ته ڪهڙي غلطي ڪيم. چندر کي تون ائين ٻيو يا ڌاريو ڇو ٿي سمجهين، هو به پنهنجو ئي آهي. تون ته ائين ٿي چوين پر مان خود ڪمل سان ڳالهه ڪنديس ته منهنجو چندر سان پيار آهي. تو پنهنجي دل ايڏي هيسائي ڇڏي آهي جو جيڪو قدم ٿي کڻين، اُن لئي ٿي ڊڄين. دنيا ۾ ائين ڪين هلي سگهبو.“

”پر به ڊرُ......“

”مونکي تنهنجا اهي وعظ ڪونه ٻڌڻا آهن.“

ڊروءَ کيس وچ ۾ ئي ڪٽي ڇڏيو هو.

آشا بستري تي اچي ليٽي ته سندس دماغ ۾ اڃا به جهڙو ڪُن جو گهيرو ٿيل هو. ڪتولو گول گول ڦري رهيو هو. الائي ڇا ٿيندو! ڀڳوان خير ڪجانءِ. هر وقت هن جهڙا ڏٺيءَ کي پٺي ٻاڌايو. هر گهڙيءَ کيس انهي خيال پٺي ستايو، ڪٿي چندر کي اهو سڀ ناگوار ته نه لڳو هوندو؟ لڳڻ به گهرجي. هن آشا کي اڄ تائين ائين ڪٿي سمجهيو هو! سندس نظر ۾ آشا سڌي سادي هئي، پر اڄ بستري تي ليٽيءَ هوءَ سندس لاءِ ڪجهه ٻيو سوچي رهيو هوندو. ڊروءَ سچ ٿي چيو، ائين

ڏٺي ها، تون مونکي پنهنجو نٿو سمجهين، تڏهن ته اِهو سڀ لڪل رکيئه. ۽ اهڙو ڏوراپو سندس دل کي ڪيڏو نه ڏکوئي ها.

ڳالهه ڪرڻ کان اڳه گهڻيئي ويچار آيا هئا دروءَ جي من ۾. شايد اِهي به ته، سڀني کي هڪ ٻئي جي سڌ هوندي ته ڪير به ڪنهن کي ڪنهن ٻيءَ نگاهه سان نه ڏسندو. هر ڪنهن جون پنهنجون ڪليل راهون هونديون. جئن پاڻ چندر سان ملي جلي ٿي تئن چو ڪين آشا به. ۽ چندر اُن وچ اڏ هجي، اهو هن نٿي چاهيو.

۽ سچ پچ چندر اُن وقت اِها اهڙي ته رواجي ڳالهه ڪري سمجهي هئي جئن اڪثر ٻن دلين جي وچ ۾ ڪڏهن اوچتو ڳنڍ ٿي ويندو آهي. جي هوُ ٻيئي هڪ ٻئي کي چاهين ٿا ته ان ۾ برو ئي ڇا هئو؟ چاهڻا عمر جي تقاضا آهي. ۽ وڏي ڳالهه ته ڪمل دروءَ جي رشتي ۾ هو. آشا اهڙي چونڊ ڪانه ڪئي هوندي جيڪا غلط هجي.

پر آشا جو من جئن ڊانواڊول ٿيو هو، آخر تائين ڊانواڊول رهيو. جڏهن موٽندي چندر پنهنجي گهٽيءَ طرف مڙي ويو هو ته آشا چيس، ”تو هي ڇا ڪيو دروُ. ڏاڍي هلڪي آهين. چندر هاڻي ڇا سمجهندو؟ تو منهنجو ٻيڙو ٻوڙي ڇڏيو.“

دم سندس اُها ڏکئي پنهنجين ٻانهن ۾ سمائي
ڇڏيندو.

بند ڪرڻ ڪيءَ سبب ڪمل جي بستري تي اونده
هئي. هال جي روشني دروازي تائين پهچي ٿمجي
ٿي وئي. صوفا جي هڪ ڪنڊ روشنيءَ ۾ وهنتو
پئي، جتي آشا ويٺي هئي.

پر ڪمل جو اهو سپنو، سپنو ئي رهجي ويو جڏهن
آشا، درد جي سڏ ڪرڻ تي هڪدم اُٿي ٻاهر هلي وئي.
ڪمل جڻ آسمان مان پٽ تي اچي ڪريو هو. سڀ
سپنا ٽٽي ذرڙون ذرڙون ٿي پکڙجي ويا هئا.

درد آشا جي منهن ڏانهن نهاري چيو، "لڳي ٿو
رات وارو درد تون اڃا دل ۾ ڪنيو پيئي هلين."

"سچ ته درد انئين ئي آهي. سڄي رات مون
جاڳندي ڪاٽي آهي"

"پيو توکان ڇا پڇندو! تون آهين ئي اهڙي، وت
اکين کي ڳاڙهو ڪندين." ڪن چپ رهي درد چيو
هو، "مونکي توتي حيراني ٿي لڳي. تون ايڏو
سوچين ڇو ٿي؟ ڪهڙي ڳالهه آهي جيڪا توکي ايڏو
مجبور ٿي ڪري سوچڻ لاءِ؟ ... مٿان ڪنهن کي پتو
پئجي وڃي انئين؟"

"مونکي پنهنجو پتو پوي ته ٻڌايانءِ نه"

"توکي پتو پوندو نه ڪيئن؟ پنهنجي ٻاڇي کان
ٻ ڄڻ وارن کي ڇڏي پنهنجو پتو پيو آهي ڇا؟ چندر

جي دل کي هيسائيو ته دنيا ۾ ڪيئن هلي سگهبو. ڪاش! ونس ديوءِ جهڙي دل هجي.

گذريل رات اگر اهڙي ڳالهه نه ٿئي ها ته اڄ صبح جو هوءِ ڪمل لاءِ گل ڪٽي وڃڻ جيڪر ڪين پاڄي ها. پر صبح ٿائين سندس هوش حواس جڻ گم هئا. رات هي ڇا ٿي ويو هو! اها سوچ، اهو فڪر سندس دماغ مان اڃا به ٻاهر ڪو نه نڪتو هو. اڄ به ڪالهه جيان سويل پرو گهر ڇڏي هلي آئي هئي ديوءِ وٽ. پر اڄهاٽيل اڄهاٽيل ۽ مايوس. من ۾ ڪا خوشيءَ جي لهر هجي، اُن اڳيان جڻ اڏ اچي ويئي هئي. هاڻ ته پيار جي ويچار به ڪيس ڇرڪائي ٿي ڇڏيو. ديوءِ اهو سنو نه ڪيو هو.

ديوءَ سنيرڻ ۾ هئي جو هوءِ ڪالهه جيان چپ چاپ صوفا ٿي وڃي ويٺي ليڪن ڪالهه ۽ اڄ جي ويچارڻ ۾ وڏو فرق هو. ڪمل سمهيو هو پر سندس موجودگيءَ جو احساس خير ڪو هو. هوڏانهن ڪمل اٿين ڪٽي ڇنجي ته صبح جي هن گهڙيءَ لاءِ سڄي رات جڳڻ بندگيءَ ۾ ڪاٽي هئي. هو جاڳي رهيو هو. هن ڄاتو ٿي، آشا سندس بستري ٿي ڪالهه جيان گل اچي رکندي. آشا اِن ڳالهه کان بي خبر هوندي ته ڪيس ننڊ آهي ۽ پوءِ گل رکندي هو سندس همت پڪڙي ويندو. هوءِ هڪدم ٽڙڪي ڏڪي ويندي ۽ پوءِ اُن

لڳائي ته، تنهن اڳيان گهڻو اڳ ظاهر ٿي ويو آهي. ڪمل لائين چپ ٿي ويو گويا زبان تائين آندل اکر واپس ڳيهي ويو هو. دروءَ ٺهڪ ڏيئي ڪلي ڏنو، ”آشا ڪي ته ڏسين نه بدليل بدليل. ها، هوءَ هڪ ڏينهن ۾ گهڻو بدلجي ويئي آهي. سوچي ٿي ته، ڇو سنڌس همت جهليو آهي......“

هوءَ پورو جملو چوي تنهن کان اڳ ڪمل جو وات ڦاٽي ويو هو. دروءَ جو هيءُ پيو جهٽڪو هو آشا ڪي. آشا سمجهي نه پئي سگهي ته دروءَ جي من ۾ آخر ڇا آهي؟ هن اهو سڀ ڪيس ان لاءِ ٿورو ئي ٻڌايو هو ته جتي ڪٿي ڪيس پڌرو پٽ ڪري ڇڏي؟ پاڻ به ته سنڌس ڳالهه رکي هئائين، پنهه دل ۾ سانڍي.

”ڪمل توکي شايد عجب لڳي پر مونکي سڀ معلوم آهي.“ ڪن دير لاءِ شانت رهي هن چيو، ”هيءَ ڪا اهڙي ڳالهه ڪونهي جنهن لاءِ ڪنهن کي ڪو اعتراض ٿئي. پيار ڪير نٿو ڪري؟ جڏهن ڏاڪڻ جي اُن ڏاڪي تي پير پوي ٿو ته ڏاڍو سنڀالي کڻڻو ٿو پوي. ۽ عمر اُهي ڏاڪا ضرور اورانگهيندي آهي. هڪ هڪ ڏاڪو گلن سان سجايل هوندو آهي. پر اُهي گل ڪنڊن کان سواءِ هجن، ائين به ڪونهي. مونکي آشا سڀ ڪجهه ٻڌايو آهي. ڀلا ڪنهن کي پنهنجو جاڻي ڪير نه ٻڌائيندو؟ اڄ مان به توکي پنهنجو جاڻي ڪجهه ٻڌائڻ واري آهيان ۽ ٻڌائڻ چاهيان

سان ڳالهه ڪرڻ ڪانپوءِ ئي تنهنجو اهڙو من ٿيو آهي. ڪالهه ته ڪمل پڻ سان گل رکيو هوءِ. اڄ مون لاءِ ڪونه آندءِ، نه پاڻ لاءِ. اڄ توکي گل چونڊڻ جي به سڌ ڪونه رهي. اهڙو من نه ٻڌاءِ آشا، اهڙو من نه ٻڌاءِ."

آشا جي دل ڀرجي آئي. سندس اکين ۾ آنسن جا قطرا ماڪ: ڦڙن وانگر چمڪيا پئي، دروءَ کان اِهو ڳجهو ڪين رهيو هو. هن اِهو ڄاتو ٿي، سندس جهڙو من آشا وٽ ڪٿي هو! دروُ ملس ترس کائي رهي هئي.

منجهند سمي ڪمل اوچتو چئي ڏنو، "آشا اڄ تون ڏاڍي موڳي پئي ڏسينءَ، ڇا ڳالهه آهي؟"

آشا ڇرڪ ڀريو، "اڄ يعني؟"

"اڄ صبح جو....، تون اِتي صوفا تي ويٺي هئينءَ."

آشا کي مات ۾ ڏسي هن ٻئي پل چيو، "پر تون ويٺو آئينءَ ئي ڪونه.... ڇو آشا ڪهڙي ڳالهه هئي؟"

"ڪجهه به ڪونهي"

"ڪجهه به ڪونهي، اِهو مان مڃيندس ڪونه، ڪجهه مڙيوئي آهي. توکي مان ڏاڍو بدليل بدليل پيو ڏسان."

ايتري ۾ دروُ ڪو اِهي لفظ ٻڌندي ڪمري ۾ گهڙي هئي، "ڪنهن کي تو بدليل بدليل ڏسين؟"

ڪمل کي ڀلا ڪهڙي سڌ ته جنهن اڳيان هوُ پاڻ

سان ڳالهه ڪئي آهي. نه رڳو اِها، پر اِها به ته تون ۽ آشا هڪ ٻئي کي چاهيو ٿا."

ڪمل جي پيرن هيٺان ڄڻ ڪو پاڻيو لڪتو هجي اهڙي عجب مان هن چيو، "تو هن سان اِها ڳالهه ڪئي!؟"

درويش ٽهڪ ڏيئي کلي ڏنو، "تو وٽ ته، نس پس آشا جهڙي دل آهي. ڪيم نه چئا ٿي پيو. چندر اُنهن مان ڪوهي جنهن تون سمجهين ٿو يا عام طرح سمجهيو آهي. بس آشا کي رات کان وٺي اِهو ئي فڪر آهي ته مون چندر سان اهڙو ذڪر ڇو ڪيو؟ اُن جي اجاين سچاين نتيجن کي ڪٽي هن سڄي رات پاڻ کي پيڙيو آهي. پر ڪمل چندر اهڙو ڪونهي. مان هن جي تمام ويجهو آهيان، ايڏو ويجهو رهندي به جي ڪيس پرکي نه سگهان ته پوءِ چئبو مان مورکه آهيان، پر جيڪي به ٿي ويو آهي، ٺيڪ ٿيو آهي. اِن پر ڪجهه به غلط سمجهڻ نه گهرجي. اڳتي وڌڻ لاءِ راهون کليل هئڻ گهرجن، ڇو ڪير ڪنهن تي شڪ شبهه ڪري. اگر ڪري ٿو ته پهرين ڪري اهو سڻو آهي."

ڪمل اُنهن چپ ويٺو هو جيئن ڪنهن جا لفظ کسجي ويندا آهن ۽ سمجهه ۾ نه ايندو اٿس ته ڇا ڳالهائي؟

درويش چيو، "تون چندر سان ملندين ته پوءِ پاڻهي ڄاڻي

تي، ڇو نه ڄاڻ اٿم تو وٽ به اُهائي دل آهي جيڪا
مون وٽ آهي، آشا وٽ به آهي.“

”تو رات ڪجهه چيو هو. ڪنهن طرح تو پنهنجي
دل جي اِڇا ظاهر ڪئي هئي ته تون به جيڪر اسان
سان گڏ هلين. شايد اهڙو ويچار پهرين توکي نه به آيو
هجي، هينئر ڇو آيو، اِهو ڪنهن کان ڳجهو ڪونهي.
مون توکي چيو به هو، هل. پر تون نه هلئين. بس
تنهنجي اُن ويچار ۽ اِڇا کي ڪٽي رات مون چندر
سان ڳالهه ڪئي هئي.“

ڪمل هيل تائين نه ساڌارڻ هو. چپ چاپ درو
کي ٻڌائين پئي پر اوچتو چندر جي نالي کيس چرڪائي
ڇڏيو. اِهو هن لاءِ نئون نالو هو. درو چيو، ”ڪمل
مان توکي پاڻ سان گڏ هلڻ لاءِ نه چوندي هئس جو
واٽ تي اسانکي چندر گڏيو آهي. تون پهريون آهين
جو مان توسان پنهنجي دل جي ڳالهه ڪري رهي
آهيان. اڃا تائين اَما سان نه ڪئي اٿم، وقت اچڻ
تي نه ڪنديس ٿي...... چندر آشا جو سؤٽ آهي.
هُو مونکي، مان کيس چاهيان ٿي، اِئين جئن تون
آشا کي چاهين ٿو ۽ هوءِ توکي. تون گڏ هوندين
توکي خبر پوندي، جئن هر ڪنهن جي دل ۾ سوال
اُٿندو آهي، بس اِن ڪري ٿي توکي گڏ هلڻ لاءِ نه
چوندي هئس. پر اڄ توکي وٺي هلنديس. مون چندر

هئا. ڪمل ۽ آشا لاءِ اِهو ڄاڻڻ مشڪل نہ هو تہ ڪير
اڪيلو ڇڏي، پاڻ اڪيلي ۾ وهار ڪرڻ هليا ٿا وڃن.
اُن مهل ڪمل کي محسوس ٿيندو هو تہ ساگر جي لهر
سمان هوءَ آشا ۾ سمائجي ٿو وڃي. ساگر سڄو لهرون
لهرون، در حقيقت لهر تہ هڪ ئي آهي.

اُتان موٽي بستري تي ليٽندي ڪمل اُنهن لهرن
جو هلڪو مٺو شور ٻڌندو رهندو هو. اهي ڇپ سان
سان اچي ٽڪرائبيون هيون. اُتيئي ڪا لهر سندن
پيرن کي ٿڌو ڪري هلي ويندي هئي. تڏهن هڪ
انوکي مستي ڪمل جي من ۾ جنم وٺندي هئي.
پاڻيءَ جو ڇهنگ پري سندس منهن تي هڻندو هو.
پاڻي ڳچيءَ کان هيٺ ٿيندو لهي ويندو هو. مٺو ناز
ڀريو آواز ڪنن ۾ گونجندو هو. "ڏس نہ، ـــ سڄو
پسائي ڇڏيئہ. ڏاڍو ڏنگو آهين."

"اِهيءَ پسڻ ۾ ئي سڀ ڪجهہ آهي." تڏهن
يءَ کن هٿ سان اُها آلاڻ اُگهي ڇڏيندو هو.

پر پوءِ بہ آشا جي لبن تي اُهائي مٺي شڪايت
هوندي هئي، "تون حد لڄو آهين."

ڪمل چوندو هو، "آشا تنهنجي اِها شڪايت ئي
تہ مونکي وڻندي آهي. مان توکي وڌيڪ تنگ
ڪندو آهيان ان لاءِ تہ تون شڪايت ڪرين."
ڪڏهن تہ وري اُنهن اکرن کي اِهو روپ ڏيئي
چوندو هو، "آشا اڄ تہ اسين بہ هڪ لهر ٻڌجي ساگر

منع ٿيل هئي تہ ڪير بہ ڪيس ڊسٽرب نہ ڪري. نہ رڳو ايترو پر جڏهن هوءَ گهر ۾ آهي تہ گوڙشور نہ ٿيڻ گهرجي.

ڪمل، آشا ۽ دروءَ جو ڪل ٿهڪڙو ٿيندو تہ اُها منجهند جي ويلا هوندي هئي، جڏهن هوءَ ڪاليج ۾ هوندو هو ۽ جانڪي ڪم ڪار مان فارغ ٿي مٿئين ڪمري ۾ وڃي ليٽندي هئي. تڏهن ٻپهريءَ جا ٻہ اڍائي ڪلاڪ هوءَ هن هيٺئين حصي ۾ پاڻ کي بيحد ئي نہ ويڪلا پائيندا هئا. ڪمل سوچيندو هو، پيار جي دنيا ڪيڏي نہ پياري ۽ اديت آهي! پيار ڌاران اِنسان سچ پچ هڪ سڪل درخت آهي. آشا جي موجودگيءَ ۾ ڪيس زندگيءَ جو روپ رنگ ئي ڪجهہ عليحدو نظر ايندو هو. ساڳئي وقت هن آشا جي من کي بہ بدلائي ڇڏيو هو. آشا سوچيندي هئي تہ اِن کان پهرين وٽس ڪو ٻيو من هو.

ساگر جي پرينءَ پار ٽين جي جهرمر کي ڏسي دروءَ جي وائان هڪ لڳا اِئين نڪري ويو، ”لڳي ٿو ڄڻ ٻمبئيءَ جي جهوءَ تي پهچي ويا آهيون.“ دل ۾ اُمنگ آهن تہ جهوءَ ڇا، پوري ڪائنات جي سونهن نکري پوندي آهي.

هميشہ اِئين ئي ٿيندو هو، دروءَ ۽ چندر ڪائين الڳ، ٿي ڪنارو ٿي ڪنارو ڏئي ڇڳو پري هليا ويندا هئا ۽ وچ وقت جي وڏي وٿي وجهي مونندا

ڪهل ڪا ڇوهه پري لهر، ڇپ سان ٽڪرائجي، ڦِرن
۾ بدلجي سندن مٿان ڇڻ ميهن ٿي وسايو.

ڪا ڪا اهڙي رات ڪمل لاءِ سڄي پڄ ڇڻ ايامن
جون يادون کڻي ايندي هئي. ايڏو موهه، ايڏو
پيار ڪيس آشا سان ڪيئن ٿي ويو هو! آشا، سندس
جيون جي آشا آهي، اِهي لفظ سندس من ۾ هر وقت
پڙاڏو بڻجي گونجندا هئا.

اِمتحان جا ڏينهن ويجهو پوندا ويا. باقي ٻه ڏينهن
وڃي بچيا هئا. ميلاپ لاءِ ويجهو عرصو خوشيون کڻي
ايندو آهي، وڇوڙي لاءِ غم. ڪمل پڇيو، ”ڇو آشا
تون خوش نظر ڪونه ٿي اچين؟“

”خوش ته آهيان.“

”اِهي صرف ٻاهر جا لفظ آهن. شايد سوچين ٿي
تہ مان هت ڪن ٿورن ڏينهن لاءِ آهيان. اِئين برابر
آهي تہ مان هفتي اڌ ۾ هتان هليو ويندس، ۽ وري
توسان ملڻ ايندس تہ ڪڏهن. هيئن روز
نہ ملي ٻہ نہ سگهنداسين. ساگر جو ڪنارو دور ٿي
ويندو. تون نہ وري ٻہ هتي اچي سگهندينءَ پر
اڪيلي هوندينءَ ۽ مان ٻہ ميل پري هڪ وڏيءَ حويليءَ
جي اونداهي ڪمري ۾ سڙو پيو هوندس. لالٽين جي
لاٽ ۾ تنهنجو نُور، تنهنجو چهرو پيو پسندس. جيڪي
خيال تنهنجا آهن، اُهي منهنجا ٻہ آهن. اسين اڪيلا

م لهي پئون."

آشا هاڪو ٽهڪ ڏيئي کلي ڏنو.

"چو کليئه؟"

"بس ائين ئي"

"ليڪن بس. ڪهڙيءَ ڳالهه تي تون کل ئي آئي هوندءِ."

"تنهنجون ڳالهيون ئي اهڙيون آهن."

"ڪهڙيون؟"

"رات جي هن سمي ساگر ۾ لهي پئون" ائين چوندي آشا ورئي به پنهنجي کل روڪي ڪونه سگهي هئي. تڏهن اُن کل ۾ هوءَ ڪيڏي نه معصوم پئي لڳي! ها، بيحد معصوم.

"آشا توسان گڏ گهاريل هڪ هڪ پل، تنهنجو هڪ هڪ ٽهڪ مونکي صديون تائين ياد رهندو."

"بس" آشا هڪدم سندس چپن تي هٿ رکيو هو، "صديون جون ڳالهيون نه ڪر. مان ڊڄي ويندي آهيان جڏهن تون صديون جون ڳالهيون ڪندو آهين."

"ڪمال آهي، اُن ۾ ڊڄڻ جي ڪهڙي ڳالهه؟ مان ته اڄ به تنهنجا اُهي ٽهڪ ٻڌندو آهيان. هي ٽهڪ اُنهن جو پڙاڏو ئي ته آهن."

آشا سندس گود ۾ ڪنڌ رکي ليٽي پيئي. هوءَ سندس وارن، ڳلن تي هٿ ڦيريندو رهيو. ڪنهن

پوءِ ساگر لئي نظر ٿي وڌائين. اکين اڳيان سنگمرمر جون ديوارون چٽيون ٿي ويئون.

”آشا تون ايڏو شانت ڇو آهين؟ ڳالهاءِ نه“ ڪمل چيو.

”تون ڳالهاءِ، مان ٻڌندي رهنديس.“ تمام هلڪو جهيڻو آواز، ڄڻ ڪنهن درد مان ڦٽي نڪتو هجي.

”مونکان منهنجون هي راتيون نه کس ڪمل. تون هتي ڇو نه ٿو رهين! مان توکي ايڏو دور نٿي ڏسڻ چاهيان.“

ڪمل ٿورو هيٺ جهڪي سندس ڳل کي آهستي چميو ”مان ڪو وري توکي دور ڏسڻ ٿو چاهيان؟ امتحانن بعد اگر مونکي ڪو فڪر رهندو ته اهو ئي ته هتي ڪڏهن ٿو گهر ڪري اچي وهان. ڪجهه به ٿي پوي، گهر وارن کي هينئر مڃائڻو ئي پوندو. هو ڄاڻن ته منهنجو هتي ڪير به ڪونه هو، هاڻي منهنجي آشا جو هتي ٿي رهي. ڪيئن به ڪري مڃائيندس.“

آشا جون ٻانهون ڪمل جي ڳلي ۾ هار ٺهي ويئون. ۽ پوءِ ڪافي دير هو ڇپن ۾ ڳالهيون ڪندا رهيا.

وقت کي سيڻي بادشاهه سڏيو آهي ۽ سچ پچ آهي به بادشاهه، ڀلا ڪير ڪاٿس وڌيڪ ٻلوان آهي؟ شل نه سندس رفتار ۾ ڪو ڦيرو اچي. خوشي غم ۾ ۽ غم

ٿي ويندا سين. پر اُن جو اِهو مطلب ڪونهي ته اسين وري ڪڏهن گڏ ٿياسين ئي ڪونه. منهنجو روح ته مان هتيئي تو وٽ ڇڏي ويندس، مون وٽ باقي هوندو ئي ڇا؟ اُن صدقي روز نه ته پئي چوٿين ڏينهن ته ايندس ئي پيو. ۽ ڪڏهن ڪا رات ٽڪي به پوندس. منهنجو اِهو واعدو آهي."

آشا هيئنر وڌيڪ ڪجهه ٻڌي نه پئي سگهي. سندس دل جهڙو وسامندي هجي، اهڙيءَ حالت ۾ هوءَ ڪمل جي گود ۾ ليٽي پيئي.

ڪمل سندس ڳل تي هٿ رکيو. "آشا مان خود ڏاڍو ڳوڙ و ٿي ويو آهيان، اُئين تو لڳيم تو پنهنجا سڀ غم مونڏانهن موڪليا آهن. پاڻ کي ايڏو چِڪناڻ ۾ نه رک، آشا." اُئين چوندي ڪمل ڪا دير شانت ٿي ويو. لهرون آيون ٿي، هاڪين ٽڙي ان سان ڇپ کي ڇهي واپس اٿاهه جل طرف موٽي ٿي ويئون. دور دور تائين مراڄهڙي چادر پاتل ساڳر ڦهليل هو. ستارن جي جهڪي روشنيءَ ۾ سامهون بارادريءَ جون سنگمرمر جون ديوارون هاڪي شعاع وچان جرڪيون پئي. گويا ممتاز جو نُور ٿي جرڪيو. آشا بي سرت ڪمل جي گود ۾ ليٽي پيئي هئي. ڪنهن ڇوليءَ جو ڇپ سان ٽڪرڻ جو هاڪو شور اُڀريو ٿي. ڪمل شانت هو. آشا جي مک ڏانهن نهاريائين ٿي،

نٿي چاهي ۽ بابا کي ڪسٽوڊين جي جڳهه هٿ
ڪري هميشه لاءِ اُتي رهڻو آهي پر مان اهڙيءَ
گندگيءَ ۾ نٿو رهڻ چاهيان، تون به نٿي سمجهائينس."

جانڪيءَ ٽهڪ ڏيئي کلي ڏنو هو، "مان ته گهڻو ئي
چوان پر هوءَ ٻڌن به نه. هوءَ ته بس هڪ ڳالهه کي ڳنڍ
ٻڌي ويٺا آهن. مان خود چاهيندي آهيان ته توهان
هيڏانهن هن طرف اچي رهو. سڀ، صلاح ۾ ويجهو ته
هوندا سين."

"بس هاڻي مان به هڪ ڳالهه جي ڳنڍ ٻڌي ٿو
وڃان، بابا اما کي ڪيئن به ڪري مڃائڻو آهي."

جانڪي مرڪي رهي هئي، "ٺيڪ آهي. مڃائين
ته پاڻ سٺو."

"اُن ڏينهن شايد مون توسان اها ڳالهه ڪانه ڪئي.
مون هتي هڪ جڳهه ڏٺي آهي. ٺهي پيئي. مونکي
ته ڏاڍي سٺي لڳي."

"ڪٿي......؟" جانڪيءَ اُتسڪتا وچان پڇيو.

"مندر جي ڀرسان جيڪو ميدان آهي، اُتي. ٻه
ڪمرا آهن، ورانڊو، اڱڻ، پنهنجي روءِ سوءِ الڳ،
۽ نويڪلي جڳهه. رنگ روغن جو باقي ڪم رهيل
آهي سو به ڏهن ڏينهن ڪن ۾ ٿي ويندو. تون به هاڻي
نظر مان ڪڍ."

"گهڻي ٿو مسواڙ چوي."

وحشيءَ ۾ اُنهن بدلجندا آهن جنهن چڪر جو ڪو ڪرشمو آهي. ساڳين مهانمائن زندگيءَ کي ڀرپوري سڏيو آهي ليڪن ڪمل ٻارن اُن کي قدرت طرفان بي بها تحفو ڄاتو آهي. جتي بسنتي هيرن ۾ بهارون ڦولار جون. گلن جي غاليچن تان ٻڪون پائي، جتي پيار ڪليا ٽهڪ ڏيئي کاي ٿو، لاشڪ اُها زندگي هڪ وڻن سمان آهي. ڪمل ۽ آشا هڪ صورت ٻڻجي چڪا هئا. سندن ٽهڪ ساڳيا، دل ۾ اُتندڙ خوشين جي لهرن جو چوهه هڪجهڙو هو. واٽيءَ ۾ مڌرتا ۽ سرلتا ساڳيائي هئي. دل ۾ آيل ڳالهه، ٻيءَ دل مان ساڳيو آواز ٻڌجي اڪرندي هئي.

اِمتحان ختم ٿيندي ڪمل آزاد ٿي ويو هو. پر هيءَ ڪهڙي آزادي هئي؟ خوشين ڇنل آزادي. ان کان ته اُهو ٻنڌن سٺو هو، ٻنڌن ۾ مکتي هئي. جيستائين اِمتحان نه ٿيو هو ته ڪمل پيڻ وٽ نشچنت ٿي ٽڪيو پيو هو پر اِمتحان پوري ٿيڻ ڪانپوءِ اُتي رهڻ کي هينئر ڪا معنيٰ ڪونه هئي. ها البت ايترو سو ضرور هئو، هن پيڻ کي چيو، "ڄاڻڪي هن دفعي مان بابا سان جهڳڙو ڪندس. مونکان هينئر اُن جڳهه ۾ رهيو نه ٿيندو. اسان ڪسٺو ٻن جي اُن جڳهه کي ڇڏي پوئي پائيندا سين جو هڪ گندي ماحول سان پاڻ کي ڳنڍي ويٺا هجون. اَما ته، گوميءَ کان پري ٿيڻ

کي ميري ڏوٽي ۽ ڪڙتو پاتل هو، مٿي جا وار گهڻي
پاڻيءَ اُڏامي ويا هئس، سنت کان مٿي پڇيائين، "هيءَ
جڳهه توهان ٺهرائي رهيا آهيو؟"

"ها"

"مسواڙ لاءِ ڏيندا يا......"

"مسواڙ تي نه ڏبي. پر اچا ٺهڻ ۾ ڪجهه ڏينهن
لڳي ويندا."

مسواڙ جو ٻڌي ڪمل کي ڏاڍي سرهائي ٿي. هوءَ
پوءِ اندرئين حصي ۾ ويجهي جڳهه کي اِئين ڏسڻ لڳا
جڻ اُها ڪين نئي ونڻي هئي. ڪمل آشا کان پڇيو،
"ڪيئن ڳالهه وڻي؟"

"مولڪي ته ڏاڍي سٺي ٿي لڳي. دروُ ڪوڻ؟"

"ها ڀائي، جڳهه ته هر لحاظ کان سٺي آهي."

"هر لحاظ يعني؟"

"يعني ٻئي جي ڳالهه ڪونهي، مولڪي سٺي
لڳي آهي."

"مان تنهنجو مطلب سمجهان ٿو." ڪمل چيو،
"سائيڊ روم کي ٻاهران الڳ در آهي نه گهر جي
اندرئين طرف اڱڻ کان الڳ. يعني سائيڊ روم
جو اندريون در بند ڪجي نه اسانجي پنهنجي الڳ
دنيا هوندي، ائين نه؟" ڪمل ٺهڪ ڏئي چيو هو
۽ درو ءِ به ساڳئي وقت ٺهڪ ڏيندي چيو، "اهي

”اِهو ٿي سؤ سوا ته وٺندو ٿي. مون اڳ ۾ لھايو ڪونه ٿماس پر جي ڏيڍ سؤ به ڏنائين ته لائي ڪونهي.”

جانڪيءَ ٺهڪ ڏيئي ڪلي ڏنو، ”ڏيڍ سؤ ڇئي بابي کي ڏنڊ وجهنديئن ڇا؟ سوچيندو ڪٿي پنجن روپين ۾ وينا آهيون، ڪٿي ڏيڍ سؤ.”

”بابي جي بس اِهائي ڳالهه ته ماري ٿي. اِئين ته پوءِ هن جاءِ مان ڪڏهن به ڪونه اُٿنداسين. پر بابي کي ايڏي مسواڙ ٻڌايون ٿي ڇو؟”

”نه، ڪيس ڪا خبر پوندي؟”

”هتي اچڻ ڪانپوءِ ڀلي پڇيس. پوءِ کي مان پڇي پوندس. ءِ هڪ ٻي ڳالهه به مون سوچي آهي، ڀارت ناٽيم ڪندس ته منهنجو سؤ سوا اُڪري ايندو. پڻ ڪجهه به ٿي پوي هن ڳالهه ۾ تون منهنجي مدد ڪر. اَما کي تون مڃاءِ، بابي کي مان مڃائي وٺندس. هوڏانهن به، هيڏانهن اسان ٻه به. بازي اسين ڪٽي وٺنداسين.”

جانڪيءَ وڏو ٺهڪ ڏيئي ڪلي ڏنو، ”ٺيڪ آهي ڀائي، ڀلي بازي ڪٽ.”

ڪم ٿيڻ ڪان ٿيندو آهي ته الائي ڪيئن اوچتو ٿي ويندو آهي. اڃا به ڏينهن اڳ جي ٿي ته ڳالهه هئي. ڪمل، درو ۽ آشا ڀاڙيءَ ٽان گهمي موٽيا پئي ته اُن جاءِ وٽان اچي لنگهيا هئا.

ڪمل اِئين ٿي ڪٿي اُن شخص ڪان پڇيو هو، جنهن

طرح مڃاءِ، مان ته چوندي هئاس."

پر ڪمل جي ننڊ ڦٽي پيئي. ڪيس فڪر ورڙهي ويو ته ڍهر پوڻ لي ڪٿي ڪو ٻيو مسواڙي نه وٺي ڇڏي. مڪان مالڪ جي رخ مان ظاهر هو ته جاءِ تيار ٿيڻ کانپوءِ ئي هو مسواڙ بابت ڳالهائيندو. ليڪن ڪمل کيس اِن ڳالهه لاءِ مڃائي ورتو ته جاءِ ڪڏهن به تيار ٿئي پر سوٽي ڏيئي ڳالهه پڪي ته ڪري ڇڏجي. هوڏانهن مڪان مالڪ ڪمل جي پيٽوڙي کي سڃاڻندو هو. ساڳيءَ ڪالونيءَ جو رهاڪو هو. جانڪيءَ به مڪان مالڪ کي چيو ته ڏهن لاهه پاهه ڪري سوا سؤ لي ڳالهه طئه ٿي.

هاڻي سوال ماءُ پيءُ کي مڃائڻ جو هو. اهي ٿيا مڃين نه سمنڊ ولوڙڻ اجايو ئي ويندو. جانڪيءَ به هن دفعي چڱو زور لڳايو. جانڪي نه هجي ها ته شايد اهو ڪم ايڏو سولائيءَ سان نه ٿئي ها. پيءُ چيو، "جي توهان ٻنهي جي اِهائي مرضي آهي ته پوءِ ٺيڪ آهي. جتي رهيو اتي رهندا سين."

گوميءَ کي جڏهن خبر پيئي ته هٿن مان جهٽ ڪڇهه ڪري پيس. چيائين، "ڪمل ماءُ پوءِ تون سڀ پڄ لڏي ٿي وڃين؟"

"جيئن پٽ جي مرضي. جتي ايشور ڪي رهائيندو هوندو. اتي رهندا سين. ڇا ڪريون پٽ ۽ ڌيءَ

مطلب ته تون ڪيءَ تون ڄاڻ پر پاڻ کي هيءَ جڳهه سٺي لڳي.“

”پئسا به ته سٺا آهن.“ ڪمل چيو هو، ”ڏيڍ سؤ ته سنڀالي هل. سٺ سؤ جي پگهار ۾ هڪدم ڏيڍ سؤ جي ڪٽر، ۽ جتي اُن جاءِ ۾ ڄڻ مفت ۾ وينا آهيون. بابا ٻڌندو ته چوندو، ڪل اڄي ٽڙي اٿيئي. ڳالهه ڪيڻ سان ٿي پسي پوندي.“ ڪمل اِئين چئي ته ويو پر پوءِ ٻئي پل ڏٺائين ته آشا جي مک تان سرهائي، نڇاڻ ڪيڏانهن غائب ٿي ويئي هئي. ٽڏهن ڊروءَ ڏانهن نهاري چيائين، ”آشا جو منهن ته ڏس.“

”مان سڀ ڏسان پيئي. ٺوڪي هتي رهڻو ٿي ڪونهي ٺوڪي رکو ڳالهيون ڪري ٽيون آهن.“ اُن وقت ڊروءَ اهڙي رنج مان چيو جو مسواڙ واري ڳالهه ڪيس به ڪانه وٽي هئي. چيائين، ”رهڻو آهي ته پوءِ اها ٻي ڳالهه وري ڇا جي؟“

ڪمل ٽهڪ ڏيئي کلي ڏنو، ”مان ڪهڙي ڳالهه ٿو ڪريان، جيڪي ڪندا سي ته ڪندا ئي.“

”ڪجهه منهن ڏيڻ به سک، نه ته وينو هوندين سدائين اِنهيءَ جاءِ ۾“

ڪمل ٽهڪ ڏيئي کلندو رهيو پر آشا هئي جو ڪيڏي به مذاق ڪرڻ تي هن جو موڊ ٺيڪ ڪونه ٿيو.

ڪمل جڏهن جالڪيءَ کي جاءِ ڏيکارڻ لاءِ وٺي ويو ته هن کي به ڏاڍي وٽي. چيائين، ”بابي کي ڪنهن

هليو ويو هو.

ڪمل اُن رات ٻه پيڻ وقت ئي ٽڪيو هو. مسواڙ جي اڳواٽ ادائگي ڪري هن سک جو ساهه کنيو هو. اُها رات ڀلا ڀُلي ڪيئن نه رهي! آشا سان اڪيلائپ جا ڪجهه پل گهارڻ لاءِ سندس دل جي ڌڪ ڌڪ ڪجهه تيز ٿي ويئي هئي. کيس اُڻ ٽڻ هئي ته او نداهي ٿيڻ ڪانپوءِ اُها گهڙي ڪيڏي مهل ايندي؟ جنهن گهڙيءَ کي پنهنجو هڪ انوکو سک حاصل آهي، اُن جو انتظار ڪرڻ ڪيڏو نه سٺو لڳندو آهي!

ڪجهه ڏينهن دوران رنگ روغن ۽ فرش جي گهسائي ۽ صفائي وغيره جو ڪم پورو ٿي ويو. اِنهيءَ وچ ۾ ڪمل سڀ سماءُ لهڻ لاءِ ڪالونيءَ ۾ پيو ايندو هو. روح جي ڇڪ بي اِنتها ٿڪي آهي. ڪمل جي اهڙي حالت هئي، روح هڪ هنڌ ته جسم ٻئي هنڌ. ٽڙپ، انتظاري، ڀٽڪاءُ سندس ذهن سان چهٽيو رهندو هو. ليڪن اُن ڀٽڪاءَ ۾ هڪ انوکو قرار هو. ٽڙپ ۾ بي پناهه سنيهه هو. ”آشا بس باقي چار ڏينهن.... باقي ٽي ڏينهن“ هوُ آشا سان گڏ ٻو هو ته دوريءَ جي ڳالهه ته هوندي ئي هئي پر اُها دوري جيڪا ڌيري ڌيري گهٽجي رهي هئي. آشا مات ميٽ ۾ ڪمل جون، دل کي لڀائڻ واريون ڳالهيون ٻڌندي رهندي

ٻيئي اچي لڳا. هاڻي اسين پنهنجي من کي ڏسون
يا هنن جي خوشيءَ کي ڏسون"

"ها اِئين به آهي." گوميءَ چيو، "پنهنجي من
کان ٻارن جي خوشي وڌيڪ." ڪن دير چپ رهي
چيائين، "پيٽ مان ٿو ڪان سواءِ ته اٻاڻڪي ٿي پونديس."

"هڪ ٻئي وٽ پيا اينداسين. ڪو ٻئي شهر ٿورو ئي
ٿا وڃون."

"اِئين ته آهي پر ٿڌ هن به......" گومي چپ ٿي
ويئي هئي.

گوميءَ پوءِ ڪمل کي چيو هو، "ڪمل اهڙي دل
ڪيئن ٿيئه جو ماسيءَ کان ايڏو پري وڃي ويٺين؟"

"ماسي پري ڪهڙو آهيون. تون به هلي اچي رهه."

"نه بابا مان هتي ئي ٺيڪ آهيان. مون اڪيلائيءَ
کي چاهي، هتان هتان جون به ڳالهيون ٻڌي، مڙئي
وقت ڪاٽيو. وچ شهر جي جاءِ ڇڏي ڪير هاي
جهنگل ۾ رهندو؟ توهان ڇوڪرن جون ته آهن نراليون
ڳالهيون. اسانکي اچي گوڙ ۾ مزو، توهانکي ڪپي
اڪيلائي. مان جيسين چار ڳالهيون نه ٻڌان يا نه
ڪريان ته منهنجو ڏينهن ئي نه ڪٽجي."

"ها ماسي جهڙي تون نرالي، تهڙيون تنهنجون
ڳالهيون به نراليون." اِئين چوندو ڪمل ٽهڪ ڏيئي

ـوري ڦيرڻ لڳي، ٻستيءَ جي چونڪ مان پاڇي پيتو
ونئي ڏهر موٽندو هو. اهڙيءَ طرح سنجها جو آرليءَ
ويلي ننڊن وڏن گهنٽن جي مٽر گونجار ۾ ليٽن ٿي
ويندو هو. ڪمل جي ماءُ لاءِ ته دروُءِ آشا جڙ وندر
هيون. گهر جي ڪم ڪار ۾ هٿ ونڊائينديون هئس.
سوءِ پوءِ جو ڪم هاڻ ڪيس ڪرڻو ڪونه پوندو هو.
دروُ ڪيس رنڌڻي مان نيڪالي ڏيئي چوندي، هاڻي
ڏون وڃي آرام ڪر باقي ڪم اسين ڪري وٺنديوسين.
آشا وري دروءَ کان ٻه ٻه رليون وڏيڪ. ڪيس ڏسي
ڪمل ماءُ کي لڳندو هو ته هوءَ پنهنجن کان پنهنجي،
دروءَ کان ٻه پنهنجي آهي. ڪمل جي پيءُ کي ٻه آشا
جو سڀاءُ ڏاڍو وڻندو هو.

جڏهن هوُ ٻئي گهر ۾ ايندا هيون تڏهن گهر ۾
ڪيڏي نه رونق ورندي هئي! هر وقت ٽهڪڙا پيا
گونجندا هئا. ڪمل ۾ ٻه ته ڪافي بدلاءُ اچي ويو
هو. پريشان اچي وهندو ۽ دنيا جون، هتان هتان جون
چار ڳالهيون ڪندو. هن گهر ۾ نه ڪڏهن ڳالهائيندو
ٻه نه هو. آفيس مان ايندو، چانهه پي نڪري ويندو
ـه وري رات جو ايندو. روُٽي کائي سمهي پوندو.
شروع کان ئي ڪيس اها عادت نه وڻي هئي. پر هتي
. هوُ هر وقت سر هو. جيڏي مهل ڏس ته ڪنول
عيان پيو ٽڙي. هن جي خوشين ۾ ئي ته سندن
خوشيون هيون.

هئي. ڪمل ڳالهائيندو هو پر آشا هڪ ئي نهار ۾ تمام
ڳالهيون چئي ويندي هئي ۽ ڪمل ڪا دير ڪيس،
اِسرار ۾ ڪوهجي، ٽڪيندو رهندو هو. عورت جا
انيڪ روپ آهن. اُن روپ جي هلڪي جهلڪ پرش
کي اُلجهائڻ لاءِ ڪافي آهي. ڪمل کان سڀ ڪجهه
وسري ويو هو. اِمتحان ڏنو هئائين پر جي هاڻي فيل
به ٿي پيو ته ڪيس اُن جي چنتا نه ٿيندي. نڪو
ڪو اِهو اُلڪو ته ڪير ڪيس ڇا چوندو؟ چوڻ وارا
چئي چپ ٿي ويندا. ڪمل کي لڳو ڄڻ هوءَ اندر ئي
اندر ٽهڪ ڏيئي کلي رهيو هو، هُن بيوقوفن کي
کهڙي سُڌ ته اُن وڃائڻ پڄيان مون ڇا ڪجهه پاتو
آهي؟ هي اِمتحان ته اِئين ئي آهن، پر زندگيءَ جي
اِمتحان ۾ ڪجهه حاصل ڪرڻ وڏي ڳالهه آهي.

اُها بستي، جنهن جي ذري ذري ۾ سندس ساهه
هو، مڪان ۾ اچي وهڻ ڪانپوءِ هڪ خوشنما بهار جيان
ٽڙي پيئي هئي. ساگر جي لهر ۾ نواڻ هئي. اُنهن
رالين ۽ ٽنها ڪنن کي پنهنجو نجو، پنهنجو هڪ الڳ
روپ هو.

ڌيري ڌيري ڪمل جا ماءُ پيءُ به پاڻ کي اهڙيءَ
حالات لي نهڪائي ويا هئا. ان ڪانسواءِ پيو ڪو چارو
به ته ڪونه هو. ڪمل جو پيءُ سوير پرو اُٿي، پر-
واري رام مندر ڏانهن هليو ويندو هو. ڪتا ڪيرتن

هو ڪيس اُمالڪ پاڪر ۾ سنڀالي ويندو. اهڙيءَ مڌر ڪلپنا ۾ ڀانڪتا ڪٿي ٿي وچار ۾ آئي. هن ڏسڻ ٿي چاهيو ته آشا بي خبريءَ ۾ اُن نانگ کي ڏسي ڪيئن ڊڄي ٿي يا اُن وقت سندس ڪهڙي ٿي حالت بڻجي، ڪيس سنڀالڻ لاءِ ته هو موجود هوندو ئي. ڪنهن دل کي ڪنبائي ۽ وري اُن کي سنڀالڻ لاءِ هيءَ دل به ڪيڏا نه انسنا ٿي ڪري!

ڪمل سوچيو، اهڙو پوڳ (چرچو) هو ساڻس اڪيلائيءَ ۾ ڪندو جڏهن سندس ماءُ پيءُ شهر هليا ويندا. موڪل جي ڪنهن اهڙي ڏينهن تي اڪثر اِئين ٿيندو هو. ٻنهه اڪيلائي، نويڪلائي ايندي هئي. ڪڏهن ته ڪمل خود کين اِئين چئي ڏيندو هو، ”اما مونکي اڄ گومي گڏي هئي، سارنئي پئي. اڄ آرتوار آهي، مونکي ڪيڏانهن به وڃڻو ڪونهي، توهان ٿي اچو.“

هو ويندا هئا ته گهر ۾ راڄ هوندو هو. ها، راڄ ۾ به اهڙو سک ڪٿي؟ ٻيار جو راڄ ته نرالو ئي ٿو ٿئي. اُن ڏينهن ڪمل جا ماءُ پيءُ شهر ويا هئا. درو ۽ آشا رنڌڻي ۾ ڪو نول تيار ڪرڻ ۾ مشغول هيون. چندر کي اهڙيءَ اڪيلائپ جو پتو پوندو هو ته ايندو هو نه ته هو اڪثر رات جو ساڻن گڏ ٻو هو. هو نئين به چندر جو سياءُ ڪمل کان ڪجهه نرالو هو. ڪڏهن

سڄو مهنو گذري ويو. ان وچ ۾ ٻه دفعا گهومي
آئي هئي پر هو اڃا اوڏانهن ڪونه ويا هئا. پيا
سانباها ڪندا هئا ته حويليءَ مان ٿي اچون. ڪمل
جو پيءُ ته سوچيندو هو ته ڪيڏا ڏينهن ٿي ويا آهن
ته گمني مل، ٻالو مل ۽ سڳني مل سان گڏ چوپڙ تي
چار ٻارا ڪونه هنيا اٿس. هو سڀ ياد ڪندا هوندا.
پر پوءِ پاڻ سوچيندو هو ته ڪير ٿو ڪنهن
کي ياد ڪري؟ زندگي ائين ئي آهي، ڪجهه وساري
ڇڏڻو ٿو پوي. ڪجهه آهي جو وسارڻ لئي به نٿو وسري.
ڪمل جي ماءُ پيءُ اگر ڪجهه وساريو به هو، يا
وساري رهيا هئا ته اُن وسارڻ ۾ ڪنهن جي خوشي
سمايل هئي، جيڪا سندن جي پنهنجي خوشي هئي.
هڪ ڏينهن ڪمل مدار گيٽ تان پئي موٽيو جو
سندس نظر هڪ ڪلوني تي وڃي پيئي. ٽو جيترو به
تشاوت ڪونه هو، نس پس ٽانگ تي ڏنو. ڪارو
چيڪمرو ٽانگ. گهڙي اسپرنگ تي، لڏڻ وقت جڻ
ٻورو لهرن ۾ اچي ٿي ويو. هو اُتي رڪجي ٽانگ
ڏانهن ٽڪ ٽڪ نهاريندو رهيو ۽ پوءِ اوچتو ڪيس ڪو
خيال آيو ۽ ٽانگ وٺي گهر آيو. هڪ اهڙو خيال جو
اڳتي هلي ڀيانڪ روپ ڌارڻ ڪري ٿي سگهيو،
ليڪن ڪمل ته آشا کي محض چرڪائڻ ٿي چاهيو.
هر ڀيري جڏهن چرڪي ڪنبي، هڪدم پوءِ ٿي هٽندي ته

سڀ ڪجهه ٻر ٻرپٽ کيس مٺيا ٿي پائيندو هو. هُو سشما جي نيڻن ۾ جڏهن ڪجهه پسندو هو ته دروءَ جا نيڻ کيس سڪل ٻه ندي جيان ڀاسندا هئا. هن جي چپن جي سرخيءَ ڏسي سوچيندو هو ڄڻ سڀ ڪجهه هٿيئي آهي. اُهي چپ پنهنجو رنگ، پنهنجو سواد وڃائي ويٺا آهن. ڪارا ڪارا ۽ ڪسارا آهن. هن جي سرير مان هڪ اهڙي گند ٿي اچي، جيڪا سنگهي سنگهي هُو ٿڪجي پيو آهي. سندس ڳالهائڻ، پيار جا اُهي لفظ گنل پيتل ۽ ساڳيا ساڳيا، ڪجهه به نئون ڪونهي. سڀ ڪجهه پراڻو ۽ ارٿ هيڻ.

هن ڪجهه نئون ڀوڳڻ ٿي چاهيو. اُن لاءِ هن پنهنجا تمام ڏينهن، پنهنجا خواب صرف هن لاءِ ئي پاسيرا رکيا هئا. ڪڏهن جي دروُ ڪمل وٽ اچڻ لاءِ چوندي هئس ته وٽس بهانن جي ڪوٽ ڪونه هئي. پر جي ڏسندو هو ته دروُ ناراض ٿي ٿئي ته سندس دل رکڻ لاءِ ايندو هو پر پوءِ سگهو ئي موٽي ويندو هو. ڪو وقت هو جو دروُ هن لاءِ سڀ ڪجهه هئي پر هاڻ اهو وقت ڪنهن ٻئي لاءِ هو، دروءَ لاءِ ڪونه هو.

دروءَ کي ٿوري وقت لاءِ ڏک ٿيندو هو پر اُن ڏک ۾ پاڻ ڳارڻ هوءَ سگهي ڪونه هئي. اڄ جي کيس اهو پتو پئجي وڃي ته الا! هوءَ پاڻ سان يا هن سان

ڪڏهن ته ڪمل کي بيحد عجيب لڳندو هو. سوچيندو هو، سندس هي ڪهڙو من آهي؟ دروءِ کي هٿ کان ڇڪي هوءَ کانئن الڳ، ٿي ويندو هو. هاڻي ته ڪمل لاءِ اهڙيون ڳالهيون جڻ اڄاڻيون بڻجي ويون هيون. اعتراض جي ته ڪا ڳالهه ڪونه هئي پر ڪجهه عجيب لڳندو هو ڪمل کي. اڪيلائپ ۾ ڪير جذباتي ٿيو بڻجي؟ پيار سان جذبات جو جزو ڳنڍيل آهي. پر چندر، دروءِ کي شايد ڏسندو ٿي ان نگاهه سان هو ته، هوءِ سولهن سوپيا جو مجسم هڪ روپ آهي. جنهن روپ جي رنگ لٽڻ جو انڪار، قدرت صرف پرش کي ئي سونپيو آهي. ليڪن دروُ، جنهن کيس پنهنجو سڀ ڪجهه سمجهي، پنهنجو سڀ ڪجهه سونپي ڇڏيو هو، تڏهن اهڙي انڪار کان هوءِ کيس ڪيئن وانجهيل رکي!

چندر ڏينهن جي وقت ڪٿي هوندو هو، ڪيئن گذاريندو هو، ڪنهن کي پتو پوڻ ڪين ڏنو هئائين. ها البت رات جو سو دروءِ وٽ هوندو هو. پنهنجا خيال، پنهنجا سپنا سندس ارد گرد ڦهلائي ڇڏيندو هو. دروُ پائينده هئي ته هوءَ رڳو انهن گهڙين لاءِ ئي نه پر هميشه لاءِ سندس پنهنجو آهي، صرف سندس لاءِ. هوءَ پنهنجو ماهه چندر ۾ پائينده هئي، هن ڏاران هوءِ جڻ مٽيا هئي. پر چندر ان وقت ته، کيس

جي ذهن تي اهڙي نوڪلائي ماندي هئي ته
ڏاڍي شوق ۽ ذوق مان قسمين قسمين شيون ناهي
ڪائيندا هئا. ائين ڪونه هو ته اهڙي وقت چندر کين
ياد ڪونه ايندو هو. دروءَ کي ته ڏاڍو ياد ايندو هو
ر وسارڻ ئي سندس جڻ عادت بڻجي وئي هئي.

رکي رکي ڪم کي رڳو اهو ئي ويچار پئي آيو
ته ڪيڏي مهل هو آشا کي ڇرڪائي يا ڌڪائي
ڇڏي. ۽ پوءِ جيڪا هو راحت محسوس ڪندو يا
جيڪو ٽهڪڙو مچندو، تنهنجي به هن سڪمين ڪلپنا
پئي ڪئي. ٿورو وقت دروازي وٽ بيهي پوءِ هو
آشا جي پر ۾ اوڪڙو اچي ويٺو هو. سندس تصور
۾ اهو نانگ پئي گھميو، ڪارو ڪارو چٽڪمرو نانگ،
جيڪو هو ربڙ مان، ڪپڙي جي ڪور هيٺان ڍڪي
ڪي آيو هو. ربڙ جو هلائڻ لاءِ آشا ڪپڙي جو پلاند
ٽي ڪٽيندي مس ته اسپرنگ جي ڇڪ هڪدم اڀي
ي لڏي ويندي. هو ٻهو نانگ کي ڏسي آشا جو
ڪھڙو حال ٿي ويندو، بس اُن گھڙيءَ لاءِ ئي ته هن
ڏا ڀوڙ پچايا هئا!

هي ته ڪيس سڌ هئي ته اهو اسپرنگ لي لڏ لڏ
نگ آهي نه ته هو خود به پنج فوٽ پري ٿڦڪو
ئي پٽ تي وڃي ڪري ليڪن ان حالت ۾ هو آشا
ي پنيان ئي بيٺو هوندو ڪيس سنڀالڻ لاءِ.

ألائي ڪهڙو وئل ڪري ڇڏي! ليڪن اِن ڳالهه جو ڪيس ڪجهه به پتو ڪونه هو. پتو پوي به ڪيئن؟ هُو هيڏي وڏي ڪانٽرئڪٽر جو پٽ هو. گهٽي ئي مشغوليون ڏين ٿيون. ڪهڙو پيءُ نه چاهيندو سندس پٽ، سندس جيئري ئي پنهنجي پيرن تي بيهي ۽ ڦهلايل ڪاروبار سڀني لهوڙي هلائي سگهي. اُن ڪري ساڳس گڏ هارڻ جڙڻ ضروري ٿي ٿو پوي. ڪٿي نه ڪيس اڪيلي سر به وڃڻو ٿو پوي. چندر جي اهڙن ڏلين اڳيان ڏرڙ ڀي زبان بڻجي ويندي هئي. هن ڪڏهن چاهيو نه هو ته ڪنهن به طرح سندس اڳيان ڪا اڏ بڻجي. ها جيڪي گهڙيون هُو ساڳس گڏ آهي، بس اُهي سندس پنهنجون آهن. پوءِ ٿي سندس اڏ ڪار ڪونهي، ته ڪو رڪڻ گهرجي. ڪي پنڌن پرش لاءِ روشن ته پر اولاد اها بڻجي ٿا وڃن، ۽ اهڙو سايو ڪير به ڏسڻ پسند نه ڪندو. چندر هن جي پيار ۾ بنهه مڪت هو، آزاد هو. هڪ ڪن لاءِ ڪٿي به هُو پاڻ کي بڌل ڪين پائيندو هو، ۽ ڏرڙ هئي جنهن جاءِ ٿوڙي نه ۾ چندر جي شان شوڪت ۽ عظمت مٿان پنهنجو پورو حق ٿي ڄاڻو.

لائين ٿي ڪنهن ويل ڪمل رنڌڻي جي در وٽ اچي بيٺو هو. ڪين ڏسندو رهيو. هُو لسر وغيره جي ڪم ۾ ڪيڏو نه مشغول هيون! ڇڏهن به ڪنهن موڪل

ڪجهه به لکي نه سگهندو آهي، پوءِ اهڙي ڪوشش ئي ڇو ڪجي." انهن چوندي هُوءَ پلنگ تي ليٽي پيو، "اڄ تون به ليٽي پئه. ٿڪجي پئي هوندينءَ."

"نه ٿي. تنهنجون ڳالهيون ئي اهڙيون آهن جو..." آشا چڙڪي ويئي.

"ڏوهه کان ٿو ڊپ ٿيئي؟" ڪمل مرڪي پڇيو.

"ڪنهن کان به ٿئي پر اهو سڄو تنهنجو لڳي."

"ڪڏهن ته تمام ويجهو ۽ وري ڪڏهن تمام تمام پري. تنهنجا به عجيب رنگ آهن."

"جاکي ويجهو ٿا سمجهو ۽ جاکي پري، اهو ته توهان تي ڄاڻو."

"۽ توهين ڇا ٿيون ڄاڻو؟"

"اسان ته هر وقت توهانجي ويجهو آهيون."

"جهڙو هيٺر آهين، انهن نه؟" ان ساعت ڪمل آئي وڌيو ۽ سندس ڳچيءَ ۾ ڪٽي پنهنجي ٻانهن وڌائين.

"انهن وقت سڄو ٿو لڳيو نه؟"

"ها تمام سٺو." ڪجهه ڪٿن بعد ڪمل سندس ڳچيءَ مان ٻانهون ڪڍي چيو، "هڪ ٿو وڄي. هيٺر فرمائشي گيت ايندا. آئي ريڊيو ته آن ڪر."

آشا اُٿي ريڊئي جو ڪنڊو هٽايو. بس ڪمري ڪچڙ جي ڏنبر هٽي. هڪ پاري چنخ اُڀري ۽ ٻئي

هن عجيب غريب ڪلپنائون ۾ ڪيون هيون پر تڏهن هن اهو ڪين ڄاتو هو ته اهو ڇر ڇو، محض ڇر ڇو ۾ ئي هڪ وڏي آفت بڻجي سگهي ٿو. آشا جو ساهه تيز ڪجهڻ وقت اهو بند به ٿي سگهيو ٿي. ڦڻ ڪڍي لڏندڙ ڳچيءَ جي اُن نانگ کي ڏسي ڪيس اهڙو ويچار ڇو آيو هو؟ آيس به ته آشا لاءِ؟؟ اها آشا جيڪا سندس جان کان پياري هئي.

ڪمل چيو، ”آشا اڄ ته ٿوري دير ڪمري ۾ هلي ٿا وهون. مان ته اڪيلو ويهي ويهي بور ٿي ويو آهيان، پليز.“

آشا ڪجهه چوي تنهن کان اڳ دروءَ چيو، ”ها آشا توُن وڃ مونکي تنهنجي هيئنر ضرورت ڪونهي. بس مان به اجهو ڪي فارغ ٿي آيس.“

پر اِن هوندي به جڏهن آشا نه اُٿي ته ڪمل ڪيس هٿ کان ڇڪي چيو، ”اُٿ نه پلا.“

ڪمري ۾ اچي آشا چيو، ”پنج منٽ به اتي ترسي سگهئين، دروُ ڇا پائيندي؟“

”اهڙا خيال توُن ڪندي آهين، دروُ ڪونه ڪندي آهي. هڪ هڪ لفظ هڪ هڪ منٽ کي توريندي آهين تڏهن ئي اهڙا غوطا ٿي کائين. ڪير غلط ڪو نه سمجهندو. پلا هتي ڪير ڏاريو آهي جو غلط سمجهندو؟ جڏهن اها خبر اٿئون ته پنهنجن اڳيان

مهون کيس ڳرانڙي پائي چمي ڏنائين.
آشا وڦلي چيو، "نانگ"
"نه آشا نانگ ڪونهي، اهو مٽيءَ جو نانگ هو.
ت ڏس ڏريون ڏريون ٿيو پيو آهي."
آشا فرش ڏانهن نهاريو. مٽيءَ جا ڪارا، چٽڪمرا
را ٽهليا پيا هئا. پوءِ الائي ڪهڙين نظرن سان هن ڪمل
ي ڏٺو هو. جڻ اُنهن ۾ شڪايت هئي، ته مونسان
ڏو وڏو ڇرچو ڪيو ڪمل!
درو اُن وقت ڪمري مان نڪري رنڌڻي ڏانهن هلي
ئي. ڪمل چيو "مونکي پنهنجي ڀل جو احساس آهي
نا. آئينده اهڙي غلطي ڪڏهن نه ٿيندي." انهين
ي هن پنهنجا چپ سندس ڳچيءَ تي ڪٽي رکيا هئا.
ڳو نه پنهنجو ساهه ئي جڻ روڪي ڇڏيو هئائين. هوءَ
ي ودجي ويو هو. اُها سيڻ اڃا به سندس اکيان
مي رهي هئي، هوءَ ڪيئن نه چرلو ٿي پيو هو، اصل
ل انهين جي آشا مري وڃي ها نه؟ ....
آشا سندس مٿي ۽ پٺيءَ تي هٿ ڦيري چيو،
مان نيڪ ٿي ته آهيان. ڇا ٿيو اٿم. تنهنجي
ندي مونکي ٿيندو به ڇا؟ مونکي وشواش آهي
ڪي مونکان ڪير به الڳ نه ڪندو" ۽ پوءِ پٺي
انهين محسوس ٿيو ته سنهه جي هلڪي هلڪي
هار ۾ ڪا ڏير پيئي جڻ وهندا پئي.

ڪِن هوءَ بي سُرت ڪمل جي ٻانهن ۾ هُئي.

دروُ ڊوڙندي آئي "ڇا ٿيو، ڇا ٿيو؟"

اِن وچ ۾ ڪمل جا هوش حواس گم هئا. "دروُ ڏس هن کي ڇا ٿيو" ڪمل لرزندڙ لهجي ۾ چيو.

"آشا، آشا" دروُ کيس ڳراٽڙي پائي، اوڏي سڏڻ لڳي.

ڪمل ٽانگہ کي کڻي پٽ تي اڇلائي ڇيهون ڇيهون ڪري ڇڏيو، "دروُ مونکي آشا موٽائي ڏي. مان هن سان وري ڪڏهن بہ اهڙو چرچو ڪونہ ڪندس. دروُ مونکي آشا موٽائي ڏي. مونکي آشا واپس گهرائي ڏي." هوُ ڄڻ پاڳل ٿي ويو هو. ڀانيائين تہ آشا مري چڪي آهي. آشا هئي ڪٿي؟ پلنگ تي ڄڻ مٽيءَ پنوڙو بڻي ليٽي پيئي هئي. مٽيءَ پنوڙو.

تڏهن دروءَ رڙ ڪئي، "پاڳل تہ نہ ٿي ويو آهين چپ ڪر."

دروءَ ڏٺو آشا ۾ جان هئي. ساهہ کڻي رهيو هو. هوءَ ساهہ ۾ ڄڻ پنهنجو ساهہ ڦوڪڻ لڳي. ساڻس ٻنهہ ڳر لڳي سندس ڳل چمڻ لڳي. "آشا منهنجي مٺڙي آشا اکيون کول. آشا ......" مٺين ۽ ڳراٽڙين جي ڀرمار هئي. "آشا اکيون کول" هن ۾ ساهہ پيو هو. ها ڄڻ نئون ساهہ. ڪمل کي اهڙي خوشي ٿي هئي گويا کيس وڃايل پاڻو هٿ آئين. دروءَ جي ٿي

هڪ ٻه لڳا ڪار ۾ سندس گهر ڏانئين ڇڏي ويو هو. سشما سندس پرسان اڳين سيٽ تي ويٺي رنگين سپنن جي منظر ڏٺو هو. اُنهيءَ ڪن ۾ جڻ ٻادلن جو سفر ڪري ٽي ور ڏانئين. سشما جا ماءُ پيءُ ۽ چندر جي سٺي هلت سبب ڏانهنس متاثر ٿيا هئا، ان ۾ ڪو شڪ ڪونه هو. ۽ سشما ته بي خبريءَ ۾ نهارڻ ڪهڙي جهان ۾ پهچي ويندي هئي.

هڪ جا خواب ڪنهن ٻئي جي خوابن جو خاتمو آڻيندا آهن. دروءَ کي جڏهن اها خبر پيئي ته هن چندر کان سڌو سوال ڪيو هو، "تون سشما کي پيار ٿو ڪرين؟"

"ڪهڙي سشما؟"

"منهنجي اڳيان ايڏو ڀولو نه بڻج." دروءَ جي اکين ۾ چڻنگ هئي، ترشي هئي. ٻئي پل ئي چندر ڪجهه شوخ لهجي ۾ چيو هو، "ها ڪريان ٿو."

"تون مونکي ٻه نه چاهيندو آهين."

"چاهيندو هوس"

"اڇا! چاهيندو هئين؟؟" دروُ هن ڏانهن اِئين نهارڻ لڳي گويا اُهي اکيون قاتل شينهڻ جون هيون. ٻئي پل ئي هن اِنهن اکين تي زور ڏيئي چيو، "مان ٻه توکي چاهيندي هئس. هن کانپوءِ مونسان وري ڪڏهن به ملڻ جي ڪوشش نه ڪج." اِهي اکر هن ايڏي زور سان چيا جو سندس پورو ايمان اُنهن اکرن ۾ سمائجي ٻاهر نڪتو هو.

دروءَ واران اِهو سڀ ٻڌي آشا پهرين ته چپ

ڏرو ۽ سشما هڪ ئي ڪلاس ۾ هائر سيڪنڊري ۾
تائين گڏ پڙهيون هيون. پر کين ڪهڙي سڌ ته الڳ
الڳ موقعن تي چندر سندن پيار کي لٽي رهيو آهي.
ڏرو هيئنر هن لاءِ جڻ چوسيل انب سمان هئي ۽
سشما جڻ اڃا هاڻ پُور ڇهيو هو. هن ۾ تازگي هئي،
نواڻ هئي. ڏروءَ ۾ هيئنر آهو ڪي ڪين رهيو هو،
جنهن کي هو لٽون سڏي. پر سشما ۾ آهو ڪي هو
جنهن کي ڏسڻ لاءِ هو تڙپندو هو، جنهن کي پائڻ
لاءِ هن پنهنجي پيار جي تمام ڄار ڦهلائي رکي هئي.
آهو هڪ اهڙو ڄار هو جنهن ۾ هن ڪيس ڏروءَ جيان لڇندو
ڦٿڪندو ڏسڻ ٿي چاهيو. سشما ۾ هن اهڙي بيقراري
پرڻ ٿي چاهي جنهنجو روپ هو اڳيئي ڏسي چڪو
هو. هائر سيڪنڊري پاس ڪرڻ کان پوءِ سشما
گورنمينٽ ڪاليج ۾ داخلا ورتي هئي، جتي چندر
بي. اي جو اسٽوڊنٽ هو. وقت گذرڻ ۾ ڪا دير
ڪونه ٿي لڳي. سشما انٽر ۾ هئي ۽ چندر ايم. اي
۾. اوچتي ڪنهن حادثي ٻنهي کي هڪ ٻئي جي ويجهو
آندو هو. چندر هيئنر سشما جي گهر اچڻ وڃڻ لڳو هو.
سوچيائين، جيڪو ڏر تائين پهتو آهي سو دل تائين ب
پهچي ويندو. ڪڏهن هو سندس همٿ جي
آڱر ڪان جهليندو هو، پوءِ ڇڏي ڏيندو هو. ائين هاڪ
ڇهاءَ اٽڪاٽائيءَ جي پردي ۾ ٿي ويندو هو. چندر ڪيس

اهو ڏينهن ڪونہ ٿي وسريو جڏهن ڇنڇر بمبئي وڃڻ
جو پروگرام ٺهيو هو. وڪيشن سبب ڪاليج بند
هئا. بمبئيءَ ۾ آشا ۽ چندر جا مائٽ هئا ته دروءَ
۽ ڪمل جا به. پروگرام ٺهي ويو هو. جنهن ڏينهن
صبح جو نڪرڻا هئا ان جي اڳئين ڏينهن تي ڪمل
جي پيءُ جي طبيعت ڪجهہ خراب ٿي پيئي ۽ اهڙيءَ
حالت ۾ ڪمل گهر ڇڏڻ ٺيڪ نہ ڄاتو. دروءَ کي
چيائين، "توهان نڪري وڃو، مان پٺيان ايندس."

آشا چيو، "مان ڪونہ ٿي وڃان"

ڪمل ناراض ٿي چيو، "هيءَ ڪهڙو ٻاراڻپڻو آهي!"

"منهنجو من نہ لڳندو."

"توُن هتي ترسي پيئين ته منهنجو به من نہ لڳندو.
پاڻ نہ وڃ. دروُ ڇڏي ڏينس."

آشا جي اکين ۾ آسوُن تري آيا هئا، "ان ۾
ناراض ٿيڻ جي ڀلا ڪهڙي ڳالهہ آهي؟"

"جڏهن مان چوان ٿو تہ ايندس تہ پوءِ هٺ
ڇو ٿي ڪرين؟"

"مان هٺ ڪريان ٿي ڪونہ ٿي."

سندس هٺ ڄاڻي ڪمل چيو، "پوءِ ائين نہ
ڇو، نہ مان ڪونہ ويندس، ٻن ٽن ڏينهن ۾ مان اُتي
پهچي ويندس"

چندر دروُ ۽ آشا روانہ ٿي ويا هئا. مهني ڪان

ٿي وئي. پر پوءِ تمام ڌيرج وچان چيائين، ”ڊرُو تو اهو سٺو نه ڪيو. غلطيون ڪنهن کان نٿيون ٿين؟......“

”تون ڇا ٿي چوين آشا“ ڊروءَ ڪڙڪي مان چيو، ”تون ان کي غلطي ٿي سڏين. ڪير اِئين ڪونه چوندو آهي ته پيار ڪندو هوس. اِهي اکر زبان تي تڏهن ايندا جڏهن پيار بدلجي ويندو آهي ۽ مان اُنهن مان ڪونه آهيان جي سڏڪا ڀري روئنديون آهن. مون پيار ڪيو آهي ۽ ڪيو هوم. هاڻي منهنجي دل ۾ هن لاءِ پيار ڪونهي. پيار هڪ ئي وقت اُسرندو آهي ۽ هڪ ئي وقت مرندو به آهي. مون اڳيان وري اهڙو ڪڏهن به ذڪر نه ڪجِ. هو جنهن لاءِ زنده آهي، پاپي رهي. مون لاءِ مري چڪو“

آشا وڌيڪ ڪجهه به نه ڪڇيو. اهڙن اکرن ٻڌڻ کان پوءِ هوءَ ڇا چوي؟ هن ڪمل سان سو اِها ڳالهه ڪئي هئي. ڪمل رڳو ايترو چيو، ”چندر کي اِئين هلڻ نه گهربو هو. پيار جهڙي اعليٰ چيز کي ٺڪرائڻ يا ٺوڪر هڻڻ اِنسانيت جي خلاف آهي. اهڙي کي فرشتا به معاف نه ڪندا.“

آشا کي ڏاڍو ڏک ٿيو. چندر سندس سوٽ هو، شايد اِن ڪري به. ڪيڏيون ڪلپنائون هيون ۽ ڪيڏا خواب ته هڪ ئي راهه تي هٿ هٿ ۾ ملائي اڳتي وڌنداسين پر سڀ ڪجهه اڌورو رهجي ويو. ڪاش

"ڏاڍي ڏکئي آهين آشا. ڏک نہ ڪر. ڪڏهن
گهمڻ هلنداسين. ضرور هلنداسين. ڪڏهن هن دفعي
جي ڪسر پوري ڪري ڇڏيندس."

پر ڪسر اِها پوري ٿي جو ڪمل آشا کان ڌار
ٿي ويو. آشا سندس آسمان تان ٻولائيون ڪائي اڇي
هيٺ پٽ تي ڪري هئي. هي ڇا ٿيو؟ خواب کو
اِئين نڙي پکڙي ويندا آهن؟ - ڪيس وشواس نہ پئي
آيو. نہ ضرور ڪا غلطفهمي ٿي آهي. ڪمل جهڙو
سياڻو اهڙو اُبهرو قدم کڻي، اِئين ڪڏهن بہ ٿي نٿو
سگهي. پر ٻالي ڀولي آشا کي کهڙي سڌ تہ ٿيڻ
کان ڇا کجهہ نہ ٿي ويندو آهي؟

اجيت آشا جي مائيلي ماءُ جي ساهيڙيءَ جو پٽ
هو. گهر نزديڪ هئڻ سبب، پنهنجو گهر سمجهي پيو
ايندو هو ۽ گهر ڀاتين سان، سواءِ آشا جي، ٿي ب
پنهنجن کان پنهنجو ويو هو. سندس مراد هئي تہ
جيڪا پنهنجي ڪانهي، تنهن کي ڪنهن طرح پنهنجو
بڻائي ڇڏي. حقيقت ۾ هوءَ گهر ايندو هو تہ صرف
ان لاءِ ٿي ايندو هو تہ ڪنهن طرح آشا جي نزديڪ
پهچي سگهي پر آشا کيس ڪڏهن بہ پنهنجي اڳيان
اُڀرڻ ڪونہ ڏنو هو، جيتوڻيڪ سڀ ڄاڻائين ٿي. اجيت
ڪڏهن تہ ڏاڍا جڪ کائيندو هو تہ هيءَ کهڙي
قسم جي ڇوڪري آهي! ڪيڏو نہ گهمنڊ اٿس. پر

پوءِ موٽيا پر ڪمل اچا به اُليٽي هو، جهڙي حال ۾
آشا ڪيس ڇڏي ويئي هئي. ڪمل جي پيءُ جي
حالت اهڙي نه هئي جو هُو ڪيس ڇڏي هليو وڃي.
آشا پيو لکي. ڪجهه نه رکيو ڪمل کي اڪيلو ڇڏيو،
"ڪيڏو ڇيومانءِ ته مان نه ويندس پر تو نه مڃيو.
اڄ مونکي ڪنهنجو پرٽو نه پيو؟ چندر الڳ ڇڙيو
ته دروءِ الڳ. ڇونڊا هئا، تون هيئي ڪهڙو منهن
کڻي اسان سان گڏ ٿي هلين! سرهي ٿي هل نه ته
اهڙو منهن کڻي گهر ويني هج. ڪمل مان پوءِ گهر ۾
ٿي هولدي هئس ۽ هُو هليا ويندا هئا. اهڙي گهمڻ
لاءِ تو مونکي ڀمٿيءَ موڪليو هو نه؟ روز خواب
ڏسندي هئس ته اڄ تون ضرور ايندين. ڪيترن
ڏينهن ٿائين نه تو وري خط به نه لکيو. اهو تون سٺو
هلٿين ته! اوسيڙي ۾ پلي ڪنهنجو حال ڪيئن به
ٿئي، تنهنجو ڇا؟"

ڪمل پنهي هٿن ۾ سندس ڳل کڻي جهليا، پوءِ
اُنهن لي هلڪي چمي ڏنائين، "تون سمجهين ٿي ته
منهنجو هتي سٺو وقت گذريو آهي؟ باپي جي
بيماريءَ جي الڳ چنتا ۽ تنهنجو الڳ فڪر. پر پو
جڏهن چڱا ڏينهن گذري ويا ته ڇيم هاٿي چا وڃي
ڪندس"

"هڪ ڏينهن لاءِ ٿي سهين، اچين نه ها."

ڏي هلي ويئي هئي. ڪمل جي دل ۾ اوسٽائين
را ڪورا هئي جيسٽائين آشا ڪان اهو نه پڇيائين ته
ڙ ڪير هو؟ آشا هن جي باري ۾ سڀ ڪجهه ٻڌايس.
هن لئي ڪمل هاڪو ڇنيس ته ته ڪنهن سان به
ن گهرو نه پٽيو آهي.

آشا انهن ٻن اکرن ۾ سمجهي ويئي ته ڪمل جي
ل ۾ ڇا وهيو واپريو هوندو؟ ۽ انهن ٻن اکرن ۾
ڪل اشارو اهو به هو ته هن ڪانپوءِ ڏانهنس ڪو به
ج ڏيڻ جو ضرور ڪونهي.

آشا توج ڏني يا نه پر انهن ڏينهن ۾ ڪيس به پتو
جي ويو هو ته اجيت جي من ۾ سندس لاءِ ڇا
ڪجهه ويٺل آهي؟ ۽ پوءِ هوءَ هن ڪان لئين هٽي پري
ب ويئي جڏهن جي ويجهو نه ڪڏهن ويئي ئي نه
ئي. هوڏانهن اجيت جڪ ڪانئيندو هو ته آشا ساڻس
هن ڏيئي ڳالهائي ڇو ٿي؟ منجهس ايڏو غرور
ڇي ويو آهي؟؟ هڪ ڏينهن سندس اهو غرور ڇور
ڪري ئي رهندو.

ڪ ٻي ڳالهه به اجيت جي من ۾ ڪٽڪي هئي ته
ڪمل جو آشا سان لينهن آهي. اُن ڪري هن آشا
لهن هڪ ڇني لکي پر ڇني هٿون همٿ پهچائڻ جي
س همٿ ڪونه ٿي. سندس هڪ ڪتاب ۾ رکي
پائين. ڪتاب به اهو جيڪو سڀني ڪتابن جي

کيس يقين هو ته انهيءَ جو گهمنڊ گهڻا ڏينهن ڪونه هلندو. اجيت ڌلوان جو پٽ هو ان ڪري به کيس پڪو وشواس هو ته ڪڏهن نه ڪڏهن هو آشا جو هٿ جهلي ويندو. پر اجيت اڃا اڳتي قدم ڪونه وڌايو هو، تنهن کان اڳ هڪ ڏينهن جي ڳالهه آهي. هو ڪار ۾ ڪالونيءَ طرف پئي ويو جو اوچتو هن آشا کي بس اسٽينڊ تي بيٺل ڏٺو. هن هڪدم ڪار روڪي آشا کي سڏ ڪيو. آشا ويجهو وئي.

”اِتي بيٺي آهين؟“

”بس جي اِنتظار ۾“

”اچ ويهه مان ڪالونيءَ طرف ٿو وڃان“ اِئين چوندي هن ڪار جو دروازو کوليو هو. آشا اڳئين سيٽ تي ويهي رهي.

ٻئي دفعي وري هڪ ڳالهه ٿي نرالي ٿي هئي. آشا کيس سڏ ڪري روڪيو هو. هن هڪدم بريڪ لڳائي ڪار بيهاري. تڏهن آشا اڪيلي ڪونه هئي، ڌروءَ ڪمل به ساڻس گڏ هئا. آشا کيس اِئين سڏ ڪري بيهاريو هو جڏهن هوءَ سندس گهر جو پاسي، سندس پاءِ هو. من ۾ غير ڪوهي ته پوءِ ڪنهنجو ڏپ به ڇو ٿئي پر ڪمل کي هڪدم گهٽڙ ڪاٽي ويو. اهو پهريون ئي دفعو هو جو هن اجيت کي ڏٺو هو. اجيت ڌروءَ کي نه سڃاڻندو هو پر پوءِ ڪمل جي خبر پيس ته هو ڌروءَ جو مامو آهي. ڪالونيءَ ۾ ڌروءَ جي گهر وٽ ڪار مان لٿا هئا ۽ ڪار زوزاٽ ڪندي اڳتي

چا ته ڪير پيءُ ڪ پار آهين نه."
"اڄ تون ھي چا پيو چوين؟"
"اڄ تون چوان جو اڄ نئين اکيون پڻيون اٿم. ھن
جهل لائين ته اکين ئي کپ چڙھيل ھيا."
"مهرباني ڪري مونسان ائين نه ڳالهاءِ." آشا
گهرائجي ويئي ھئي ته وري الائي چا ٿيو آهي؟
"ھڪ سوال پڇان؟"
"پڇ"
"سچ سچ ٻڌائيندين؟"
"توسان ڪوڙ ڳالهائي مونکي ڪھڙي نرڪ ۾
وڃڻو آهي."
"ڪيڏو نه پيار؟ واه! خوش ٿي ويس. ۽ جنهن
نرڪ ۾ تون غوطا کائين ٿي، اهو ڇا تو لاءِ سرڳ آهي؟"
"تون ھي چا پيو چوين ڪمل!"
"اجيت سان تنهنجو ڪھڙو پيار آهي؟"
"اجيت مونکي پاءُ سمان آهي."
"شڪر آهي جو ڪيس پاءُ سڏيو اٿيئي. پر ھا،
اڄڪله انهيءَ پاءُ لفظ جي اوٽ ۾ ئي ته سڀو پيار
ڪري سگهبو آهي. پوءِ مان ائين چوندس ته تون ڪو
پاپ ڪونه ٿي ڪرين."
"ڪمل تون هوش ۾ نه آهين."
"مان پوري هوش ۾ آهيان. تون مون اڳيان ظاهر

مٿان پيو هو. اِهو سوچي ته اهو ڪتاب ته ڪنهن طرح هٿ ۾ ڪڻندي ٿي. آشا اُهو ڪتاب ڪڻي ڊروءِ وٽ وئي هئي. اُتان پوءِ ٻئي گڏجي ڪمل وٽ آيون هيون. ڪافي دير بعد پوءِ جڏهن واپس گهر طرف وريون هيون ته آشا کان اُهو ڪتاب ڪڻڻ وسري ويو هو. سمهڻ وقت ڪمل جڏهن ريڊيو بند ٿي ڪيو ته ڪتاب تي نظر پيس. ڪڏهن اُن ريڊيو مٿان هن نانگ رکيو هو پر اڄ ڪتاب کوليندي جيڪو ڪيس ڏنگ لڳو، اُهو نانگ کان وڌيڪ زهريلو هو. جسم ڪارائجي نيرو ٿي ويس. چٺيءَ جو هڪ هڪ اکر جڻ زهر ۾ ٻڏل هو. آشا ڏانهن لکيل اُها چٺي، آشا جي ڪتاب مان ملي هئي، اُن کان وڌيڪ ٻي ڪهڙيءَ ثابتيءَ جي ضرورت هئي.

ٻئي ڏينهن جڏهن آشا وٽس آئي هئي ته هن اهڙين نظرن سان ڪيس ڏٺو هو جڻ اُهو زهر اکين ۾ تري آيو هوس. پر آشا ته اڻڄاڻ، وائڙن جيان پڇيائين، ”ڇو ڪمل، تون مون ڏانهن اڄ ڪيئن پيو نهارين؟“

”مان تنهنجي اکين ۾ فريب کي ٿو ڳوليان.“

آشا لاءِ اِهو نئون اکر هو.

”مون تنهنجو مطلب ڪونه سمجهيو.“

”نه تون ڪا ڄاڻي ٿي، ڪهڙي ڳالهه ڪجي،

ھي. انھن جا نـہ ھـن سان جنھن جا ناتا ڳنڍيـل ھئا،
ھن لاءِ تون اِئين چوين ته ڪھڙي آشا؟“

ڪمل جرڪ من ئي من ۾ ڪڇيو ھو، ”درو جنھن جي
ان کي ھن جالو ئي ڪٽي! ڇوڪرون جا جاڻن جنھن
ي پيار مان؟“

”نہ، جاڻن ته ري ڇوڪرا ٿـي ٿا.“ درو بيحد
ي نفرت ڀري لھجي مان چيو. ڪمل مامو نہ ھجبس
ا نہ منھن ئي نجاڻ جا ڪجھ چئي موني وڃي ھا.

”درو ڇوڪرا جاڻن ٿا يـا نٿا جاڻن، انھن بحث
وچڙو ڪونھي. تون ڳالھہ ڪر، تون جا ٿـي چوڻ
اھين؟“

”ڪمل جھڙو رستو، جـھڙو رخ تـو اختيار ڪيو
ھي يا جنھن نموني تون ھينئن ڳالھائي رھيو آھين،
ا تو کي اھو سولھين ٿو؟“

”ھا سب سولھندو آھي. وقت ٿـي نـفرت بـہ
ونھندي آھي. آشا کـي مون جيڪي سمجھيو ھو،
مجھيو ھوم پر اج مون لاءِ آشا، آشا ڪانہ رھي آھي.“

”ھڪ ڏينھن ۾ اھـڙو جا ڪجھ ٿيو، مان بہ نہ
ان.“

”تون پڌ لدين؟“

”ھا“

ڪمل اُٿي وٺي ٿـي پلنگ جـي گاديلي ھيٺان

ٽي پيئي آهين آشا. هاڻي مان توکي ننگي روپ ۾ ڏسي رهيو آهيان، پوري ننگي روپ ۾."

آشا هڪدم هاي وئي. اُٿي ٻيهي نه سگهي. جيستائين هوءَ ڊروءَ وٽ پهچي، اُهي اکرن جا تير هئا جي سندس پيرن ۾ چڀيا پئي. هوءَ ڊروءَ کي وٺي مٿي ڇت تي هلي وئي. "ڊروُ مونکي بچاءِ." هوءَ ڏڪي رهي هئي.

"ڇا ڳالهه آهي آشا ڇه نه؟"

"اجيت الائي ڪمل کي ڇا چيو آهي. مان سندس واتان ڏاڍو گهٽ وڌ ٻڌي آئي آهيان. توکي ته سڀ ڳالهه جي سڌ آهي. هوُ مونکي ڪٽي ٻه ٽنگو ڪرڻ کان لٿو گسي."

"تون خيال نه ڪر. مان ڪمل وٽ وڃان ٿي."

هوءَ اُن وقت ڪمل وٽ آئي هئي، "ڪمل تو ڇا چيو آهي آشا کي!"

"ڪهڙي آشا؟"

ڊروءَ جي لوادڙيءَ ۾ ڄڻ سرونو لڳو. تعجب مان هن اکيون ڦاڙي ڪمل ڏانهن نهاريو، "ڇا تون پڇين، ڪهڙي آشا؟"

"توکي عجب ڇو ٿو لڳي ڊروُ!"

"اِهو تون سوچ ته ڪنهن کي ڇو عجب لڳندو

لي هڪ ڏينهن لاءِ به رهي نه سگهيو. ڪيس پنهنجو
ڪمرو ڪاٽڻ ايندو هو. ڀت ۾ ٽنگيل آرسي اڳيان ۾
جيندي هئي. شڪل ڏسندو هو ته آشا جي شڪل
ظاهر ٿي ويندي هئي. هڪ ڏينهن آشا ٻن لي ٻهي
ن ۾ نهاري رهي هئي جو پنيان ڪمل اچي ڪيس
لدج ۾ ڪنيو هو، ”هاڻي شڪل ڏس.“ تڏهن ٻـ
ـورتون آرسيءَ ۾ ظاهر ٿي ويئون هيون. ڪمل چيو،
”مان جڏهن به آرسيءَ ۾ نهاريندس ته مونسان گڏ
ون به هوندينءَ.“

ڪالوني ته در ڪنار پر گهر ۾ اهڙو ڪو حصو نه
ـو جتان لنگهندي، يادون ڪيس ول جيان ا. ويڙهي
ينديون هجن. هن پيءُ کي چيو، ”بابا توهانجو بـ
ـتي پوريءَ طرح من نٿو لڳي. واپس شهر کا جڳهه
لت ڪري هلي ويهون.“

ماءُ ۽ پيءُ ٻيئي سندس منهن تڪڻ لڳا. ڪمل
ٽين چوي، ٻنهي لاءِ جڻ اها ڄڻهارس هئي.

”اسانجو من لڳي نه لڳي، تنهنجي من کي ڇا
ـو آهي؟“ ماءُ چيو.

”ڇو، مونکي ڇا ٿيندو؟“

”مونکي کهڙي خبر ته ڇا ٿيو اٿيئي. تڪا کل،
ڪو ٿهڪڙو. تڪا آشا ٿي اچي ۽ نه وري درو ٿي
ي ڏسجي، ڇا ڳالهه آهي؟“

چئي ڪڏي ورتي، ”هان پڙهه. توکي سڀ معلوم ٿي ويندو.“

دروُ چئي پڙهي ويئي.

”پر اهو سڀ ڪونهي ڪمل“

”سڀ ڇا آهي؟ اُن جي پڙهڻ جي مونکي ضرورت ڪونهي.“

”نه پوءِ ٺيڪ آهي، نه پڙه. جيڪو پيار کي اِن طرح ذليل ڪري، تنهن وٽ سڀ ڪوُڙ جي پرک به ڪهڙي؟“ دروُ اُٿي هلي آئي هئي.

هينئر اُها ڪالوني ڇڏڻ باهه جو مچ هئي جنهن ۾ سڄو وقت ڪمل پچرندو رهندو هو. وک، وک تي ٻادن جا ٽانڊا پکڙيل هئا. اهڙي ڪهڙي جاءِ ڇڏيل هئي جتي اُهي ٽانڊا نه هئا؟ آفيس ويندي يا موٽندي ڪيس ساگر جي ڪناري وٽان لنگهڻو پوندو هو. دور تائين ساگر جي سطح مٿان ڄڻ ڪا ٻاهه ٻري رهي هئي. ڪوشش ڪندو هو جئن اُن ڇپ طرف سندس نظر نه وڃي پر نظرن اڳيان اُها ظاهر ٿي ويندي هئي. ٻادن جا سيڪ ڪيس هر ڪن ڏکوئيندا هئا. جن نيڻن ۾ هن سپنا سجايا هئا، اُهي نيڻ اُداڙا هئا، ڪنهن ٻئي جا هئا، پيار جي جڳهه تي اُتي جوُٽ هئي.

ڪالونيءَ مان هن لڏي وڃڻ چاهيو. هينئر هوُ

ويندي، شايد سائنس ڀاڙي ۾ نئي ملي وڃي."

ڪمل ٿورو پوءِ چئي ڏنو، "پوءِ اڄ اهو ڏسجو ته سهي."

"ها مان اڄ ڀالوئل سان به گڏ بس ۽ گوميءَ کي به چئي ايندس."

شهر ۾ جاءِ ملڻ ڪا هرو ڀرو آفت جي ڳالهه ڪونه هئي، هفتي کن ۾ ٻن ڪمرن جي جاءِ ملي ويئي ۽ مسواڙ به تمام معمولي. اهو ڪم گوميءَ ئي ڪيو هو. جنهن ڪمل جو پيءُ سائنس ذڪر ڪري ورتو ته فقط مهُر ڏيو سندس جي ڦٽي پيئي.

هوڏانهن آشا سڀ ڪجهه ڏسندي ۽ سهندي رهي. ڪيس ارمان صرف اِن ڳالهه جو هو ته جن قدمن ۾ هن قـؤل وڇايا هئا، سي نئي اُنهن کي چيڀاٽي ۽ لتاڙي رهيا هئا. اُن رات هوءَ چپ چاپ ڪمل وٽ آئي هئي. سندس هيءَ ڪهڙو سياءُ هو! دروءِ کي جي اها سڌ پوي ته سائنس ڳالهائڻ ڇڏي ڏني. ڪيس سڌ پيئي ته هوءَ وڃي رهيا آهن. سامان ته گهٽي ٻاگي وڃي چڪو هو. پيءُ ۽ ماءُ به هليا ويا هئا سامان سان گڏ. ٿورو ڪي سامان رهيل هو جو ڪمل اُن لاءِ اُلي اڪيلو ٽڪيو هو پر آشا کي اها سڌ ڪونه هئي. هن اُنين ئي پتو هو ته هڪ ٻن ڏينهن ۾ هوءَ هتان هليا ويندا. هن ڌڙڪندڙ دل سان دري لي آهستي ٺڪ ٺڪ ڪئي.

"تون سمجهين ٿي آشا جي ڪري هتي اچي رهيو هوس." ڪمل کي ڪجهه پتو ئي نه پيو ته ايڏي غصي مان هُو اهو سڀ ڪيئن چئي ويو هو. ماءُ کي ماٺ لڳي وئي، "پٽ مان ڪڏهن ٿي اِئين چوان؟"

ليڪن اُن پاڻ ڪانئيندڙ سمجهي سگهيو ٿي ته ڪجهه مڙيوئي ٿيو هو. نو مهينا پيٽ ۾ رکڻ کان پوءِ، پالي نپائي وڏو ڪرڻ تي ماءُ ايترو به نه ڄاڻي سگهندي ته پٽ جي من ۾ ڇا آهي؟ در اصل هوءَ خود آشا کي چاهيندي هئي. آشا جهڙو ٻار سندس گهر ۾ اچي ته گهر روشن ٿي پوي. اهڙيون ڇوڪريون ورلي هونديون آهن هڪ ڏينهن مڙس کي چيو هئائين، "مونکي آشا ڏاڍي وڻي ٿي .... ۽ پوءِ پيا لفظ سندس من ۾ ئي رهجي ويا هئا. هن صرف مرڪيو هو. ٻيئي ڄاڻي ويا هئا ته ٿيندو ائين ئي ۽ ڪاش! اِئين ٿئي به.

پر هي وري ڪهڙو چڪر هليو هو؟ جنهن ڪالونيءَ سان ڄڻ جيءُ جڙيل هوس. سارا ڏينهن ڪندي ٽڪيو ڪونه هو، اُن مان اوچتو هيئين دل ڪٿي ٿي پوي، پير ٽڪي پون، ضرور ڪا ڳالهه ٿي هوندي. پر وڌيڪ ته ماءُ ڪڇيو نه پيءُ ئي. پيءُ رڳو ايترو چيو، "پوءِ جيڪا توهانجي مرضي هجي. شهر ۾ ته جڳهه ملي

ڪمل چيو، "ڪوئي به ڪونهي ٻئي ڪمري ۾.
مونکي جي خبر پوي ها ته تون ايندينءَ ته شايد مان
به هتي نه هجان ها."

"توکي مون لاءِ ايڏو ڪتر ڇو آهي، مان ڪجهه
به سمجهي نٿي سگهان."

"سمجهڻ جي ضرورت به ڪهڙي آهي. توهان
سهڻين ڇوڪرين جي سهڻي جار هوندي آهي. سٺو ٿيو
جو اهو راز جهٽ فاش ٿي ويو."

"مونکي ڊروءَ سڀ ڪجهه ٻڌايو آهي. مونکي
ته اُن ڇٺيءَ جو پتو به ڪونهي."

"برابر توکي پتو هوندو به ڇو؟ پر آشا مان ڪجهه
به ٻڌڻ نٿو چاهيان."

"ڀلي نه ٻڌ. مان توکي ڪجهه به ٻڌائڻ ڪونه آئي
آهيان. مان ڪير آهيان، ڇا هئس، ڪنهن جي هئس،
اهو سڀ مان ڪيئن چوندس. وقت ايندو جو چوندو.
مان ته رڳو ان ڪري آيس ٻڌم تون وڃي رهيو
آهين. ڪهڙي خبر حياتيءَ ۾ وري ملون الائي نه.
چيم توسان گڏجي اچان."

"ڀلي آئينءَ." ڪمل رکي نئؤع ۾ آئين ڇڏي
گهرو ساهه کنيو.

آشا چيو، "وڃڻ لاءِ به ڪونه چوندين."

"وڃ. جتي ڪٿي آئي وڃي سگهين ٿي. هيڏو

اها ٽڪ ٽڪ جاتل سڃاتل هئي. ڪمل اُٿي در لاٿو. آشا بيٺي هئي. هن ڪجهه ڪو نه ڪڇيو، در کليو ٿي پيو هو جو هوءَ واپس پلنگ تي اچي ويٺي. آشا اندر آئي ته، پر اِئين جڻ هوءَ هتي پهريون دفعو آئي هئي. جڻ هيءُ ڪمرو هن لاءِ نئون نئون هو. سڀ نئون ٿي ته هو. ڇا پراڻو يا اڳيون هو؟ سڀ ڪجهه بدليل بدليل. اهو روپ، اهو چهرو، اهو ڳالهائڻ، اهو ورتاءُ، ڪجهه به نه اڳيون ڪو نه هو.

”ڪمل تون ايڏو بدلجي سگهين ٿو، مون اِئين ڪين ڄاتو هو.“ آشا آهستي چيو.

ڪمل کيس اُترو به نه چيو، آشا ويهه. هوءَ بيٺي هئي. ڪيس اِهائي چاهت هئي ته ڪمل جا ماءُ پيءُ ٻئي ڪمري ۾ سمهيا پيا هوندا. اِڪري هن تمام آهستي ڳالهايو هو، تمام ڌيري. ٻڏل دل مان اُهي اکر نڪتا هئا. ڪاٿي ڳالهائڻ واري دل وٽس هئي ڪٿي!

پر ڪمل وٽ جيڪا دل هئي، هن اُها ئي دل سان ٿي ڳالهايو هو، ”پر آشا مان تنهنجي واٽ تان هٽي ويو آهيان. نڪو وري اُن واٽ تي ڪو موٽي ايندس. مون طرفان توکي اڳتي وڌڻ ۾ ڪا به رنڊڪ نه ايندي.“

”آهستي ڳالهاءِ ڪمل ڪير ٻڌي وٺندو ٻئي ڪمري ۾......“ جهيڻا جهريل لفظ هئا.

ڪمل سنڌس ڇپن تي ڏٺي همٿ رکيو هو، ”مرڻ
ون لاءِ مهانگو ٿڻجي ويندو. مرڻ جي ڳالهه مون سان
ه ڪر.“ گهرو ساهه ڏٺي هن چيو، ”آشا مان اهڙي
ڪلپنا به نٿو ڪري سگهان. خبر ناهي پوءِ منهنجي
ڪهڙي حالت ٿي ويندي. شايد پوءِ مان هن دنيا
ٿي نه هجان. جهر جهنگل منهنجي دنيا هجن ها.“

آشا لڏهن سنڌس قريب هلي آئي هئي. بنهه
ريب. ”ڪمل مان به توکان سواءِ پاڳل ٿي پوندس.
ڳوان ڪري تون سدا سدا ٿڙندو رهين. هر وقت
ونسان گڏ هجين.“

آشا جي اکين مان زار زار ڳوڙها ڳڙي رهيا هئا
ڪنهن ويل سنڌس ايڏي دل ڀرجي آئي جو هوءَ
ڏڪا ڀري رڻ لڳي.

”توکي ڇا ٿي ويو آهي آشا؟ هي ڪهڙو پاڳلپڻو
هي!؟“ ڪمل جي دل مان اهي اکر نه نڪتا پر ويجهو
جي ڪيس پر چانئي، اهڙي ڳالهه هيئڙر وٽس شايد
ڄٽي ٿي نه هئي.

”ها ڪمل تو لاءِ اهو پاڳلپڻو آهي.“ هن دل پر
يو ”ها آشا نه پاڳل آهي. سياڻي ڪڏهن ٿي هئي
شا! سياڻي هجي ها نه هيئڙن روئي ڇو هان“ سڏڪا
ي ڀري هوءَ شانت ٿي وئي هئي.

ٿي ڪمري جو در کليو پيو هو. هوءَ اٿي اوڏانهن

سارو ڪمرو پيو آهي."

"جتي ڪپهه اُلي وهان، اهڙو مُهندجو ڀاڱو ڪٽي. هاٿي ته مان توکان دور رهڻ جي به قابل نه رهي آهيان، نه ته ڪمل مونکي اُتين ڇوي ته هيڏو سارو ڪمرو پيو آهي!" آشا جي اکين مان ٻه قطرا ڳڙي پيا. هوءَ مُوڙي لي ٿي ويئي.

ڪا دير ٻئي چپ هئا. ڪمل اِتين ويٺو هو جتي آشا جي موجودگي ڪيس ڪاڻي رهي هئي. گذريل ٿورن ڏينهن ۾ هن آشا لاءِ پنهنجي دل ۾ بيحد نفرت ڀري هئي. اُن نفرت کي هو قائم رکڻ ٿي چاهيو. ڪنهن جي ڳوڙهن يا لفظن ۾ پگهرجڻ نٿي ڏنو. هوُ اُتين ٿوڪ ٻڌيو ويٺو هو جڻ ڪو پٿر هو. سامهون ريڊيو رکيو هو. آشا اُن ڏانهن پڪ ٽڪ پئي نهاريو. موڪل جو اهو ڏينهن سندس اکيان تري آيو. هن گهر ۾ هنن جشن ڪيا هئا ۽ ڪا گهڙي اهڙي به آئي هئي جو ڪمل چريو ٿي ويو هو، اصل پاڳل. هن ناٽڪ کي پٽ لي ڦهڪائي ذريعون ذريعون ڪري ڇڏيو هو. هن چلائي چيو، "درو مونکي آشا واپس آڻي ڏي. دروُ آشا کي واپس وٺي اچ."

دروءَ جڏهن آشا سان اها ڳالهه ڪئي هئي ته آشا ٽهڪ ڏئي کليو هو. "ڪمل جي مان سچ پچ مري وڃان ها ته......."

أنهن ڳلن جو جاڻ ڏسندي رهندي هئس. تون سدا سکي
هجين." من ڳورو، جيءَ ڳورو، سڀ ڪجهه ڇڏڻ پاري
پاري. آشا اِئين وڃي ڇڏڻ کا آتما هن ڪمري ۾ وهار
ڪرڻ آئي هئي ۽ هاڻي وڃي.

ڪمل ڪا ڏير شانت ويٺو هو. ڇڏڻ منجهانئس ساهه
نڪري ويو هو. ڪيتري ڏير کانپوءِ هو اٿيو ۽ ڏر
بند ڪيائين. اُن رات هڪ مدت لاءِ ٻه هن اکيون
ڪونه ٻوٽيون.

ڏروءَ جي احمدآباد شادي ٿي وئي. سنوور گهر
مليو هوس. هر لحاظ کان خوش هئي. سندس سڀاءُ
ئي ڪجهه اهڙو هو جو خوامخواه جي خيالن ڏانهن هوءَ
ڪو توجه ڪونه ڏيندي هئي يا ارت هيڻ يادن ۾
هيڻ جيان پاڻ ڳارڻ لء هوءَ سکي ئي نه هئي. هن
ئين جيون پالي هئي، ٻنهه ٽئين. ٻراٽي ڪي هوءَ
پاڄي وئي. چندر جو نالو سندس ذهن ۾ نفرت جو
آڪار ٻڻجي اڀرندو هو. اهو چندر جيڪو سشما کي
، ڇڏي اڪيلي هليو ويو هو. اها نگري وڃي وسائي
هئائين.

وقت گذرڻ ۾ ڪا دير ڪونه ٿي لڳي. ڪڏهن
ء سوال، ڪڏهن لاءِ ڏکيو، مڙئي وقت ڪي نه گذرڻو
هي ۽ گذري ٿو وڃي. ڪمل گهڻو اڳ ٻنهنجيءَ دل

هاڻي وئي. ڪمري مان نڪري ورانڊي ۾ آئي. ٻوءِ
اڱڻ ۾. هتي هنن ڊوڙون پاتيون هيون. هتي هو
ڀڄندا هئا، هڪ ٻئي کي ڊوڙ پائي. کل، ٽهڪڙو،
مستي. سڀ ڪجهه جڻ شانت هو هينئر. ڪمل سڀاڻي
هتان هليو ويندو. شايد اِهو به سندس ڀاڳ ۾ نه هو
ته ڪڏهن ڪڏهن هوءِ کيس ڏسندي رهي. ڪيڏي
نه پيڙا! ڪيڏو نه درد ٿي اُٿيو دل ۾. اڱڻ لتاڙي هوءِ
رنڌڻي جي در وٽ اچي بيٺي هئي. در بند هو.
ٻاهران ڪڙو ڏنل هو. سڀ سُونو سُونو. سندس دل
ٻڏڻ لڳي. اهڙي وقت ۾ ڪمل اُٿي وٽس آيو به نه
هو. هوءِ اڪيلي هئي. جڻ اُتي پاڻ نه پر سندس
روح ڀٽڪي رهيو هو. هوءِ واپس اڱڻ مان اچي لنگهي.
پادن مٿان ڳورا ڳورا قدم.

ڪمل چپ ڪيو پنهنجيءَ جاءِ تي ويٺو هو.

آشا پلنگ جي ڀرسان اچي بيٺي. پوءِ رڳو ايترو
چيائين، ”چڱو ڪمل مان هلان ٿي.“

ڪمل ڪڇيو ڪو نه. پٿر جيان ٿي شانت هو.

”ڪمل هتي اچڻ کان پهرين الائي ڇا ڇا سوچيو
هوم ته توکي چوندس پر سڀ ڪجهه ٻڏي ويو.
اُنهن اکرن ترو وڃي ورتو. مونکي سڌ نه هئي ته
جيڪي گلن جا ٻوٽا لڳائيندا آهن، اُنهن کي
هٿن سان ٻاهر به ڪڍندا آهن. مان سچي حيلاڻي

ڏيئي رهي هئي. جڏهن به ڪا ياد ڪيس
گهيري وٺندي هئي ته اهو ڪلان جو ٿي پيار هو،
جنهن ڏنارا هوءَ اُن مان مڪتي پائي وٺندو هو.
ليڪن آشا ته جڻ جڙ پٿر بڻجي ويئي هئي.
ڪالونيءَ ۾ هيٺئين رهيو ٿي ڪير هو ڪانئس سواءِ؟
هوءَ صبح جو سوني ساڙهي پائي، وارن جو جوڙو
ڏاهي، ڪتاب هٿ ۾ کڻي نڪرندي هئي. ٻارن کي
ساڙهي منجهند جو گهر موٽندي هئي. الڳ الڳ
ڀهاندن جا ٻار، طرح طرح جا آواز. ڪي ٻي ٽڪا ۽
ڪهرا ته ڪي مٺڙا ۽ سڀاجهڙا. ڪو ٻار ته سندس اکين
سمائجي ويندو هو. ڪيڏو نه سهڻو مکڙو، پياريون
پيارڙون اکيون، معصوم سڀاجهڙي مرڪ. ڪڏهن ته
ي وس ٿي ٻار کي هنج ۾ کڻڻ لاءِ آلي ٿي ويندي هئي.
ڊرو هيٺئين ٻن ٻارن جي ماءُ هئي. پنهنجيءَ دنيا
۾ بيحد خوش. جڻ هن ڪا نئين جيون پاتي هئي.
ڪمل به ٻن ٻارن جو پيءُ هو، انهن ٻڌو هئائين.
ڪتان به رشتي جي آڇ ايندي هئي ته کيس مجبور
ڪيو ويندو هو، اتري قدر جو پيءُ جي اکين ۾
آسون ٻري ايندا هئا. چوندو هوس، ”آشا مان توکي
اهڙيءَ جيون ۾ ڪيئن ڏسي سگهندس! ڇا سڄي
حياتي مان توکي اِئين ئي ڏسندس!؟“
”چو بابا، مونکي ڇا ٿيو آهي؟ مان خوش ته

کي ڪجھه اهڙو ئي ٻڌائي ڇڏيو هو ته. اڳيون سڀ ڪجھه وساري، اڳتي وڌڻو آهي. هو ليڪن هوُ شاديءَ لاءِ گهڻو ڪجھه سوچي ها، الائي گهڻيون ڇوڪريون ڏسي ها پر آشا جو جيون پراچڻ، اُن جي ننڍڻ ڪانپوءِ وڏڻ ۽ وڏڻ جهڙي ڪا ڳالھه ونس ڄڻ رهي ئي نه هئي. اِهو ئي سبب هو جو هن پهرينءَ ئي نظر سان ڪلان کي پسند ڪيو هو. شادي بعد ٻن مهنن اندر ئي گذري هئي. ڪلان کي سمپورڻ ڪلائن جي ساڪيات مورت پاتئي هن کيس ڀرپور پيار ڏنو هو، پيار پاتو هو. پتي پتنيءَ جو سنبنڌ ئي ڪجھه اهڙو ٿو ٿئي، بي خوف پيار ڪجي ۽ پائجي ٿو. جنهن ۾ آئينده جو ڪو خطرو ڪونهي ته. اهو پيار ڪانئس کسجي ويندو يا اڳتي هلي راهه ۾ روڙو بڻبو. شاديءَ کان پهرين هڪ ٻئي کان ٻنهي اپرچت پر پوءِ ايڏي پريت، جنهن جو ڪو ٿاهه ڪونهي. کيس لڳو هو، سندس اڳيان ڇانيل تمام ڪوهيڙو ڇنڊجي ويو هو.

وقتي آشا جي ياد واچوڙي وانگيان ڏوڪي ايندي هئي. پر ڪمل وقت وسارڻ جو پورو ساڌن هو. سندس پهلوءَ ۾ آشا نه ته ڪلان هئي. آشا جي پيار کي ته هو نفرت جي آگ ۾ جلائي چڪو هو، ڪلان ته سندس جيون سنگني هئي. توڙ تائين ساٿ سان نباهڻو هو ۽ رڳو اهو پر آشا کي پلائڻ ۾ به هوءَ چڱو ساٿ

جيڪي خيال اڏيا هئا، اُهي تمام نازڪ هئا، بيحد
نفيس ۽ ڪومل. ايشور ڪري اُنهن کي ڪا ٺيس نه
رسي. هن من ئي من ۾ آشا جي سکن جي ڪلپنا
ڪئي هئي. اُها آشا جيڪا ڪانئس هيڏو پري هئي،
سندس ويجهو اچي رهندي. واپس سندن گڏيل
ٽهڪ فضا ۾ گونجندا رهندا. هوءَ آشا کي جيئڻ
سيکاريندي. چونديس، ڪنهن جي ياد ۾ اِن طرح
پاڻ کي ڳارڻ پاپ آهي. ڳهڻن بدران تنهنجون هي
خالي ٻانهون سٺيون ٿيون لڳن. عورت جي پيشاني
سهاڳ جي بنديءَ سان سونهندي آهي. اُن ڪانسواءِ
هوءَ اڌوري آهي آشا، بنهه اڌوري.

جيسين هوءَ آشا سان نه گڏي هئي تيسين نه اُنهن
ويچارن ۾ ڇوهه هو، زور هو. پيئي اُنهن ۾ لڙهندي
هئي. آشا کي هن دفعي مهاڻڻ ۾ ڪيس پوري ٿيئي
اظر اچي رهي هئي. هوءَ ڪو پيو نه، پر سندس ٿي
گهوٽ جو دل گهريو دوست هو. هر وقت سندن گهر
ايندو ويندو هو. گڏ کائيندا هئا، گهمندا هئا، ٽهڪ
ڏيندا هئا. دروءَ اُنين ئي هڪ ڏينهن ڪيس مذاق
ان ڇيو هو، "موهن تو لاءِ ڇوڪري مان ڳولهيندس.
تنهنجي پسنديءَ کان به وڌيڪ."

موهن ٽهڪ ڏيئي کلي ڏنو هو، "ياني اهووري
ڪيئن! منهنجي پسنديءَ جي تو کي ڪهڙي سڌ؟"

آهيان. نوڪري اٿم. مان ڇو اهڙو ڏکيو ڏينهن ڏسندي هئس. توهان اجايو ٿا خيال ڪريو.“ آشا کي تڏهن لڳندو هو ته هوءَ اندر ئي اندر روئي به رهي آهي. پيءُ جا آنسو هوءَ ڏسي ڪونه سگهندي هئي.

”پٽ نوڪري ئي سڀ ڪجهه آهي!؟“ پيءُ چوندو هو، ”نه پٽ جيون ۾ نوڪري سڀ ڪجهه ڪونهي. عورت لاءِ پنهنجو گهر ئي سڀ ڪجهه آهي اهو گهر جنهن کي هوءَ پنهنجو گهر سڏي. تون هن گهر کي ڪيترو نه پنهنجو سمجهين پر مان اهو ڏسان ويٺو ته توکي ٿوري ئي ڇا ڪجهه نٿو پڌرو پوي! منهنجي حياتي الائي ڪيتري؟ پٽ منهنجي رڳو تون ايتري دل رک. جڏهن ڪٿان ڪو سٺو رشتو ٿهي ٿو اچي، انڪار نه ڪر.“

آشا چوندي هئي، ”بابا مون کي ان لاءِ نه چئو. منهنجي اها دل ئي ڪونه رهي آهي، دل ئي ڪونه رهي آهي، مان ڇا ڪريان.“ اهي پويان اکر پهرين اکرن جو جڙ پڙاڏو بڻجي سندس دل اندر گونجندا هئا.

دروُ احمدآباد مان آئي هئي. هميشه ڏس ته بهار جيان پيئي ٽڙندي هئي. اهڙيءَ دل لئي ڪا ٻي دل جيڪر ريس ڪري. هن دفعي هوءَ پرڻ ڪري آئي ته آشا کي ڪيئن به ڪري مڃائيندي. جي انڪار ڪيائين ته سڄي عمر ڪانئس رٺي رهندي. هن آشا لاءِ

”جڏهن چوندين ته کيس ڏسندس. پاڻ هتي
هرائيندس.“

”هتي گهرايانس يا مان اتي وڃي کيس هتي وٺي
چان. کيس اڳوات پڌائڻ سٺو ٿيندو.“

”اِهي ڳالهيون تنهنجون، جنهن کيپيٽي لئن ڪر.“

درو اُن وقت ايڏو ته خوش هئي جو شايد ئي
ڪڏهن اهڙو خوش رهي هجي. آشا لاءِ هن ڇا
ڪجهه نه سوچيو هو؟ پٽي يا ٽيئين ڏينهن لي ئي اجمير
ء نڪري پيئي هئي. پر آشا جو اهوئي ساڳيو من،
ڇا جو وهاڻو؟ ڪهڙي شادي درو؟ ڪهڙيون خوشيون،
ونڪي ته ڪجهه به سمجهه ۾ نٿو اچي ته دنيا ۾
ڪي خوشيون به ٿينديون آهن. مان جنهن جيون ۾
هيان، خوش آهيان. مونکي زور نه پر. مون لاءِ
ها جيون سيتل آهي ته سنتوش پري به. تون
ونکي نهڪ مونائي ڏيڻ ٿي چاهين، پر مان ڪڏهن
نهڪ ڏيئي کلي ڪونه سگهندس. پٽي جي من کي
ولهڻ ايترو سولو ڪونهي جنن تون سمجهين ٿي. سب
ن تو جهڙا پا هڪ سمان لٽا ٿين درو.“

”تو هميشه هڪ اهڙي ڳالهه چئي آهي جو دل
ايندو اثر ته چمات هٽي ڪيانه“ اِنهن اکرن ۾
ڪد پيار هو، پنهنجائي هئي. آشا جي اکين مان
هر جهر آنسون ڳڙي پيا ”مونکي پلي چمات هڻ

”مونکي سڌ آهي ٻا ناهي اُهو تون پوءِ ڇڏيندءِ.“

”ته ڇڏيندو تو مون لاءِ اڳيئي جاچي رکي آهي.“

”اِئين ٿي سمجهه.“

مذاق، اصليت جو روپ اختيار ڪندي، تڏهن دروءِ به اِئين ڪونه ڀانيو هو. موهن لائيف انشورنس ۾ سٺيءَ پوسٽ تي هو.

”ٺيڪ آهي پاپي تنهنجي پسنديءَ کي سر اکين تي رکندس.“

”مذاق ته اٿو ڪرين.“ دروءِ چيو هو.

”نه پاپي، ان ۾ مذاق جي ڪهڙي ڳالهه. ڪاله ڪا ته منهنجي جيون ۾ اچڻي آهي پر جي اها تنهنجي پسنديءَ جي ٿي آهي، ته مان انڪار ڇو ڪندس.“

دروءِ پوءِ ڪيس ٿوري ۾ ٻڌايو هو ته هوءَ سندس ساهيڙي آهي. گڏ پڙهيون آهن. سنگيت سندس نس نس ۾ سمايل آهي. سدا مرڪڻي، سهڻي، سلڇڻي ۽ ناز ادا واري. ناز اُهو جيڪو ڪنهن پار ليه ناريءَ ۾ هوندو آهي.

”پاپي تو ته اصل ڳڻن جا ڳل پڪيڙي ڇڏيا مون اڳيان.“ موهن ٺهڪ ڏيئي کلي ڏنو.

”سچ ته هوءَ ڳڻن جي ٿيل آهي. مان چاهيان ٿي ته تون هن کي پنهنجو بڻائين. هڪوار تون ڪيس ڏس ته سهي.“

ڄڻ لنگهي تي بيٺي هجي. اِهو پتو ڪونہ، ٿي پيس تہ ڪهڙا لفظ ٿي ڳالهائي؟

جڏهن بہ ڪا مٽي مائٽيءَ جي ڳالهہ ڇڙندي هئي تہ سندس وات هانڊو هو. اسانکي لکايو اٿس. اڳئين جنم جو ڪو قرض ڪٽي آيا آهيون هنجو. چاليءَ تي مگهہ ڏرڻ لاءِ جائي آهي، پٽي ڏري. ۽ پنهنجي مڙس کي الڳہ گهٽ وڌ ڳالهائيندي هئي تہ اهڙو دادلو ڪري ڇڏيو اٿس جو پاڻ نہ ڪڏهن ڪيس ڪجهہ چوي ٿي ڪونہ. هيڏو وياءُ ڪو گهر ۾ وهندو آهي؟ اهڙو انڌير تہ اسان هن گهر ۾ ٿا ڏسون. منهنجي جائي هجي نہ نرگهٽ تي لت ڏيئي ساهہ ڪڍي ڇڏيانس.

پر هن دفعي تہ هوءَ جيڪي ڪجهہ چئي ويئي، آشا جي سهارڻ کان ٻاهر هو. گهر ۾ اهي پنج ست ڏينهن جنسي ٻاهہ پئي ٻري.

درو جو پيءُ لڇمڻ ڪنهن ڪم سانگي ڪانپور ويو هو. اُتي پنهنجي ڪنهن دوست وٽ وڃي ٽڪيو هو. سندس اهو دوست خوبچند چمڙي جو وڏو واپاري هو. ڪيس هڪڙو ئي پٽ هو، جو وڪالت ۾ پاڻ کي رليائي ويٺو هو. ڪافي وڏي عمر جو ۽ ڪجهہ رکو رکو لڳندو هو. شايد اِهوئي سبب هو جو سندس جيون بہ ڄڻ رکي رکي لڳندي هئي. اُن جو اثر ريو

هڪ ڇو، سؤ هڻ. مان اُن جي لائق آهيان ڊرُو، جو
تنهنجو چوڻ نٿي مڃان."

ڊروءَ به روئي ڏنو هو. اوڇنگارون ڏيئي ڪو
وقت هوءَ روئندي رهي.

تنهن ڪانپوءِ هن آشا کي ڪڏهن به، ڪجهه به نه
چيو هو.

اِئين ٻه سال، ٽي سال گذري ويا هئا. آشا گهر ۾
رکيل ڪونڊين مان ڪڏهن به ڪو گل نه ڇنو هو. وارن
۾ گل لڳائڻ نه ڪاڻس ڪڏهوڪو وسري ويو هو.
گل ڇنڻ جو هيئر ڪو مهتوُ ٿي نه رهيو هو. دل جون
ڇوليون مانيون ٿي ويون هيون. پر ها گل نه ٽاڙين
ٿي ٽڙندا ٿي هئا. اُنهن جو مرڪ آهي ٽڙڻ. جو
ٽڙي ٿو اُهو مرجهائجي به ٿو. ڪڏهن ڪڏهن مٿئين
ڪمري جي بالڪنيءَ ۾ ويٺي آشا ٻي سڌ هيٺ اڱڻ
۾ رکيل ڪونڊين ڏانهن نهاريندي رهندي هئي، ڳاڙن
جي رنگ ۽ آڪ جي لعلاڻ ۾ ڪيس ڪو فرق نظر نه
ايندو هو. لڳندو هوس نه ڄڻ گل جلڻ پيا. هوءَ اُڏان
هٿي اندر ڪمري ۾ وڃي وهندي هئي. ڪو ڪتاب،
ڪا مئگزين کڻي اُن ۾ پاڻ کي گم ڪرڻ جي ڪوشش
ڪندي هئي، پر اُلجهيل من ٿهائين وڌيڪ اُلجهندو
رهندو هو. هڪ ڏينهن سندس مائٽيءَ کي کڻي گهر
۾ هڪوار وري مڃڻ مٿو هو. هن دفعي نه مائيلي ماءُ

چنبو هڻندس. نه نه، هتي ڪھڙيءَ ڳالھه جي ڪمي آهي. وڪالت به پنھنجي شونق کان ٿو ڪري. هن جھڙا نه مان ڌنڌي ۾ پنج لڳايان ٿي سي ٿورا آهن. هيڏي ڪاروبار ڪي مان ڪيئن ٿو منهن ڏيان، اھا مونکي سڌ. سچ پڇين ته جڏهن مونۡ مان لھندو آهيان ته گھر ڪاٽڻ ايندو اٿم. هيڏو وڏو بنگلو ۽ سُونو سُونو. پر دوست پئسو ۽ خوشي سڀ قسمت جي ڳالھه آهي. مونکي پئسو ته مليو پر خوشي ڪونه مليم.”

ٿوري دير چپ رهي، گھرو ساهه کڻي هوءَ وري چوڻ لڳو، ”دل جا سوُر آهن دل ۾. تون پنھنجو آهين، توکان ڪھڙو لڪائڻ! اھڙو ڪو پير ڳوڙ و اٿس جو جيڪا مائٽي اچي، ڪنھن نه ڪنھن ڪارڻ ٽٽيو پوي. سندس عمر ڪا گھٽ ڪونھي ٽيھه پار ڪري چڪو آهي. پر منھن اھڙو ٻڪو اٿس جو چاليھن کان مٿي ٿو لڳي. رڳو منھن ئي نه ٻڪو اٿس پر سڀاءَ جو به ڏاڍو سخت آهي. ڪسيون ٻڪيون ڳالھيون ته ٿين پيئون. مونکي به ائين اکيون ڏيکاريندو. جڻ مان سندس اڳيان ڪو اصيل آهيان. ٻيءَ جي دل اٿم، سڀ سهي ويندو آهيان. مونکي لڳي ٿو هي سڄي عمر ائين ئي ڪنوارو رهندو. پر مان به ڇا ٿو ڪري سگھان.”

دروءَ جو ٻيءَ ڏانھس نھاري مرڪڻ لڳو هو،

هن لئي نه پر سڀني گهر لئي پيو هو. گهر ۾ نوڪر
چاڪر سڀ ڪجهه هئو پر اُهي سدورا پير ڪونه هئا
جن سان گهر ٻهڪندو آهي. چڱو عرصو ٿيو جو خوبچند
جي زال گذاري وئي تنهن ڪانپوءِ گهر جڻ ٻسو ٻسو.
اُنهن ٻاهران ته ٺاٺ پئي پر اندران کوکو. ليڇمڻ الائي
ڪيئن همت مان اُنهن چئي ڏنو، ”خوبا تون به خوب
آهين يار. هيڏو وقت ٿي ويو آهي ته تون پنهنجي
پٽ کي شاديءَ ڪاڻ مڃائي نه سگهيو آهين. تڪو
وري هن ٻي ساٿڻ کي ڪاهڙو خيال ٿو اچي. هن گهر
۾ ڇا ڪجهه نه آهي؟ پر هيڏو ڪجهه هوندي به
مونکي لڳندو آهي ته ڪجهه به ڪونهي. مونکي ڇا،
توکي به اُنهن محسوس ٿيندو هوندو. چار سال اڳي،
آئون هوس ته نوڪر جي هٿ جي روٽي کاڌي هئي،
اڄ به اُهائي ساڳي روٽي. ڪٿي سُو طعام اڳيان اچن پر
اُن هٿ جي پوڻي ۾ جيڪو سواد ٿو ٿئي سو ٻئي
ڪنهن طعام ۾ ڪٿي؟ گهر هريو ڀريو ٿو رهي. خبر
ناهي تون ڇو اُنهن ٿڌو مانجهاندو ڪيو ويٺو آهين.
ڇو ڪشور لئو مڃي ڇا؟“

”ڀائي منهنجي ته لئو مڃي، تنهنجي مڃي ته
مڃائيندس. تون هيڏو ڪجهه چئي وئين، ڇا منهنجي
دل ۾ ڪي ارمان ئي ڪونهن ڇا. سندس رڪي سڀاءَ
کي ڏسي لڳندو اٿم ته پڳوان الائي ڪڏهن ٿيندو

منهنجو ٿيو."

اچڻ کانپوءِ مان واپس آيو ته پهرين پهرين پنهنجي ئي گهر ۾ هن جانڪيءَ سان ذڪر ڇيڙيو. سندس ڳالهه ڪرڻ جو ڍنگ اهڙو ته ڪشش ڀريو جو جانڪيءَ چيو، "پوءِ ته اهڙين حالتن ۾ آشا راڄ وڃي ڪندي."

"تون راڄ ٿي چوين، مان ته سمجهان ٿو اهڙو ڀاڳ ڪن ورلي ڇوڪرين جو ٿيو هوندو. شاهي بنگلو. در تي ٻه موٽرون بيٺيون هجن. باغ ۾ جهولا پيا لڏن، ناٽي جو ته ڪو انت ئي ڪونهي. ۽ پيءُ کي اڪيلو لاڏلو پٽ. هي ٻه وڪالت پنهنجي شوق ڪان ٿو ڪري. سندس پيءُ جي وري کهڙي ساراهه ڪريان. آهي ته منهنجو دوست، نندي هوندي گڏ پڙهيا آهيون، ساڪيات درويش مورتي آهي. ان هوندي به جي آشا نٿي مڃي ته پوءِ مان ائين چوندس ته هوءَ ڀاڳ کي ٺڪو ٿي ڏئي. جنهن ڪري تون به کيس پنهنجي منهن سمجهاءِ. مان به کيس چوندس. کيس اها ڳالهه سمجهه ۾ ڇو ڪو نه ٿي اچي ته سڄي عمر ڪنواري ٻڌي ڪيئن مائٽن جي در تي ويٺي هوندي! پيءُ به ويچارو انهن ئي سورن ۾ ويڳاڻو ويڳاڻو پيو ڏسجي. خير مان سمجهائيندو سانس."

"ها، هڪ خاص ڳالهه چوڻ ته ڀلجي ويس." اچڻ ٻئي ڪن ڪجهه ياد پوڻ تي چيئي ڏنو، "ڏينهن ليٽيءَ

”ڪشور لاءِ مان مائٽي ڏسي رهي. اُن جي ٽڻ جو ته
ڪو سوال ئي نٿو اُٿي. ڇوڪري ساچٽي، سٻاجهڙي،
گهر ۾ ڄڻ چالب وڪي ايندي. منهنجي ڌيءُ جي ساهيڙي
نه پر انهن سمجهه منهنجي ڌيءُ آهي. ڪشور جو
نيهن جو آهي ته هوءَ به لڳي پئي اناويهن جي ٿيندي.
جوڙي سٺي ٺهندي. رهيو سياءَ جو سوال، سو ته پيو
بدلجي سدالجي. سياءُ بدلائڻ واري اچي ويندي ته
خود بخود بدلجي ويندس. هينئر هوءَ اڪيلو آهي.
جنهن ڪري به ڪيس پنهنجي زندگي ڪوڙي ۽ رکي
پاسندي هوندي. پوءِ جي ڪنهن ڳالهه تان ڪڏهن
ڪو غصو به اچي ٿو ته اهو سياويڪ آهي. جنهنڪري
سياءَ وغيره جي ڳالهه ته ڪون ڪرئي نه. سوال آهي ته
هوءَ ڇا ٿو چاهي، سندس مرضي به آهي يا نه؟ سندس
اڇا پٽاندڙ ٿي ته ڳالهه کي چوري سگهبو. ۽ هوءَ ته
مونکي ڪا ڌاري ڪانهي. ناٿو آشا انس پر سڀ پيچ
نيون آشائون کڻي ايندي. گهر جو چرخو ئي پوءِ ٿو ن
ڪو پيو ڏسندا ان.“

خوبچند کي اِيڏي خوشي ٿي جو ڄڻ آشا جي اچڻ
کان اڳ ئي سندس آشائون ٽڙي پيئون هيون. چيائين،
”ڪشور کان ڪڻي ٿون ئي پڇ. هوءَ ڪو ٿو لاءِ ڌاريو
ته ڪونهي.“

”ٺيڪ آهي مان ئي پڇندس. هينئر اهو ڪم

کي پلنگ تي وڃي سمهاريائين. الا! سڏڪا هڻيا. پلنگ
ڄڻ هن جي ٿڙڪڻيءَ ۾ لڏيو پئي.

پيءُ اُن مهل ئي پٺيان پٺيان مٿي چڙهي آيو
هو. سندس پُٺيءَ تي هٿ ڦيري چوڻ لڳو، "نه
روءُ منهنجي ڌيءُ نه روءُ. مان تنهنجو هي ڏک ڏسي
نٿو سگهان. اِهو ئي نه، ڏک ٿيندو اٿم ته منهنجي
جيڏي ئي توسان اِئين ٿي هلي ته پرپٽ الائي ڪهڙا
ڪاوڙ ڪندي!" سندس اکين مان ڳوڙها ڳڙي آشا
جي بانهن تي ٽپ ٽپ ڪري رهيا هئا. آشا اُٿي
ويٺي. "توهان نه روئو بابا. توهان ڇو ٿا روئو مون
لاءِ!" آشا سڏڪا ڀري وري رُئڻ لڳي. ٻئي پل هوءَ
پيءُ جي گود ۾ ليٽي پيئي.

"مان هونئن ڇو روئان پٽ، - رُئڻ اچي ٿو."
ڪادر هوُ بنهه شانت ٿي ويو. آشا جي پُٺيءَ تي
سندس هٿ اِئين پئي رهيو ڄڻ ڄڙ. سڏڪا پري
پري آشا شانت ٿي وئي هئي. پوءِ ڪنهن ويل پيءُ
وري چيو، "پٽ منهنجو رڳو توکي اِترو چوڻ مڃ.
منهنجي آنسن لئي به توکي قياس نٿو اچي."

هوءَ اندر ۾ سڄي جا سڄي لُڇي وئي. سندس
چاليءَ ۾ ڄڻ ڪنهن ڀالو ٽنبيو هجي. پيءُ جو به ڪهڙو
ڏوهه؟ هوءَ هن گهر ۾ ڄڻ ڏوهه بڻجي رهي پيئي
هئي. چيائين، "بابا توهين پاڻي پڪ ڏيئي ڇڏيو."

جو هتي ڪو لڙو ڪو نهي. پنهنجي پتا سان جيڪي ڪجهہ ڏيندا تہ اهو هنن لاءِ لکن برابر آهي. ڇوڪري جي پيءُ تہ انهن بہ چيو، اسانکي ڇوڪري وڏيءَ جي ساڙهيءَ ۾ کپي، بس ان کان وڌيڪ ٻيو ڪجهہ بہ نہ. ڪن. نہ نہ تون پاڻ سمجهين ٿي تہ گهڻو ڪري ڳالهيون اِلي ٿي اچي انڪيون آهن. ويچارو پيءُ بہ پنهنجي جيتري ڪلهن تان اِهو بار لاهيندو تہ کيس خوشي ٿيندي. هاڻي رڳو آشا اِها ڳالهہ سمجهي."

هن دفعي آشا کي مڃائڻ لاءِ ڪنهن حيلا نہ هلايا؟ سڀني گهڻو ڪجهہ چيو. ها، گهڻو ڪجهہ. پيءُ تہ اکين مان لڙڪ لاڙي چيو، "ڌيءُ تون رڳو 'ها' ڪر، مان ڪاڻپور وڃي ڇوڪرو ڏسي اچان."

"'ها' ڪيئن ڪري؟ ڪو يار اٿس جنهن جي پيار کي دل ۾ سانڍي ويٺي آهي."

"تون هي ڇا ٿي چوين آشا جي ماءُ! انهن نہ چئہ" پيءُ جي ڄڻ دل ڏري پيئي هئي.

"ڇا نہ چوان؟ اسانجا تہ هن ڇوڪريءَ اصل جنم ئي برباد ڪري ڇڏيا آهن. هن گهر کان وڌيڪ ڀلا ڪو ٻيو گهر ملندو؟ ڇوي ڇو نہ ٿي تہ سندس ڪهڙو يار آهي تہ اُن سان ڪٿي پرڻايونس."

"اَمان!" آشا کان ڇيخ نڪري ويئي. هوءَ ڊوڙندي، ڏاڪڻ چڙهي مٿين ڪمري ڏانهن هلي ويئي. پاڻ

شاديءَ تي؟ تون منهنجي دل کي ڄاڻين ٿي........ ضرور اچج. وڌيڪ ڪجهه به لکي نٿي سگهان.

تنهنجي آشا."

روئي، هنيانءُ هلڪو ڪري، ٻتي وسائي سمهي پيئي. ماءُ جا اکر اڃا به سندس ڪنن ۾ ٻري رهيا هئا.

ڊروءَ کي سندس ماءُ خط لکيو هو، — ڊرُوَ توکي ٻڌي خوشي ٿيندي ته آشا شادي ڪري رهي آهي. اهو سڀ ڪم تنهنجي ڏاڏيءَ ڪيو آهي. ڇوڪرو وڪيل آهي، پيءُ جو اڪيلو لاڏلو پٽ، ليڪن جو خانوند. آشا جا سٺا ڀاڳ آهن. شل سندس سٺا ڀاڳ هجن. الائي ڪيئن آشا مڃيو آهي. پر سٺو ئي ٿيو. مونکان ته سندس حالت ڏٺي نه پئي ٿي. جڏهن سوني ساڙهيءَ ۾ اسانجي گهر وٽان اسڪول وڃڻ وقت لنگهندي هئي يا اسڪول مان موٽندي وقت ڪيس ڏسندي هئس ته اکين ۾ پاڻي ڀرجي ايندو هو. توهان ٻنهي ڪيئن نه ٺهڪ ڏيئي پيئون ڪلنديون هيون! هاڻ اڏو گنيير جو ڪيس ياد به نه هوندو ته ڪڏهن هن اڏو ڪليو به هو. شل نه ڪنهن ڪارمنهين جي واتان ڪو اهڙو ڳڻو لفظ نڪري وڃي. ڪيڏي سهڻي سڀاجهي ۽ وري ڪيڏي اداس! تون هن جي شاديءَ تي ضرور اچجانءِ ڌيءُ. آشا مونکي به چيو هو توکي لکڻ لاءِ.

"پوءِ ماڻ سياڻي ٿي هليو وڃان، ڇوڪرو ڏسي اچان!؟" پيءُ ٽڪساهيءَ ڇڏي ويو جڻ پڪ ڪرڻ لاءِ ته ڪٿي هن غلط ته نه ٻڌو هو!

آشا ڳوڙي مرڪ سان چيو، "نه بابا وڃڻ جو ڪو ضرور ڪونهي."

سڀ جا پاڇا لڙي ويا هئا. ڪمري اندر اوندهه جو ساڻو گهرو ٿيندو ٿي ويو. آشا شانت، وهاڻي ۾ منهن وجهيو ليٽي پيئي هئي، اِئين ٿي لڳو هن وقت هينئر پنهنجو ڪو من ٿي نه رهيو هو. ٻتي ٻاري پين پنو ڪڍي هوءَ لکڻ ويٺي "منهنجي پياري ڀيڻ درُوُ،

"گهڻي وقت کانپوءِ توکي هي خط لکي رهي آهيان. تون ته اِئين وساري ڇڏيو جڻ ڪا تنهنجي ڀيڻ هن جڳ ۾ آهي به الائي نه." آشا جي اکين مان آنسن جا ٻه قطرا ٽمي ٿي اچي ڪريا. اکر ٻسي پيا. مس ڦهلجي ويئي ۽ ائين ڦهلجي رهي. هڪ هڪ اکر جڻ پاڻي پاڻي ٿي ويو. لڳو ته هن آنسن سان ويهي سڄو خط لکيو هجي. جڻ لکندي ويئي، آنسون ڳڙندا رهيا. "درُوُ منهنجي شادي ٿي رهي آهي. تون شايد ڇرڪ پوندينءَ. ها درُوُ سچ ٿي لکان. منهنجي شادي ٿي رهي آهي. ايندينءَ نه منهنجي

توهان آشا کي کھڙيءَ ڳالھہ ۾ اُچلي رهيا آهيو؟"
"تون ڇا پيئي چوين! پاڳل تہ نہ ٿي ويئي آهين!!"
"ڪاش! جي مان پاڳل ٿي سگھان. مان ڇلائي ڇلائي پريءَ سڀا ۾ چوان، توهان آشا سان ڏوھہ ڪيو آهي، انرٿ ڪيو آهي، ظلم ڪيو آهي."

"ڊرو، سنڀالي ڳالھاءِ" ٻيءَ غصي مان ٻڙڪي، ڪيس ٻانهن کان جھوٻو ڏيندي چيو، "هل چپ ڪري هلي وڃ. تون هميشه ڪو نہ ڪو گوڙ مچائيندي آهين. پر ياد رک، تون ڪجھ بہ ڪندينءَ تہ هٿ وٺي آشا جي زندگي زهر ڪندينءَ. تو رڳو ڇوڪري جي روپ کي ڏٺو آهي پر اُن سان گڏ ٻيا بہ گڻ ڏسڻ گھرجن. ڇا نہ آهي هن گھر ۾، جو مون آشا لاءِ سٺو گھر نہ ڳولھيو آهي؟"

ڊرو چپ ٿي وئي. ڪنهن کي چوي؟ ڪنهن سان بحث ڪري؟؟ سندس زبان ڪپجي وئي هئي. اڄ هن ٻارڻ کي ڪيڏو نہ هيٺو ٿيندي پاتيو؟ ويڏي پڙهجي رهي هئي. ٻيءَ جو هڪ لفظ ڪيس پوونگ پاسيو هو، محض پوونگ.

ٻئي ڏينهن هو اجمير لاءِ روانا ٿيا هئا. آشا اُليئي رهجي وئي. هيئنر اهو ئي هن جو گھر هو. گاڏيءَ ۾ آشا جي ٻيءَ ڏاڍو رلو. ڊروءَ کي چيائين، "ڊرو، آشا جي اگر ماءُ هجي ها تہ ڇوڪري ڏسڻ بنا مائٽي

خط پڙهي دروءَ روئي ڏنو. ڳوڙهن کي اصل ڪا جهل ٿي نہ هئي. اندر ئي اندر ڄڻ ڳوڙهن جو تلاءُ هئو جنهن ۾ هوءَ ٻڏي ٻڏي وئي.

دروءَ کي ڏسي آشا ۾ ڄڻ ڪو ساهہ پيو هو. درُو هر طرح سان خوش هئي، کيس اِنتظار هئو تہ رڳو اُن ڇوڪري ڏسڻ جو. باقي تہ کيس يقين هو تہ سندس پيءُ آشا لاءِ ڪو اهڙو جهڙو گهر ڪونہ ڳولهيو هوندو. آشا هن لاءِ دروءَ ڪانپوءِ ٻي ڌيءُ هئي. هڪ ڌيءُ لاءِ سنئو ٻيءَ لاءِ ڪسو، اِئين ڪيئن ٿو ٿي سگهي!
پر شاديءَ جي منڊپ ۾ سندس پيرن هيٺان زمين کسڪي وئي. سندس ڪلپنائن کي ڄڻ آڳ وچڙي هئي. جنهن ۾ موٽرون، بنگلا، جيپون جلي رهيون هيون. هيءَ ڪهڙي شڪل هئي ڇوڪري جي؟ منهن تي ڄڻ ماکيءَ جو مانارو چنبڙيل هو. اهڙو سخت سُوڀت چهرو جو ڏٺي ڇان ٿي آئي. اِئين بہ پئي محسوس ٿيو تہ وارن تي ڪارڻ جو گهاٽو ليپ چڙهيل هو. اِنڪري بہ شايد اُهو چهرو وڌيڪ بدزيبو ٿي ڏٺو. دروءَ کان رهيو نہ ٿيو، "بابدي توهان ٿورو هيڏانهن اچو" اِئين چئي پيءُ کي منڊپ کان ٿورو پاسيرو وٺي وئي "توهان هي ڇا ڪيو بابدي؟ هاڻي بہ اگر هيءَ شادي رڪجي سگهي تہ رڪيو

پيڙا اُٿندي هئي تڏهن از خود سوز پيدا ٿي گيت جون
ڪي لڪون سنڌس زبان تي تري ايندڙيون هيون.
ليڪن اُن ڏينهن پنهنجي مڙس جو هن کهڙو روپ
ڏٺو هو؟ ڪيس راڳ ڳائي ٿي وٺيو، هيءَ کهڙي دل،
کهڙو من هئو هنجو؟ منع ڪرڻ لاءِ ڪي ٻيا لفظ
هئا، ڪنهن ٻئي نموني چئي ٿي سگهيو پر هيءَ کهڙو
طريقو، کهڙا لفظ هئا؟ هن رنڊين وانگر راڳ ٿي
ڳاتو؟ اِنهن لفظن ٻڌڻ لاءِ هوءَ هن گهر ۾ آئي هئي!
خوبچند ڪڏهن سوچيندو هو ته سنڌس پٽ اڳئين جنم
۾ دئيت هو، راڪاس هو. اهڙي راڪاس ۽ دئيت جو پيءُ
ٻڻجڻ لاءِ ڪنهن ڪيس سراپ ڏنو هو. پر پٽ کي ڇا چوي؟
سوچيو هئائين، شاديءَ ڪانپوءِ منجهس ڪو ڦيرو ايندو.
پر آشا جهڙي ارڌانگني پائي به اگر هوُ سائين جو
سائيو رهي ته پوءِ هوُ دئيت ئي چئبو.
سهري جي آچار وهنوار، هلت چلت پيا سنيهه
ماءُ جيڪو پڇتاءُ نپڪندو هو، سو آشا کان ڳجهو
ڪين هو. پر ڪيس ان ڳالهه جو سنتوش هو، گهر ۾
ڪوئي نه آهي جيڪو سنڌس خيال رکي ٿو. جيڪو
سنڌس درد کي پنهنجو درد ڪري ڄاڻي ٿو. جنهن
جي دل ۾ به سنڌس جهڙيائي پيڙا اُپري ٿي. پر نيڪ
آهي هيءَ سنڌس پنهنجو گهر نه آهي. درو ائين
چوندي هئي، سنڌس پيءُ به چوندو هو، شايد سڀ

ڪري ها؟ منهنجا ڀاڳ، قتل آهن درو، منهنجا ڀاڳ
قتل آهن."

درو گوڏن ۾ منهن وجهي ويٺي رهي. جڏهن هو ڪانپور وڃي رهيا هئا ته هن آشا سان ڪيڏا نه چرچا پئي ڪيا. سوچيائين، ائين سنڌس دل ڪڇندي. هن، هنجي سکن جي ڪلپنا ڪئي هئي پر ڪهڙي خبر ته سکن کي ائين باهه لڳندي آهي.

پر آشا لاءِ مڙيئي مٺو پاٽو هو. هوءَ ڇو ڪنهن کي ڏوهه ڏئي؟ همت جي ريکائن کي ڪير مٽائي يا ڊاهي سگهيو آهي؟ آشا هميشه ڪنهن ٻئي جي هئي. سنڌس جيون هميشه ڪنهن ٻئي لاءِ هئي. دک، ڪرڻ سان دک، دور ڪو نه ٿيندا. انهن ۾ ئي سک ڳولهڻا آهن. ليڪن ڪشور جيترو ٻاهران ڪنور ٿي ڏسڻ ۾ آيو، اندر ۾ اوترو ئي ڪنور ۽ سخت هو. آشا کي ته مات تنهن ڳالهه ٿان لڳي جو هوءَ ڪو گيت گنگنائي رهي هئي ته هو موت ڪائي رنڊٽي ۾ گهڙي آيو هو، "هيءَ سڄو وقت ڪهڙا رنڊڻ وارا راڳ، ڳائيندي ٿي وتين. هن گهر ۾ اهي راڳ، ڪو نه هلندا. ڇا سمجهيئه؟" ائين چئي هو موني هليو ويو هو. اُن وقت سنڌس منهن ٿي مالا جا ڇگهه ٽانڊن جيان ٻريا هئا. الا! آشا ڪان اهو روپ ڪڏهن به وسرندو نه هو. اُن ڏينهن کان ئي سنڌس گنگائڻ بند ٿي ويو. جڏهن دل ۾

ٿيندي هئي ته هو جهٽ سهري کي چوندي هئي، ”بابا توهان ڇو ٿا پاڻ کي دکي ڪريو. منهنجي ڪابه اِڇا ڪانهي. هن کي جڏهن فرصت ملي ته هلي وينديس.“

”هن کي فرصت ملندي؟“ پٽ لاءِ ڪي اُگرا لفظ سندس زبان تي تري آيا پر پوءِ بيءَ کن شانت ٿي ويو. چيائين، ”دکي رکو اهو اٿم، توکي پائي به هڙ بدليو ڪين. اُهو ٿي سخت پهڻ. تون تيار ٿيءُ، موکي پنهنجي سيڻ سان ماڻ جي سڪ آهي. ڪيڏن سالن کان اجمير ويو ڪونهيان ان بهاني ڇوڪڙ سان به ملي ايندس.“

اڻ ڏينهن ڪمل آيو هو، ”دروُ پڌو اٿم آشا آئي آهي.“

”ها“ ٻئي پل دروءَ چيو، ”ڇو پڇين ٿو؟“

”انين ئي ......“ ايترو چئي چپ ٿي ويو هو. پر پوءِ ٿوري دير بعد هن وري پڇيو هو، ”ڪيئن آهي آشا؟“

”اهڙو اڻ ڪار ڪمل ٿو ومٺ آهي؟، جو هن لاءِ پڇين ٿو ته ڪيئن آهي آشا؟“ دروءَ جڻ پڇري چيو.

”اڻ ڪار ته برابر ڪوله اٿم پر تڏهن به ......“

”تڏهن به پڇين ٿو، انين نه؟“ دروُ ٿوري دير نه

اِنهن چوندا آهن ته عورت لاءِ سندس ساهرو گهر ئي
پنهنجو گهر آهي. ها، سندس هي پنهنجو گهر هو.
پر خوشيون سڀني وٽ ته ساڳيون ڪونه ٿيون ٿين،
ڪيئن ۾ هيءُ گهر سندس جو ئي نه هئو.

ڊروءِ جو خط آيو هو. پاڻ اجمير وڃي رهي هئي.
ڪيس به اچڻ لاءِ لکيو هئائين. اڳئين سال به ڊروءِ
اچڻ لاءِ لکيو هو. هيءُ سندس ٻيو خط هئو. پيءُ جا
ٻه موڪل لاءِ خط پئي آيا پر ڪشور کي فرصت ڪٿي
هئي جو آشا کي گهمائڻ لاءِ اجمير وٺي وڃي. هن
دفعي خوبچند وري چيو، "ڪشور تون هڪ دفعو
به نه اجمير ڪونه ويو آهين. آشا کي وٺي گهمي اچ
پٽ."

"نه ويو آهيان ته ڪو ضروري آهي وڃڻ؟"

"ڇا ضروري آهي يا ڇا ناهي، مان توکي ڇا
چوان، تون پاڻ سمجهي سگهين ٿو. آشا جو پيءُ به
گهڻيئي دفعا لکي چڪو آهي. هروڀرو اُنهن نه هلڻ
گهرجي."

"توهان آشا کي وٺي وڃو. مون کي فرصت
ڪونهي." بعد ئي اچارو جواب ڏيئي هُو هليو ويو
هو. تڏهن پيءُ چيو هو، "ٺيڪ آهي مان وٺي ويندس"

پيءُ ۽ پٽ سندس ڪري ڪٿو مٿو ڳالهائين، آشا
کي سٺو نه لڳندو هو. ڪڏهن به ڪا اهڙي ڳالهه

بجاءِ هڪ ڳل رهجي ويو هو. اُڀرين ڏينهن جي شام
وارو منظر اکين اڳيان گهمي ويو. لهندڙ سورج جي روشنيءَ
آسمان جي ڳچ حصي کي پيلو ڳاڙهو ڪري ڇڏيو هو.
پرندا پر ڦهلائيو پئي اُڏاما. آشا کي ڇا ٿي ويو هو!
ڇا بدلي رهي هئي ڪمل جي واڻان؟ گويا اُن وقت
سندس سڀ ڪجهه هارجي ويو هو. جيون کي، ٻيءَ
جيون جي امانت سمجهيو هئائين. ڪمل جنمن جا اکر
دهرايا هئا. ها، اسين ورهي هتي مليا آهيون، اڳين
جنمن وانگر. هر جنم ۾ ائين ملندا رهيا آهيون. آشا
ٻوڙين سورج جي هيءَ گلابي روشني شاهد آهي....
۽ الائي ٻيو به ڇا ڪجهه چيو هو ڪمل! ڏٺو هن آشا کي
ٻه اها سڌ نه رهي ته هوءَ ڪهڙي عالم ۾ گم هئي؟
اڳين جنمن جي ڪيس ڪهڙي سڌ؟ ها؛ اگر اهو سچ
هو ته پوءِ هوءَ جنهن جي هئي تنهن ۾ سمائجي وئي
هئي. انهن پلن لاءِ جڳ مٿس ڪو نشو چڙهي ويو هو.
اهي اکر ڏٺو هن ڪيڏا نه مٺا ۽ معنيٰ ڀريا لڳا هئا!
آشا جو دماغ چڪرائڻ لڳو. اُن هڪ منٽ ۾ هوءَ
الائي ڪهڙي منظر ۾ گهمي وئي. ڪيس لڳو ته هوءَ
اُنيئي ڪري پوندي. هوءَ نستي ٿيندي پئي وئي.
ڪمل سامهون وٺو هو. هوءَ خود وائڙو هو ته آشا کي
ڇا ٿو ٿيندو وڃي! ڪيڏي پيلي هئڊي ٿي وئي
آهي!

چپ ڪيو ويٺي هئي، پوءِ چيائين، "ڪمل تون جيڪي ٻه ملئين، سو ڪو نه ملئين. پر هاڻ ڇا ٿو ٿي سگهي! وقت گهڻو گهڻو آشا کي پٺيان ڇڏي اڳتي وڌي ويو...... آشا خوش آهي ڪمل، بيحد خوش. هوءَ هڪ وڏي بنگلي ۾ رهندي آهي جنهن ۾ جهونا ٽنگيل آهن......" ايترو چئي هوءَ چپ ٿي ويئي هئي.

ڪمل اٿي ويٺو ٿي هو جو آشا اچي ويئي. هوءَ ڇرڪي ويئي ڪمل کي ڏسي. ڏڪڻيءَ جو هڪ اهڙو احساس، جيڪو اوچتو ڪنهن پنهنجي کي ڏسي ٿيندو آهي اُن وقت محسوس ٿيندو آهي ته دل ڌڪ ڌڪ ڪري اجهو ڪي ٻڌي ٿي. هوءَ اڳتي وڌي ڌروءَ جي ڀر ۾ صوفا تي وڃي ويٺي هئي. ڪمل پڇيو، "ڪيئن آهين آشا؟"

"ٺيڪ آهيان" آشا کان گهرو ساهه کڄي ويو. ڪجهه ئي ساعت بعد ڪيس اِئين محسوس ٿيو ته هوءَ صوفا تي نه پر ڪنهن ڦرندڙ چڪريءَ تي ويٺي هئي. هيءَ اُهو ئي صوفا هو جتي سوال صبح جو هڪ ڏينهن اچي ويٺي هئي. سندس هٿ ۾ گل هئا ۽ دل ۾ ڪئين سوال جيڪي سلجهڻ کان ٻاهر هوندا آهن. شايد اڄ تائين اُنهن کي ڪير به سلجهائي نه سگهيو آهي. اُهي پرولي بڻجي مڻش کي منجهائيندڙ حالت ۾ ڇڏي ويندا آهن. ڌروءَ سڏ ڪيو هو. آشا جي هٿ ۾ ٻن

ايترو چيو هو، ”ٺيڪ آهيان“ پر ائين چوندي ٻه
سندس دل ڪيڏو نه ڏکي هئي! جنهن سان هن
جنمن جا ناتا نڀاهڻ جا واعدا ڪيا هئا، تنهن ڪان هوُ
سالن بعد گڏجڻ تي پڇي رهيو هو، ”ڪيئن آهين
آشا؟“

ڪجهه ساعت بعد آشا اکيون کوليون. ”ڇو آشا
ڇا ٿو ٿئيئي؟“ ڊروءَ پڇيو.

”ڪجهه نه“

”پوءِ ائين ڇو سمهي پيئينءَ؟“

”چڪر پئي آيو. سو ائين ٿي ......“ آشا هينئر
اُٿي ويٺي. ڪمل به مٿان بيٺو هو. هوُ ڇا سوچيندو؟

ڪمل پوءِ پنهنجي گهر هليو ويو. ڊروءَ جي
موجودگي کيس کٽڪي رهي هئي. ڊروءَ جي پرپٺ
هوُ وري به آشا سان ٻه اکر ڳالهائي سگهندو. ليڪن
اُنهن ۾ شرمندگي هوندي، پڇتاءُ هوندو. جيتوٽيڪ
هينئر ڪجهه ورتو ڪونه هو، پوئي آشا جي من کي
ڏک پهچائيو هو. پر الائي ڇو سندس من ۾ آيو هو ته
هڪ دفعو هوُ آشا کي ائين ضرور چوندو، آشا مونکي
معاف ڪر. منهنجي مٿان انڌ جون پٽيون چڙهيل هيون،
مان اهو ڪي هليس جو جاهل به جيڪر ائين نه هلي.
تو مونکي خوشيون ڏنيون پر پنهنجي لاءِ مايوسيون
ميڙيون. مونکي معاف ڪونه ڪندينءَ آشا! ......“

آشا ٻئي پل ئي اُتان اُٿي پــر واري ڪمري ۾، پلنگ تي وڃي ليٽي. درد کان سندس حالت ڳجهي ڪونه هئي. هن اچي پڇيو، "ڇا تو ٺٺيئي آشا، تون اِئين سمهي ڇو پيئي آهين!؟" سندس نرڙ تي هٿ رکيائين. پر آشا جون اکيون ٻوٽيل هيون.

جنهن حالت ۾ آشا اُتي ويٺي هئي تڏهن ئي ڪمل ڄاڻو هو ته سندس طبعيت ڪجهه بگڙي رهي آهي. پر ويتر جو درد کي اِئين ڇوندو ٻڌائين ته پوءِ اُمالڪ پاڻ به اُن ڪمري ۾ آيو هو. آشا جڏ مورڇت پيئي هئي تڏهن ڪمل کي من ۾ آيو ته، درد کي ڇوي ته تون پري ٿيءُ، مان ڪيس سنڀالي ٿو وٺان.

ليڪن هاڻ اهڙن اکرن کي ڪهڙو ارٿ هو؟ ڪو سمو هو جو اُنهن کي ارٿ هو. درد کان ڇا ڪجهه ڳجهو هو، جنهن کي هوُ نه ڇئي سگهندو هجي، بلڪ اهڙي وقت تي هوءَ مٿس سنڀالڻ جو ٻار سونپي، پري ٿي ٻيهندي هئي. پر اڄ ڪمل اِئين ٻيٺو هو جڏ هن کي هٿ لائڻ جو ڪيس ڪوبه حق ڪونه هو. هٿ لائڻ ته دور رهيو، رڳو هن ايترو ئي پڇيو هو ته آشا ڪيئن آهين؟ ته اُهي ئي اکر درد کي اُپٽا لڳا هئا. درد کي ئي ڇو، خود پاڻ به اِئين محسوس ڪيو هئائين. آشا جي دل تي ان جو ڪهڙو اثر ٿيو هو، ڪجهه ڇئي نٿو سگهجي. ڳهرو ساهه کڻي هن رڳو

جيان ٽڪو ٽاءُ هو. ڪمل پاڻ کي پنهنجي ئي ڀيڻ جي
گهر ۾ ڄڻ ڌاريو ٻيو سمجهندو هو. خاص ڪري
ڊروءَ جي موجودگيءَ ۾. ڪيس ڏسندي لاشڪ ڊروءَ
اڳيان آشا جو اهو ٻئل چهرو اچي بيهندو هو،
جيڪو هيئنر چوڏس جيان نه پر پوئينءَ رات جي
اڻاويهين چنڊ جيان مرجهايل لڳندو هو. اڄ اهو ڪمل
آشا سان ڳالهائڻ جي اڇا رکي ڪيئن ٿو وٽن اچي؟

پر ڊروءَ، آشا سان ٻاجهي ۽ ڪڏهن اهڙو ذڪر
نه ڇيڙيو هو ته اڄ ڪمل سندن وٽ آيو هو. ۽ آشا
به ائين ڀائيندي هئي ته ڪمل کي جيڪو هن اُن
ڏينهن ڏٺو هو سو ڏٺو هو، وري شايد ڪونه آيو
هوندو. اچي ها ته ڊروُ ڪيس ٻڌائي ڪونه ها!

ڊروُ پنهنجي ساهري گهر هلي وئي. آشا کيس
چيو، "ڊروُ تون وڃين ٿي ته هاڻي مان به جلد
پنهنجي گهر هلي وينديس" ائين چوندي سندس
اکين مان زار زار ڳوڙها ڳڙي پيا.

ڊروءَ چيو، "هي تون ڇا ٿي ڪرين آشا؟"

"الائي ڇو منهنجو من ڀرجي ٿو اچي." هوءَ
سڏڪا ڀري رُئڻ لڳي.

ڊروُ سندس ڳلن تان ڳوڙها اگهي پرچائڻ لڳي،
"مان وڃان ٿي ته تنهنجو اهوئي روپ کڻي وڃان نه،
ته تون روئي رهي هئينءَ." ائين چوندي ڊروءَ جي

ڪمل کي جو کي سوچيندو رهندو هو. جيستوڻيڪ هن وقت اِهو سڀ فضول هو. اِها ڪهڙي معافي؟ خود نه. ڪير گناهه ڪري ۽ ٻيو خود ٿي چوي ته مونکي ڪر، — معاف ڪرڻ لاءِ ٿڌو هن ڪنهن وقت ڪجهه رهي ٿي چا ٿو؟ اُجڙيل دل، ڪنڌهر مِن، سپنن جي پڙپانگ بستي.

اُن مهني دوران ڪمل ٻه ٽي دفعا پنهنجي پيڻ وقت آيو هو پر ڪيس آشا سان الڳ ملڻ جو موقعو نصيب ڪونه ٿيو. ملڻ ته در ڪنار، جيڪو ڪيس اڳيئين دفعي ڏٺو هئائين، وري ڏسي به نه سگهيو هو. دروءِ جي اڳيان به پنهنجي من جي اُلجهن برڪت ڪري نه سگهندو هو، جيستوڻيڪ درُ جاڻندي هئي ته سندس اندر ۾ ڪهڙي ٻٽڪ آهي؟ جيڪو خود ٿي رستي ٿان هٽي ويو ۽ وري ساڳيو رستو اختيار ڪري ٻئي لاءِ پريشانين جو باعث بڻجي، اهڙو اچڻ ٿي ڪهڙي ڪم جو؟ آشا جو رستو الڳ هو ۽ ڪمل جو الڳ، اهڙيءَ جاڻ ڪانپوءِ به جي ڪير وري وري اُن رستي تي اچڻ جي ڪوشش ڪري، اِهو ٿيو قت کي وري اُکوڙڻ. آشا ڪمل کي وساري چڪي هئي يا نه، پر هن دروءِ اڳيان ڪڏهن به اُن جو ذڪر نه ڇيڙيو هو. ڪمل ايندو هو ته درُ ڪيس هڪ اهڙيءَ نظر سان ڏسندي هئي، جنهن ۾ اُس

"چو ايترو به وڃي ٿي! گھڻو وقت ٿيس هت
آئي؟"

"مھنو ڪن ته ٿيو هوندس."

"شاديءَ کانپوءِ ٻه ٽي دفعو آئي هئي، ڪجھ
ته نڪي ها."

"ڏروءَ جي وڃڻ کانپوءِ الائي ڇو، ڪنهن ڳالھ
۾ من نه لڳندو هوس. هينئر به ڪو اڃان ڪير ونڻ
ٽورڻي آيو اٿس. ننڍي ڀاءُ سان گڏ ٿي وڃي."

"مون چاهيو پئي ساڻس ڳالهايان. پر جڏهن به
هتي آيو آهيان ته هوءَ آئي ڪونهي، پر ٿيو وري
جڏهن ڪنهن ٻئي دفعي اچي. جڏهن مان هتي هوس
ته ڪيڏو نه ٻاڻ ۾ کلندا ڳالهائيندا هئاسين. شاديءَ
کانپوءِ آئي آهي ته ساڻس ڳالهائي به نه سگھيو آهيان."
ڪمل اهو سڀ هڪساهيءَ چئي ويو.

جانڪيءَ چيو، "برابر ٽوهان ته ٻاڻ ۾ ڏاڍو گھرا
هئا. ڏرو، ٽون ۽ آشا سڄو وقت ٽھڪڙو مچايو ويٺا
هوندا هئا. پر ڪمل، آشا وچاريءَ سک ڪونه ڏٺا.
گھوٽ ٺيڪ نه مليو اٿس." ائين چوندي جانڪيءَ
جو ڏک مان گلو ڀرجي آيو، "اُن ۾ ٻئي ڪنهن لاءِ
ڇا ڪجھ چئجي؟ ڀاڳ، جي ڳالھ آهي. ته ته ڪھڙي
ڳل جھڙي ڇوڪري......" چوندي جانڪي چپ ٿي
ٿي پئي.

اکين مان ٽاهه ٽاهه ڳوڙها ڳڙي پيا.

زندگيءَ جي قدرن ۽ موليه کي سمجهڻ جي جيتري به جنهن ڪوشش ڪئي آهي، اهو اوترو ئي الجهيو آهي. جبلن جي هيٺ مٿاهين ٽان نديءَ کي يڪ سريڪو مٿاهينءَ طرف وهندو ڏسي عجب لڳندو آهي ته هيءَ وري ڪهڙو اسرار؟ نه ٿيڻ واريون ڳالهيون ٿينديون ۽ ٿيڻ واريون ائين ئي رهجي وينديون آهن، جڻ هٿ ۾ ڪجهه اچي، اهيئي ڪري پيو هجي. انسان عجب ۾ غوطا کائيندو، راتين جون راتيون بي آراميءَ ۾ گذاريندو آهي. دک، اُتيءَ جو نه ٿيندو آهي، جيڪي ڪجهه ڏسبو ئي ڪونهي يا جنهن لي پنهنجي حاصلات جو ڪو حق نه هوندو آهي. پر جنهن کي پنهنجو ٿو سمجهجي، اُن کان وڇت ٿي وڃڻ لي ئي دک، ٿيندو آهي. ڪمل ٻه ٽي دفعا ڪالونيءَ ۾ آيو هو ته ڪنهن طرح هوءَ آشا سان گڏجي سگهي پر ٻوهه جيترو وقت به هوءَ پيڻ جي ڏهر هوندو هو، آشا نه آئي هئي. ڪجهه ڏينهن بعد هوءَ وري آيو هو جو جانڪيءَ جي والان اچانڪ ائين ڪري ويو، "سياٽي آشا به وڃي ٿي."

ڪمل ڇرڪ پريو، "سياٽي ٿي وڃي؟"

"ها"

پئي." ساڌارڻ طرح جاڳي اُٿڻ ڇڏي ته ويٺي پر
ڪيس ڪهڙي ڪل ته هن اهو سڀ ڪيو يا نه.
ڪمل جي منهن مان ته اماڻ نڪري ويو، "هتي
ماڻي آئس؟"

"ها"

"چڱو پيڻ گڏجي روٽي کائينداسين. اهو به سٺو
ٿيو. هو ڄاڻن ٿا مان ساڻس گڏجي به نه سگهان ها."
ڪمل هروقت پنهنجي اُتساهه کي دٻائي ٿي رکيو
هو پيڻ اڳيان. ڪجهه به چوڻ ته رواجي طرح چوڻ،
جئن اڳلو ڪجهه به نه سمجهي وڃي.

ڪمل کي ڏسندي آشا کان ڇرڪ نڪري ويو هو.
پهرئين دفعي به پڙهيو هئائين پر ڏٺائين سندس حالت
ئي هئي، اڄ ٻي هئي. شروعات ۾ پڇڻ سانگي اڄ به
اهي ئي ساڳيا لفظ ڪمل جي زبان تي ٽري آيا هئا،

"ڪيئن آهين آشا؟"

"ٺيڪ آهيان."

"مان ٻه دفعا اڳ به آيو هوس پر گڏجڻ ڪونه ٿيو
اڄ ٻڌم ته سڀاڻي تون وڃين ٿي؟......"

"ها" مختصر جواب هو آشا جو. ڪمل ڪيس
ڪيڏو نه ڏاڍو ڏاڍو لڳي رهيو هو!...... ڪمل کي
هن هميشه ويجهو ڀانيو هو. اڄ ويجهو هو ته ڪيس ڏور
جو ڪوني پانڌيڙو پئي لڳو. اهي سڀ راهون جن

”ڇو ڀيڻا، گهوٽ ٺيڪ نہ مليو اٿس؟“ دل تي پٿر رکي ڪمل اِهي اکر اُمالڪ چئي ويو.

”نہ ڪمل. بس اِئين ئي آهي. ڪا ڀيڙ سڪڻ لڳندي آهي نہ ڏسندي سڪي ويندي آهي. هوءَ تہ ڪجهہ ٻڌائي نٿي. دروءَ کي ڪو ٻڌايو هجيس. مونکي تہ لڳي ٿو هوءَ اندران ئي اندران سڪي رهي آهي. مان تہ شاديءَ لئي ڪانہ ويئي هئس پر دروءَ جيڪو ٻوءِ هتي اچي رنو هو تہ مونکي بہ رُئاري ڇڏيو هئائين. وري اِهو ڪم بہ ٿيو تہ تنهنجي پيٽوئي هتان. جڏهن سندس پيرن لئي کهاڙو ڪريو تہ دروءَ جي ٻئي هتان ڪريو، اِهو بہ تہ دڪہ دروءَ کي ڪائي رهيو هو. هيئنئر بہ مان آشا جي شڪل ڏسندي آهيان تہ اندر ئي اندر ۾ روئي رهندي آهيان.“ جانڪي شانت ٿي ويئي. ٻوءِ ٻئي ڪن گهرو ساهہ کڻي چيائين، ”سڀاڻي وڃي بہ ٿي. سندس سهري جو سو پيار اٿس پر ڪمل ڪير لک پيار ڇونہ ڏئي پر جنهن وٽان ملڻ گهرجي، اُتان لٿو ملي تہ پوءِ ڪهڙي خوشي؟“

ڪمل چيو، ”ڀيڻ وڃڻ کان پهريان هوءَ لو وٽ تہ ضرور ايندي ئي.“

”ڇو پڇين ٿو؟“

”اِئين ئي ساڻس ڳالهائڻ لئي دل ٿي اٿم.“

”اڄ رات مون وٽ ماني اٿس. تون بہ پلي ٽکي

ڪيس ڪجھ پتو نٿي پيو. ائين به نه هو ته سنڌس دل
۾ مارڻ جي چاهنا جنم نٿي ورتو. سواءِ اُن ياد جي اُٿي
ٻيو هئو ئي ڪير؟ اِها سنڌس ڪمزوري هئي جو
هوءَ اڃا تائين ڪيس وساري نه سگهي هئي. ايترو
هو جو پنهنجين چاهنائن ۽ اِڇائن کي مارڻ لاءِ وٽس
هٿيار سو گهٽيئي هئا. پنهنجي ئي هٿيار جي هر وار تي
هوءَ زخمي ٿي هئي. سواءِ زخمن، ڦٽن ۽ اُنهن مان ڳرندڙ
گند ۽ خون جي ٻيو هن ڏٺو ئي ڇا هئو؟ اڄ جتي
ڪيس خوشي ٿيڻ کپندي هئي ته ڪمل ساڻس رونئي
ڪائيندو ۽ ڪجھ دير تائين ساڻس گڏ هوندو، اُتي
هوءَ وسامي وئي هئي. ڪيس پتو ئي نه پوندو هو ته
اوچتو ڪهڙو هٿيار سنڌس دل مٿان وهي ٿو وڃي.
اهڙيءَ حالت ۾ ڀلا ڪهڙي خوشي؟

ڪمل به رنڌڻي وٽ اچي بيٺو هو. کن دير جي
شانت رهڻ ڪانپوءِ چئي ڏنائين، ”آشا تنهنجي لاءِ
جيڪي ٻڌڻ ٻڌايو سڀ ته، مان توکي ائين ئي ڏسي
رهيو آهيان. پنهنجن سان ملڻ تي خوشي ٿيندي آهي
پر تون ماٺ ئي ماٺ.“

آشا مرڪي چيو، ”الائي ڇو توکي ماٺ ٿي لڳان،
باقي مان ته خوش آهيان.... ڇا ٿيو اٿم ممي؟“

”نه ڪهڙي ڳالھ ڪجي تون نه ڏاڍو خوش
آهين، اصل ڏاڍو خوش.“ ڪمل ساڳيءَ اُن پنهنجائي

گم ٿي ويئون هيون، آشا انهن کي ياد ڪرڻ نٿي چاهيو. انهن راهن مٿان جڻ ٻهاري ڏئي ويا هئا. حساس پري ڪيڏي نه ڪومل دل! — هروقت اُن بار هيٺان دٻي رهندي هئي.

ڪمل پڇيو هو ته آشا به ايترو ئي پڇيو، "تون ڪيئن خوش آهين نه!" پڇڻ جي لهجي ۾ اڃا به ڪيڏي نه پنهنجائي هئي! ڪمل جي اکين ۾ آنسون تري آيا.

"ها آشا، خوش ٿي آهيان." ٿڌو ساهه ڀري ڪمل چيو ۽ پوءِ ٻيءَ کي چيائين، "تون ته ڪڏهن مون وٽ آئينءَ ئي ڪونه."

"ڪيئن اچان!؟" چوڻ کان ته رهيو ايترو چيائين پر اهو ڪمل به سمجهي نٿي سگهيو ته سندس ٽائين اچڻ لاءِ هن سندس لاءِ واٽ ئي کهڙي ڇڏي هئي!

آشا اُلي ويٺي من ۾ ڪجهه مونجهه محسوس ڪرڻ لڳي. تڏهن اُنين چئي ته، "مان اچان ٿي" اُٿي جانڪيءَ ڏانهن هلي ويئي هئي. جانڪي رنڌڻي ۾ هئي آشا کي ڏسي چيائين، "آشا اچي ويئينءَ؟... ڪمل به آيو آهي. چيو ٿامانس، گڏجي روٽي کائجو. هن به توسان ڳالهائڻ ٿي چاهيو. ڪمل گڏ ئي ته."

"ها" آشا جي دل وڃي وسامي ويئي. هوءَ پاڻ کي اهڙيءَ حالت ۾ ڇو محسوس ڪري رهي هئي،

وهندي. ڪمل پڇيو هو، "آشا جيڪي مون ٻڌو آهي، اهو ڇا سچ آهي؟"

"تو ڇا ٻڌو آهي ڪمل!"

"اهو ته تون خوش ڪونه آهين. تنهنجو پتي ڪنوار آهي. شڪل صورت ڪري به ٺيڪ ڪونهي. ٻين اکرن ۾ اِئين چوان ته هوُ توڏئي آهي."

آشا چپ چاپ ڪمل ڏانهن نهاريندي رهي. هن ڪانئس ڪهڙو سوال پڇيو هو؟ ڪهڙي عورت پنهنجي پتيءَ جي گلا ڪندي؟ جيڪي هن ٻڌو هو ته اهو هن ڪانئس ڇو ٿي پڇيو؟

"آشا تنهنجي من کي شايد ٺيس رسائي اٿم. پر الائي ڇو، ڪهڙو من ٿي ويو جو توکان پڇي ويٺس. شايد اڃا تائين توکي پنهنجو ٿو سمجهان. اِئين چوندي ڏر ٿي قائل گهرجي. پر آشا سچ ڪري پڇين ته مان من ئي من اندر ڪڙهيو آهيان. اڄ تنهنجي جيڪا حالت آهي، منهنجي بدولت آهي. مون کان ڪجهه به ڳجهو ڪونهي. ڏروءَ ڪي تون انڪار نه ڪرين ها ته اڄ تو وٽ اهي ساڳيا ٺهڪ هجن ها. ڏروُ واپس موٽي ويئي، توکان ناراض ٿي پر تنهنجي دل نه لڳي. تو لاءِ جيئون، جيئون نه رهي هئي. جيئون ئي نه رهي ته پوءِ شادي ڇا جي؟ ۽ مان هوس جو تو مٿان اهڙي تهمت ڏري ويٺس. مون کي معاف ڪر آشا. جيتوڻيڪ

وچان چيو، جڏهن اڃا ننڍو هو. جانڪيءَ کان سندن اُها پنهنجائپ ڪو اڄڪل ٿوري ٿي هئي.

جانڪي آشا ڏانهن نهاري مرڪي رهي هئي.

آشا چيو، ”ممي هي نه الائي ڪهڙي ٻڪ جون ڳالهيون ٿو ڪري. ڀلا سڀ ڏينهن هڪ جهڙا ٿيندا آهن؟“

”ها مان نه برابر ڪنهن ٻراٽي ٻڪ جون ڳالهيون ٿو ڪريان، تڏهن اسان ڇاوا به ڪونه هئاسين، ائين نه؟“

جانڪيءَ جي منهن تي آشا ڇا چوي؟ مرڪي ڪنڌ جهڪائي ڇڏيائين.

جانڪي چانهه ڪاڙهڻ ۾ مشغول هئي. تڏهن ڪمل چيو، ”اڄ آشا اسين مٿي هلون. شام جي وقت ڇت تي وڻڻ سٺو لڳندو.“

جانڪيءَ چيو، ”بس اجهو چانهه ٺهي وئي آهي، پي پوءِ وڃو.“

”ٺيڪ آهي، چانهه ته مٿي ئي وٺي ٿا پيون.“ اهو سڀ هوءَ ائين چئي ويو جڻ اڳيون حق وري واپس موٽي آيو هو.

آشا چپ هئي. هميشه نه لهڻ وارن ڳالهين سندس ساٿ ڏنو هو ۽ کيس ٽوڙيو هو. ليڪن هن ائين ڪين ڄاتو هو نه ڪمل اڳيان ايڏو ڪمزور بڻجي رهي

”هائي ڳالهيون اسان وٽ ڪٿي آهن آشا. هجن
ها، ٻيچ هجن ها پر اُنهن کي اسان وٽ رهڻو ڪونه
هو. تون هتي جڏهن کان آئي آهين بس اِهوئي پئي
چاهيم، تو سان ٻن منٽن لاءِ الڳ ملي سگهان. پر
مليو آهيان ته تون شانت آهين، گنڀير جهڙي بت.
تو سچ چيو مرد ڏاڍيءَ دل جا ٿيندا آهن. پنهنجي
ڏاڍ سان پنهنجن متان ظلم ڪندا آهن.“

”اهڙي ڳالهه ڪونهي.“ آشا هلڪو ٽهڪ ڏيئي
کلي ڏنو. واتاورڻ ۾ جيڪا ڳوراڻ پرجي آئي هئي،
تنهن کي هن ٽرڻ ٿي چاهيو؛ پر شايد اهڙو من ٻنهي
مان ڪنهن هڪ وٽ به نه هو. ڪڏهن ڪو
ٽهڪ اندر ۾ وڏي پيڙا لڪائيندو آهي. ڪمل جاڻي
سگهيو ٿي ته اُن ٽهڪ ۾ ڪيڏي پيڙا هئي! هوءَ هميشه
آدرش وارو رستو هلي هئي، ٻئي لاءِ آدرش ٺاهي
هئي، پر پاڻ اُن آدرش کي ٺڪرايو هو. سندس پيار
روپي بت کي ٺوڪرون هنيون هيون. ٺڪر جو اهو
بت جڳهه جڳهه تي ٽٽو هو.

ڪجهه وقت شانت رهڻ کانپوءِ آشا الائي ڪيئن
اٿين چئي ڏنو، ”ڪمل موڪلان جي منهنجا گيت نه
ڪسجن ها ته منهنجي ڪا شايد ٻي جيون هجي ها.
مان گنگنائيندي هئس، جڏهن اهي گيت مون لاءِ آنند
هئا، سنتوش هئا، منهنجي جيون هئا. پر موڪلان منهنجا

اِهي اکر ڪافي نہ آهن. سڄي عمر اِهي اکر مون کي ڏنگيندا رهندا. مون کي ڪڏهن بہ آرام نصيب نہ ٿيندو..........."

آشا اُماڪ چئي ڏنو، "مهرباني ڪري اِئين نہ چئو. اِئين چئي منهنجي دل نہ ڏکويو. مون کي ڪنهن لاءِ بہ شڪايت ڪونهي. جڏهن شڪايت ڪانهي تہ معاف ڪرڻ جي ڳالهہ ڪٿي ٿي اچي. توهان شايد اِهو ڀلجي ويا آهيو تہ هر ڪنهن جو ڀاڳ پنهنجو پنهنجو ٿو ٿئي. ۽ منهنجي ڀاڳ کي بہ ڇا ٿيو آهي؟ مان هر طرح خوش آهيان."

"ها برابر تون خوش آهين، اهو مان ڏسان ويٺو. پر جيڪي ٻڌو اٿم سو سڀ غلط ٿي ٻڌو اٿم. شايد مان هيئنئر دروه ۽ جانڪيءَ جهڙو بہ نہ رهيو آهيان جو تون ڪجهہ ٻڌائين."

"ڏسو وري ڏک، ٿا ڏيو نہ." آشا جي اکين ۾ آنسوءَن چمڪڻ لڳا.

"تو کي ڇڱو ڏک ٿي ڏنا اٿم آشا، ڇڱو ڏک ڏنا اٿم." اِئين چوندي ڪمل پاڻ جهلي نہ سگهيو، ۽ سڏڪو ڀري روئي ويٺو.

آشا چيو، "مرد تہ ڏاڍيءَ دل جا ٿيندا آهن. تون روئين ٿو! مان نہ سهاري سگهنديس ڪمل. ڪي ٻيون ڳالهيون ڪر." آشا جي آواز ۾ رودن ڀريل هو.

"بس، - پنج به نه."

"ٺيڪ آهي، — ڪونه پڇندس" اِهي اکر چئي ٿڌي ساهه کڻڻ سان گڏ اندر ئي اندر رهجي ويا هئا. پوءِ ٻيءَ کان چيائين، "هاڻي مان اِهو اندازو لڳائي سگهان ٿو ته هوءَ ڪيڏو نه ڪنور صورت جو هوندو!"

شام جو سوجهرو غائب ٿيڻ تي هو. اُن وقت جانڪي به مٿي هلي آئي هئي. ٿوري دير هتان هتان جون ڳالهيون ڪري هيٺ لهي وئي. چيائين، "آشا سياڻي تون هن مهل گاڏيءَ ۾ ويٺي هوندينءَ."

آشا کان ڄڻ ڇرڪ نڪري ويو هو. جانڪي هيٺ هلي وئي ٿوري دير بعد ڪمل ۽ آشا به هيٺ لهي آيا هئا. گڏجي روٽي کاڌائون. آشا جو من ٻهراڻ کان ڪجهه ٻيءَ طرح هو. ايڏي وڏي عرصي بعد هن ڪمل سان ڳالهايو هو. پر پوءِ سوچيائين، ڇو اڄ ڪمل کيس گڏيو هو؟ ڪاش نه گڏجي ها.

اِهيءَ ملاقات کي ٽيهن ڇهه مهينا کن گذري ويا هئا. هڪ ڏينهن درو وٽ آشا جي سهري جو خط آيو. درو ڏکي وئي. لکيو هئائين، "درو ٻيٽ هي خط پڙهي جيترو جلد ٿي سگهيئي، هتي پهچي وڃ. پهرين گاڏيءَ ۾ لڳندينءَ ته مهرباني ٿيندي."

أهي گيت کسجي ويا آهن ڪمل" ائين چوندي هن
جي اکين مان ٽاهه ٽاهه ڳوڙها ڳڙي پيا.

"تون اهو ڇا چئي رهين آشا!؟"

"تو ٻڌڻ ٿي چاهيو نه. توکي ڏک ٿئي ها
ته مون توکي ڪجهه به نه ٻڌايو. مان توکي ڌوڪو ڏ
ڏيئي جهڙو به ڪونه ٿي سمجهان، ائين چيو هوءَ نه؟
ها برابر مان توکي ڌوڪو ڏيئي جهڙو ڪٿي ٿي
سمجهان. پر ڪڏهن به تون ڌوڪي سان هيءَ ڳالهه نه
ڪجي، نه نه ڪيس ڏک ٿيندو ته اهڙا ڳالهه آشا ڪالهه
ڪيئن لڪائي هئي!"

"مون ڪجهه سمجهيو ڪونه آشا، توکان تنهنجا
گيت ڪيئن کسجي ويا. ڇا گلي ۾ ڪا خرابي ٿي
پيئي آهي؟"

"گلي ۾ سڀ پيئي آهي، ڪالهه وهي آهي،
هن منع ڪئي آهي ته مان گهر ۾ گنگنايان نه."

"منع ڪئي آهي!"

"ها...... هن کي اهي راڳ سٺا نٿا لڳن. ۽ ٻوءِ
جيڪو ٻيو لفظ چيائين اهو ڇريءَ جيان منهنجيءَ دل
۾ چڀي ويو هو."

"ڇا چيائين؟"

"اهو تون نه ٻڌي سگهندين."

"ڇو؟"

اهڙي خط پڙهڻ کانپوءِ ته، پهرينءَ گاڏيءَ ۾ اڪرڻ ته مهرباني ٿيندي، دروُ ڪيئن ٿي پيو ڏينهن وڃي؟ اُن ڏينهن ٿي هوءَ پنهنجي مڙس سان گڏ رواني ٿي. هڪ لمبو سفر ۽ پي بي آرامي. ڪهڙي روپ ۾ هوءَ آشا کي ڏسندي؟ ڇا ڪيو آهي آشا؟؟ سڄو وقت اهي خيال.

ها، اهو سچ ٿي هو، آشا کي ڪهڙي روپ ۾ ڏسندي؟ اهڙي هن ڪاپڇا به نه ڪئي هئي ته ڪو آشا کي اُن روپ ۾ ڏسندي. آشا اسپتال ۾ هئي. ٽي. بي. هاسپيٽل جي هڪ بيڊ تي ليٽيل هئي. آشا جي سهري اکين ۾ پاڻي اٿي چيو، "دروُ، آشا هن مهل تائين ڪنهن کي ڪجهه به نه ٻڌايو هو. رت جي اُلٽي نه ڪري ها ته شايد اڃا به ڪنهن کي پتو نه پوي ها. ٽي. بي ٽئين درجي جي آهي."

دروُ اوچنگارون ڏئي ڦٽي هنيانءَ روئي ڏنو. "توهان هي ڇا ٻڌائي رهيا آهيو بابا!"

دروُ جڏهن اسپتال پهتي ته آشا وائڙي ٿي ڪيس ڏسندي رهي. دروءَ چيو، "عجب تو لڳيئي ته ته مان هتي ڪيئن آهيان!" اُنين چوندي ناهه ناهه سندس ڳلن تان ڳوڙها ڳڙي پيا. "سڀ ڳالهيون ٻڌائيندي هئينءَ، اها ڳالهه ڪيئن لڪائيءَ آشا!"

آشا جي ڳل تي به ڳوڙها ڳڙي پيا. هن مرڪي

آشا ڪنهن کي بہ ڪجهہ نہ ٻڌائي، نہ رڳو اسان سان ٻوهہ ڪيو آهي پر پاڻ سان بہ وڏو ظلم ڪيو اٿس. اهو سڀ تون هتي روبرو اچي ڏس. خط ۾ لکڻ ٺيڪ نٿو سمجهان. مان پنهنجي سيڻ يعني آشا جي پيءُ ڏانهن بہ نہ لکي تو ڏانهن لکي رهيو آهيان. ڄاڻ اٿم هن جي دل ڪمزور آهي. ڪٿي اهڙي خبر پڙهي وڌيڪ ڪمزور نہ ٿي وڃيس. وڌيڪ ڇا لکان جيترو جلد ٿي سگهي، هليو اچ. تار ڪرڻ پئي چاهيم هن خط کي تار ڪري سمجهہ."

ٻوهہ ۽ ظلم جا لفظ پڙهي دروُ گهٻرائجي ويئي. سندس سر چڪرائڻ لڳو. وري اهڙو ڇا ڪجهہ ٿيو آهي؟ ٿوري دير لاءِ ڪيس ڪمل جو خيال آيو پر پوءِ اهڙي خيال کي دل مان ڪڍي ڇڏيائين. ائين ڪڏهن بہ ٿي نٿو سگهي. ڪمل جي سڀاءَ کان هوءَ واقف هئي. پر آشا جي سڀاءَ کان ڪهڙو هوءَ واقف نہ هئي؟ آشا جي چريتر لئي ڪير اگر آگر بہ کڻي تہ اُن همت کي لکو ٿي پوي، ايترو ڪيس وشواس هو. تہ پوءِ هيءَ اکر هن ڇو لکيا هئا؟ آشا ڪهڙو ظلم ڪيو هو؟ هن تہ ظلم سٺو هو سچي عمر. هوءَ ظلم ڪندي سو بہ..." دروءَ جو دماغ ئي خراب ٿي پيو هو. هڪ پئي پٺيان ويچار .... آشا بہ تہ ڪيس ڪڏهن اهڙو ڪجهہ ڪونہ لکيو هو جو هوءَ اُن مان ڪو پتو لڳائي سگهي.

سگهين ، ڀلا ڇا چوندا ؟ اِنين ٺيڪ نہ ٿيندو پٽ."

سندس مرضي نہ ڪونہ هئي. جڏهن سڀ وڃن ٿا تہ پوءِ هروڀرو هن وقت ڀاڄ ڇو وڃي؟ ڪڏهن وڃي ٿي ايندو. پر پوءِ پيءُ کي چيائين، "ٺيڪ آهي ڇڏيو ٿا تہ پوءِ مان بہ هلان ٿو."

اِها تہ ڪنهن کي بہ سڌ ڪونہ هئي تہ ڪو هيئنئن هئي سڀو اڻالو اوچتو ٻنا ڪنهن اطلاع ڏني اچي لهندو، آشا جو پيءُ تہ گهبرائجي ويو. 'الائي ڇا ٿيو آهي وري؟' دروءَ جو پيءُ ماءُ پنهنجي ڌيءُ ۽ ناٺيءَ کي اوچتو آئل ڏسي حيرت ۾ پئجي ويا هئا. نہ رڳو اُهي بہ هئا پر هي ڀلا بہ نہ سڀ هئا. دروءَ چيو، "بابا اسان ڪانپور ويا هئاسين. هن دفعي آشا ۽ آشا جو گهوٽ بہ هيڏانهن اچڻ لاءِ تيار ويٺا هئا سو مون آشا جي سهري کي بہ هلڻ لاءِ زور ڀريو. ٻي ڪا اهڙي ڳالهہ ڪونہ آهي."

دروُ هڪدم پنهنجي پيءُ کي ٻيو ڀلا ڇا چوي؟ پر پوءِ ڪجهہ ساعت بعد جڏهن ماءُ کي ٻڌايائين تہ هن جي دل ۾ سيانپ اُڀري ويو. "اُمان هاڻي ٽوڪي آشا جو خيال رکڻو آهي." اُنين چوندي پنهل اکيون وڌيڪ پڪي پيئون، "مان بہ هتي ڪجهہ ڏينهن تہ رهندس ني. پوءِ بہ پٺي وري ايندس. ٻئي کي بہ چوان ٿي. آشا منهنجي ڀيڻ آهي. هن جو

چيو، "ڪجهه ڪونهي ڊڄُ مان ٺيڪ ٿي وينديس."

"سو ته برابر ڪجهه به ڪونهي" چوندي چوندي اِهي اکر ڊروءَ جي دل ۾ رهجي ويا هئا. ڇا چوي آشا کي!...... هن برابر ظلم ڪيو هو، نه رڳو پاڻ سان پر ٻين سان به.

صلاح اِها ٿي ته آشا کي مدار سينيٽوريم ۾ داخل ڪرائجي. ٽن ڏينهن اُن سينيٽوريم جي ڊاڪٽر ولسن جي هنڌين ماڳين هاڪ هئي. سندس هٿ ۾ ته شفا هئي ٿي پر هو اول درجي جو خدا ترس انسان هو. لاعلاج مريض به مرڪندا ٽهڪندا پنهنجي گهر واپس موٽندا هئا. ڪين لڳندو هو ته ساڻن جڻ ڪو جادو ٿيو آهي نه ته هيئن گل جيان ٽڙڻ سندن نصيب ۾ ڪٿي لکيل هو! ڊروءَ چيو، "مان به اجمير پيئي اينديس وينديس. ممي ڊئڊي ۽ آشا جي گهر جا ڀاتي ۽ ٻيا مٽ مائٽ آهن. سار سنڀال لهڻ ۾ ڪا تڪليف ڪانه ٿيندي. منهنجي خيال موجب ته اِهيءَ سينيٽوريم ڪانسواءِ ٻيو ڪجهه سوچڻ به نه گهرجي."

خوبچند چيو، "ها پر اُن ڪانسواءِ ٻيو ڪجهه سوچي به ڇا ٿو سگهجي."

ٻئي ڏينهن ئي هو مدار لاءِ روانا ٿيا. هن دفعي آشا جو گهوٽ به ساڻن گڏ هو. پيءُ چيو هوس، "پٽ ٻن ٽن ڏينهن لاءِ تون اِنهن ڪمن کي پاسيرو رکي

جو اِئين هلي ويٺس. هينئر، هنڙي وقت آشا ٽائين وڃڻ کان به مونکي روڪيندينءَ ڇا؟" اِئين چوندي سندس اکين مان زار زار ڳوڙها ڳڙي پيا. تڏهن دروءَ ڦٿڪي هنيانءَ سڏڪا ڀري روئي ڏنو.

ڪمل چيو، "دروُ توکي ڇا ٿي ويو آهي. تون هينئن روئين ڇو ٿي. نه روءُ" روئي ته ڪمل به رهيو هو پر اُنهي کي دلداري ڏيڻ لاءِ پنهنجي دل کي ڏاڍو ڪجو آهي.

"مونکي ڪهڙي خبر ته مان ڇو ٿي روئان. ڪجهه پتو نٿو پوي ڪمل."

دروءَ سان گڏ ڪمل کي ڏسي آشا کي ڪو عجب ڪونه لڳو. اِئين ته ٿيڻو ئي هو. ڪهڙي خبر دروءَ ئي ڪمل کي ٻڌايو هجي. پر سندس دل کي اِها تسڪين ملي ته اِهو سٺو ئي ٿيو نه ته دل ۾ اِهو ارمان رهجي وڃي ها ته هوءَ سيڻي کي نه ڏسي رهي آهي پر ڪمل کي نٿي ڏسي. ڪمل کي ته هوءَ اُن وقت کان ئي ياد ڪندي آئي هئي نه هن دفعي هوءَ ڪيس ڏسندي به اِلائي نه. جڏهن گهر جا ٻيا ڀاتي اُتي موجود هوندا ته ڪمل ڪيئن ايندو؟ ۽ دروُ به ڪيس ڏ ڪاري ٿي، اُهو به ته ڪانئس ڳجهو ڪونه هو. پر دروءَ سان ئي ڪمل گڏ اچي، من اندر هڪ اڻلکي سرهائيءَ جو لڙوڙو ڦهليو هو.

توهان خيال نه رکندا ته ٻيو ڪير رکندو." دروءَ جي اکين مان نير جهري پيو.

جانڪيءَ جي اکين ۾ آنسو تري آيا، "مون آشا کي توکان الڳ ڪڏهن ڄاتو آهي ڇا؟ ٻڪلي روئين ٿي. مونکي به رئاري ٿي ڇڏين. نه روءُ. مان ۽ تنهنجو ڏاڏي روز وٽس ويندا رهنداسين."

"مان رڳو ان ڪري ٿي چوان ممي ته متان آشا جي ماءُ هن جو خيال نه ڪري. سندس پيءُ جي ته طبيعت عليل ٿي رهي. مان توهان کي نه چوندس ته ٻيو ڪنهن کي چوندس."

"تون ڪو خيال نه ڪر. نڪو ڪو پنهنجيءَ دل کي ڏکي ڪر. تنهنجو ڏاڏي ۽ مان جو ويٺا آهيون. خبر اٿيئي تنهنجي ڏاڏيءَ کي ڪيڏو ڏک ٿيو آهي! پر هاڻ ڇا ٿو ٿي سگهي! ڪو ائين ليکيو هو. ڪڏهن ڪڏهن چوندو آهي ان ڪم ۾ هن ڇو هٿ وڌو؟ ڪيس ڏاڍو پڇتاءُ آهي."

خبر ڪمل کي به پهچي وئي. ٻڌنديئي سندس دل جون سڀ تارون هڪ ئي وقت ٽٽي پيئون. دروءَ سان ئي گڏ هوءَ ساڻس اسپتال مان ويو هو. دروءَ کي چيائين، "دروُ اُنهن اڳين ڏينهن کي وساري ڇڏ. ڪنهن کي ڏک نه ٿيندو؟ آشا کي مون پنهنجي ساهه ۾ جاءِ ڏني هئي. پر الائي ڇا ٿي ويو هو مونکي

ڪي ڏينهن وڌيڪ هتي ترسڻو پوي. هو ڪهڙين حالتن ۾ اوچتو احمدآباد ڇڏي نڪري پيو هو، سا ڪيس سڌ. هن دروءَ کي چيو، "دروُ تون ڀلي هتي ترسي پئه. مان جيڪر هليو وڃان، تنهنجي ڪهڙي صلاح آهي؟"

دروءَ چيو، "جيئن توهان جي مرضي. چئو ته مان به توهان سان گڏ هلان."

"گڏ هلڻ لاءِ ته مان چوان ڪونه ٿو. ۽ تنهنجو هتي ڪجهه ڏينهن ترسڻ ٺيڪ ٿيندو. تون پڻ جو خيال نه ڪجانءِ. جڏهن تون ڏسين ته هاڻي نڪري سگهين ٿي ته پوءِ اچجانءِ. منهنجي طرفان نشچنت رهجُ."

"ٺيڪ آهي مان ٿورن ڏينهن ۾ هلي ايندس."

ٿورا ڏينهن به گذري ويا هئا. ائين گذرندا رهيا هئا ڏينهن پٺيان ڏينهن. دروءَ کي اڳو ته هاڻ ڪيس گهر وڃڻ گهرجي. پنهنجي گهر، پريوار طرف به سندس ڪو فرض هو. ڪيس احمدآباد ڇڏڻي پورا ٻه مهينا ٿي ويا هئا. هڪ ڏينهن هن آشا کي چيو، "مان احمدآباد وڃان؟"

آشا جي دل ڌڙڪي وئي. ڄڻ اُها ڪا هن ٽئين ڳالهه ٻڌي هئي يا نه. سندس سوچ جي دائري کان هٽي ڪري اُها ڳالهه چئي وئي هئي. دروُ ۽ ڪمل ايندا هئا نه. آشا اهو ٻاجهي وئي هئي نه ٻاڻ ڪو

اسپتال جي بيڊ تي آشا کي ڏسندي ڪمل جو من اُٻڏو ڏُورو ٿي ويو هو جو هوءَ آشا کان ڪجهه به پڇي نه پئي سگهيو. شانت ئي شانت ٻنهي هڪ ٻئي کي پئي ڏٺو. ڪمل جي اکين ۾ آنسوءَ پئي تريا. جن کي هن اندر ئي اندر پيتو پئي. "ڪمل ڪيئن آهين؟" آشا مرڪي پڇيو.

"تون ٿي پڇين آشا ته مان ڪيئن آهيان؟" هيئنر ڪمل پاڻ نه جهلي سگهيو ۽ روئي ويٺو. درد جي من ۾ سٽڪا پورها پيا هئا، هوءَ ڪمري مان نڪري هلي وئي.

"آشا مان توکي هن کهڙي حال ۾ ٿو ڏسان!" ڪمل چيو.

آشا جي چهري تي مرڪ هئي، "ٺيڪ ٿي وينديس ان ۾ گهٻرائڻ جي ڪهڙي ڳالهه آهي" ڪن چپ رهي چيائين، "هن ئي اسپتال ۾ ڏس ڪيترا ماڻهو آهن؟ بيماري لڳي آهي ته چڱڪارو به ملي ويندو."

ڪمل کان گهرو ساهه کڄي ويو. ڇا ڪڇي؟ ڇا چوي آشا کي؟ لفظ ئي کٽي هئا ونس. آشا ته هاڻ به مرڪي رهي هئي. هوءَ اسڪول اچي اِنهن جڙ ٻڌيو ويٺو رهيو جو پيڙا کان هزارين ميلن جا پنڌ جڻ سندس جان سان ٻڌل هئا.

درد جي گهوٽ ڏنو ته درد کي شايد اچا به

آشا وري ٻه مرڪي ڏنو.

سندس اها مرڪ ڪيڏو نه ڏکوئيندڙ هئي! ان ڏان نه ڳالهائي، روئي پر ان طرح مرڪي نه. سندس مرڪ ۾ گهاوَ سمايل هئا، سوين گهاوَ. دروءِ پهر ڪيس ڳراٽڙي پاتي، "تون چوين ته ماڻ وڃان ٿي نه. هتي تو وٽ ئي ويٺي هجان."

آشا روئي ڏنو سندس آنسن کي ڪا جهل ئي ڪونه هئي. سندس اندر جو لڪل سمورو پيار آنسن ذريعي نڪري ٿي پيو. هن ڪيڏو نه ڪنهن کي چاهيو هو، پيار ڪيو هو، دروءِ کي...... ڪمل کي. هڪڙا ٻه جيءَ ته هئا سندس جيون ۾، جن سان سندس زندگي ڳنڍيل هئي. ليڪن ٻنهي کانئس پري ٿي ويا گهڻو گهڻو پري. هينئر واجهو هئا ته جڏهن هوءِ جهان ڇڏي وڃڻ جي تيارين ۾ هئي.

دروءِ هنيانءُ جهلي نه سگهي، اٿي ٻاهر هلي وئي.

ٿوري دير بعد ڪمل آيو هو. پر هميشه جي والاورڻ کان اڄ ڪيس ٻيو ٻاسيو هو. خاموشي، حد خاموشي.

"ڇو دروءِ تون ٻه شانت، آشا ٻه شانت، ڇا ڳالهه آهي؟" ڪمل پڇيو.

"بس ڪمل انهن ئي شانت اچي ويٺي آهي."

"پيٽ ٻه"

اِيڏي وڏي بيماريءَ ۾ مبتلا آهي.
"ڇو آشا، ڇا ٿو ٿئيئي!؟"
"ڪجهه نه." آشا هلڪو مرڪيو.
"تنهنجو مَن مونکان لڪل ڪونهي. تون ڪيترو
به آنسن کي لڪائين پر توکي سڌ ڪونهي، تنهنجا
آنسوُ منهنجي اکين ۾ تري ايندا آهن. هاڻي به ڏس
نه، ...... جڏهن تون روئين پيئي مان به روئان پيئي
اندر ئي اندر ۾." ڪن شانت رهي جڏهن ڳوڙهو ڳيهندي
دروءَ چيو، "توکي ڇڏي وڃڻ تي دل نٿي ٿئي، پر
مونکي اِئين پيو لڳي ته منهنجا يار، منهنجو پتي مونکي
سنڀاري پيو. مان وري جلد موٽي ايندس آشا."
"تون ڀلي وڃ، منهنجو به ڪهڙو ٺڪاڻو. الائي
گهڻا ڏينهن هيڏ تي رهڻو پوندم. هتي اچي خبر پيئي
ته اِهيءَ بيماريءَ ڇٽڻ ۾ ڪيڏو عرصو لڳي ٿو وڃي!
زندگي آهي ته وري ملنداسين." ائين چوندي آشا
جي اکين مان آنسن جي ڌارا وهي نڪتي.
دروءَ ڳراٽڙي پائي چيو، "جهڙي پڳلي! .... نه روءَ.
زندگي اسان لاءِ آهي، اسان زندگيءَ لاءِ آهيون.
جڏهن اسين ئي ڪيس ڇڏڻ نه چاهينداسين ته اسانکي
ڪيئن ڇڏي ويندي. اسانکي اڃا جيئڻو آهي. خاص
ڪري توکي — مون خاطر، ڇا سمجهئين. متان اِهو
سوچيو اٿيئي ته تون مونکي ڇڏي هلي ويندينءَ."

ڪجهه ٻيو آهي. ڪٿي هوءَ ڪجهه غلط نه سمجهي.
غلط سمجهڻ وارو ڪڏهن ڪجهه غلط چئي به ويندو آهي."

"ڪمل مونکان ڀلا ڇا ڳجهو آهي؟ آشا کي اگر دوا
دارونءَ جي ضرورت آهي ته صرف اسانجي پيار جي
هڪ ته هوءَ ڪهڙي ڪونه، ڇو نه سمجهي ٿي ته
تون منهنجي ڪري هتي اچين وڃين ۽ ڪجهه آٿڻن
ڪرين ٿو، نه نه ٻيو ڀلا ڪير آهي؟ اندر ۾ هوءَ پاڻ خوش
ٿيندي ته سندس ۽ سندس ٻارن مٿان اِها ٻار ڍوئڻ
جي ڀلا ٽريل آهي. پر هن وقت ته اسانکي اهو ويچار
دل ۾ آڻڻو ڪونهي - ته ڪير ڇا ٿو سوچي يا ڇا ٿو
چوي؟ اهڙن ويچارن ٿي ته اسانکي هڪ ٻئي کان
ڪٽيو آهي. نه ته ڇو ڪير ڪنهن کان الڳ ٿئي؟
مان هتان نشچنت ٿي اگر ويندس به ته رڳو تنهنجي
ڪري ته ٻنهي تون ويٺو آهين."

"ڊرُ ان لاءِ مان ڇا ڇوان. تون سمجهين ٿي ته
مان شيوا ڪرڻ ۾ ڪا ڪسر ڇڏيندس! هروقت سندس
سار لهندو رهندس."

درو هلي ويئي. ٻن مهنن کان وڌيڪ هوءَ اچا
ڪيترو نڪي ۽ انهن ٻن مهنن دوران آشا جو سهرو
هڪ دفعو آيو هو. پر اڪيلو نه، ڪشور به ساٿس گڏ
هو. وقتي شرمايو هجائينس، اڙي لڪ تو ۾ ڪڏهن
عقل ايندو؟ جنهن سان تو لائون لڌيون، تنهن لاءِ

"آشا سان احمدآباد وڃڻ جي ڳالهه ڪيم ته آشا اڄ ڏاڍو رنو آهي." ايترو چوندي ڌروءَ کان سڏڪو پرجڻ تي هو، جو هن روڪي ورتو.

ڪمل به ڪجهه دير شانت ويٺو رهيو.

"ڪمل تون ائين ٿي شيوا ڪجاءِ آشا جي، جيئن هينئر ڪرين ٿو. مٿان منهنجي غير حاضريءَ ۾ پڻ تون به اچڻ گهٽائي ڇڏين."

ڪمل اوڪ تي ڌروءَ ڏانهن نهاريندو رهيو. اهو سچ ٿي ته هو، جو ڌروءَ وارن نڪري ويو هو. ڌروءَ جي هوندي ڪمل ڪيئن نه ٻي روڪ ٽوڪ ايندو ويندو هو پر پوءِ ائين ڪيئن اچي سگهندو؟ ٻيا ڇا چوندا. هينئر ٻين جو واسطو ڌروءَ جي ڪري ٻند هو. ڇا پوءِ ائين رهندو؟ ڌروءَ جي موجودگيءَ ۾ ته ڪمل ڪيڏانهن نهاريندو به نه هو ته ڪي نظرون ڪيس ڪيئن ٽيون ڏسن. پر پوءِ اهي نظرون ڇنيون ٿي ٻوليون هن اڳيان. ها، وقتي پوءِ هو پاڻ ڪي ڪجهه ٻيو ٻيو پائيءَ.

ڪمل ٿڌو ساهه کڻي چيو، "ڌرو ٿو ڪان ڇا اڪل آهي. مان ته مهڻن جا مهڻا موڪل وٺي آشا جي شيوا ڪريان پر مونکي اهڙو سڀاڳيه ڪٿي نصيب آهي. پر پوءِ به مان ائين ٿي ايندو رهندس جيئن هينئر اچان ٿو. مونکي ٻيو ڪنهنجو ڊپ ڪونه ٿيندو آهي، آشا جو پيءُ مونکي اولاد جيان پائي ٿو پر هن جي ماءُ جو سڀاءُ

ٻه هن ڪجهه ڏٺو هو، پاتو هو. ”ها ڪمل مان هينئر
جي ڇا ڪندي پس." ڪن ٽرسي هن وري چيو، ”گهڻو
وقت جيئندي پس؟ چار مهينا، ڇهه مهينا، اٺ مهينا،-
ان کان وڌيڪ ٻه جيئندي پس ڇا؟ ڏس نه مان ڪيڏي
ڪمزور ٿي وئي آهيان." انهن چولي سندس
هٿ پلنگ جي پانهين ۽ وٽ پنهنجي ڪلهي ويو هو. ڪمل
ان مٿان پنهنجو هٿ رکيو. اهو پهريون دفعو هو جو
ڪمل انهن آشا جي هٿ مٿان پنهنجو هٿ رکيو هو،
ٻارهن سالن بعد. آشا پنهنجون اکيون ٻوٽي ڇڏيون-
۽ پوءِ جڏهن کوليائين، ”ڪمل توکي انهن کو نه ٿو
لڳي نه مان ڪمزور ٿي وئي آهيان؟"

ڪمل ڇا چوي؟ هو اندر ئي اندر ۾ ٻوڙهن ڪي
پي رهيو هو. آشا چيو، ”ڪمل تون روز گلاب جو
گل آڻيندو آهين. ڪڏهن گلدستو ٺهرائي کڻي ايندو
آهين. تون ويندو آهين ته مان انهن گلن ڏانهن ٽڪ ٽڪ
پيئي نهاريندي آهيان. أهي گل ڌيري ڌيري مرجهائجي
ويندا آهن. ها، مرجهائجي ويندا آهن. انهن هڪ
ڏينهن مان ٻه مرجهائجي ويندي پس. مرجهايل نه آهيان
پر پوءِ هميشه لاءِ، هميشه لاءِ. مان چاهيان ٿي ته أن
وقت تون منهنجي پرسان ويٺو هجين ۽ دروٻ ...."

ڪمل سڏڪا روڪي آشا جي چپن تي هٿ رکيو.
”مهرباني ڪري اهي ڳالهيون نه ڪر. اهڙو ڪجهه

تنهنجي دل ۾ ڀلي مالڪ ٻه پيار ڪونهي! ها ڪجهه اهڙا اکر کيس ضرور چيا هوندائين، پر نرميءَ وچان. تڏهن ڪنهن طرح اڄ ڏينهن لاءِ هوءُ پنهنجي پيءُ سان گڏ آيو هو. پر ڪيڏو نه سخت ۽ شوخ طبيعت جو هو! آشا کي اسپتال ڏسڻ ويو هو ته اوترو وقت آئي ويٺي گهڻن محسوس ڪئي هئائين. آشا مرڪي ڏانهنس نهاريو هو. پر سندس اهوئي شوم چهرو.

اڄ ڏينهن بعد هوءُ هليو ويو هو. آشا کي اهي ٻه ڏينهن بيحد ڳرا محسوس ٿيا هئا. ڪشور سندس پاسي ۾ ويٺي، سندس همٿ جهلي ڪانئس اِئين ٻه ٿي پڇيو ته ڪيئن آهين آشا؟

اِهو سوچي آشا جون اکيون ڀرجي ٿي آيون ته جنهن جي هوءَ آهي، اهو کيس پڇي ٿي ڪونه ٿو، پر هن کيس ڪڏهن پڇيو هو؟

هن جي وڃڻ بعد ڪجهه ڏينهن تائين آشا مٿان اهو اثر هئو پر پوءِ ڏيري ڏيري لهندو ويو هو. هڪ ڏينهن هن ڪمل کي چيو، ”ڪمل دعا ڪر ته مان سگهي وڃي ٿيان.“

”تون هي ڇا پئي چوين آشا!“ ڪمل جي دل ڏري پئي. سندس ڳلن تي آنسون ڳڙي پيا.

آشا ڪمل ڏانهن ٽڪ ٽڪ نهاري رهي هئي. ڪا دير هن اصل اکيون ڪونه ڇنڀيون. ڪمل جي ڳوڙهن

اُها ئي ڳالهه دهرائيندي آهي، مان تنهنجن هٿن ۾
مران. تون مونکي سينگاري ڪڍجانءِ.

پوءِ هوءَ اِهو ڪين سوچيندي آهي ته خوشيءَ
جي موقعي تي اُها ڳالهه ڪيئن نه تير جيان پرش جي
دل ۾ چڀي ٿي! عورت جي به ڪهڙي دل آهي!،
جو هر وقت اِها ايلاشا، مان مران ته پريتم جي هٿن ۾
مران! باوري آهي عورت، — باوري نه، دل جي
تمام سادي. عورت جي خصوصيتن کي پرش اگر
سمجهي سگهي ته سندس پاءُ پلڪ جي سُوڪيم پيار
جي بدلي، هوُ سڄي عمر کيس پيار ڪري ته ٿورو
آهي.

آشا ڪمل کي چيو، "ڪمل موُت کان هر ڪو
ڊڄندو آهي يا اِهو ڊپ رهندو آهي ته منهنجو موُت
الائي ڪيئن ٿيندو؟ اِهو ڊپ منهنجي دل مان
نڪري ويو آهي، هاڻ مونکي ڀروسو آهي ته تنهنجي
هٿن ۾ مرندس. منهنجي ڪائيءَ کي ڪاهو ڏجانءِ.
ايترو ته چوڻ مڃيندين نه."

"گهڻا دفعا مرڻ مرڻ ڪيو اٿيئي! توکي ڇا ٻيون
کي ڳالهيون آهن ئي ڪونه!؟" ڪمل ڏک ڀرئي
غصي مان چيو.

"آهن ڇو ڪين. سڄي عمر ته توسان ڳالهيون ٿي
ڪندي پئي رهي آهيان. اُهو ته تون ڳالهين کان پڄ

ٻه نه سوچ."

"هينئر مون وٽ ٻيون کهڙيون ڳالهيون آهن سواءِ انهن جي. ٻچاڙيءَ جي وقت توکي ياد ڪرڻ ٿي چاهيان ته، اهو به ڪرڻ نٿو ڏينم. مون ته توکي هميشه ياد پئي ڪيو آهي ڪمل، هميشه ياد. خبر نه هئم ته تون منهنجي وري ايڏو ويجهو اچي ويندين. شايد منهنجي اِن ياد جو مونکي ڦل مليو آهي......"

"آشا مهرباني ڪر مونتي. مونسان اِهي ڳالهيون نه ڪر." روئندو، ڪمل ڪمري کان ٻاهر نڪري ويو.

پوءِ هڪ ڏينهن آشا هڪ ٻي ڳالهه به چئي هئي. دل ٽوڙڻ واري ڳالهه. پرش لاءِ ته اها دل ٽوڙڻ جي هوندي آهي پر استريءَ کي شايد اِن مان وڏو آٿت ملندو آهي، هڪ اهڙي تسلي جو هوءَ اکيون ٻوٽي آرام سان سدا لاءِ راهه رباني وٺي ويندي آهي. سڄي عمر ته هوءَ پنهنجي پريتم کي ياد ڪندي رهندي پر انت ويلي به چاهيندي آهي ته، اهي گهڙيون هوءَ ڪنهن به طرح ڍڪي نه، سڄي عمر جي ڪمائي، اِن پوئين هڪ گهڙيءَ ۾ وڃائي نه وهي، اِهو ڊپ کيس گهيري ويندو آهي. پنهنجي جيون ۾ الائي گهڻا دفعا ور ور ڪري اها ڳالهه سندس مک تي تري ايندي سا به، اِن وقت جڏهن ساجن جي سک پرٿي گود ۾ ليٽيل هوندي آهي. ٻي ڪا ڳالهه چوڻ کان هوءَ

ڳالهه ڪٽي عان زبان تي نه ٻه آٽيان پر سمجهي ويچاره منهنجي جيئڻ جي ڪهڙي خواهش هئي .... .." اهڙو چئي آشا چپ ٿي وئي هئي. ڪمل ڏانهس نهاريندو رهيو. سندس دل ۾ آهي اکر ور ور ڪري دهرايا پئي ۽ پوءِ چئي ڏنائين، "تون مان تنهنجي ڪائي ڪي ڪلهو ڏيان، اها ٿي نه."

آشا ڪجهه ڪونه، صرف هلڪو مرڪيائين. ڪمل جي اکين ۾ هن ڀيڪ ٿڪ گهوُريو پئي.

اُن ڏينهن ڪمل سينيٽوريم مان ٿي پنهنجي گهر پئي ويو. هميشه جيان سندس من اُداس هو. پر اڄ هوءَ کان وڌيڪ اُداس هو. هن ڊروءَ کي خط لکيو هو، ١٢ سيپٽمبر آشا جي آپريشن جو ڏينهن مقرر ڪيو اٿن. تون ضرور اچج، لکڻ جي ضرورت ڪونهي پر تڏهن به الائي ڇو اُئين لکي وڌس. ڊروُ تون هولڊ اِنءَ ته مونکي ڏي ملندو. مان جڻ صفا دل هاري ويٺو آهيان. تون هوندي هئينءَ ته مون ڪڏهن به، ڪنهن به ڳالهه جو فڪر نه ڪيو هو. لڳندو هوم ته سڀ اڄان به ساڳيو آهي، ڪجهه ويو ڪونهي، پر تنهنجي وڃڻ کان پوءِ پاڻ کي اڪيلو، هيڻو ۽ لبل پئي پائو اٿم. هيئنر آشا وٽ سواءِ اُراشا جي ٻيون ڳالهيون آهن ئي ڪونه. کيس لڳندو آهي ته هوءَ

ته چوٽيون دل تي تري اچن. جيڪي اڀنديون، آهي ته ڪنديس ته ۽ هوندين به ڪير هتي سدائين لاءِ جيئرو رهيو آهي. هر ڪو لڏيندو. دک، تڏهن ٿئي جڏهن پاڻ لاءِ اجا ڪجهه رهجي وڃي، تون ماڻهينءَ پوءِ دک، ڇا جي؟ مرڻ وقت ڪوئي ڪنهن کي ياد ڪندو آهي ڪمل، اهو يقين ڄاڻ. پر جنهن کي ڪير ياد ئي ڪري، اهو پريشان هجي ته اُن سوڀيا ڳيهه کان وڌيڪ ٻيو ڪهڙو سک؟"

"تون جيڪي چوين ٿي، ڪا خبر به پوندي ٿي ته اُن جو ٻيءَ دل تي ڪهڙو ٿو اثر ٿئي! شايد زالن کي اُن مان خوشي ملندي آهي، اِئين نه؟"

"نه ڪمل، اِئين ڪونهي. سڄي عمر جنهن تپسيا ۽ شيوا ڪئي، اها ڪيئن چاهيندي ته پيارڙين گهڙين ۾ اُن کي ئي دک پهچائي. دک، ته ٿئي ئي ٿو، همٿ مان ڪجهه ڪري پوڻ تي به ته دک، ئي ٿيندو آهي. هيءَ ته حياتيءَ جي ڏور آهي، ٽٽڻ تي ڪنهن کي دک، نه ٿيندو؟ ٽٽل چيز ته وري به حاصل ڪري سگهجي آهي پر وڃايل جيون واپس ڪٿي ٿي حاصل ڪري سگهجي!.... مان به ڪهڙي نه چري آهيان، تون مونسان سکن جون ڳالهيون ڪرڻ ۽ مان دکن کي ڪٿي وٺي آهيان. توکي دک ٿو ٿئي نه، هاڻ مان توسان اهڙيون ڳالهيون نه ڪنديس، سواءِ هڪ جي. اها

تائين آيل ڪوڙاڻ کي واپس ڏيڻي ويو.

ڪنهن لاءِ جيون صرف هڪ ليڪ ٻڌڻي رهڻي وينديءَ آهي. ها، اُن ليڪ تي هلڻو آهي. سندس خياليءَ جي، جتي اها ليڪ پوري ٿئي ٿي، ڪنهن طرح نه اوستائين ڪيس هلڻو آهي. ڪرلوءِ فرض کي ڪٽڻي اگر هوءَ هلندو رهيو ته پوءِ نه سندس قدم ئي ڏوڙا ٿي پوندا، هلي ڪونه سگهندو. فرض جو ٻار رڳو ڪيس ئي ڍونڻو آهي ڇا؟ ٻين ڪان جيڪي ٿيڻو هوندو سو نه ٿيندو ئي. جنهن ڪري دل کي اهڙن ٻارن هيٺان جيترو گهٽ رکڻي اوترو سٺو. ڪشور جو الائي ڪهڙو من هو؟ سڀ نه اهڙا شخص ذريعي لي ڇپن جيان ٻار آهن. جنهن انسان جي اکين ۾ ڏوڙهو نه ڏري، اهو ڪهڙو انسان؟ ڇا جيون رڳو ڪلپن ۾ وڃڻ تائين محدود آهي؟ دل جي ٻار کي، بيحد شور مچائيندڙ سازن جي آوازن ۾ گم ڪرڻ جو هيءُ ڪهڙو طريقو؟ پر جتي وڌا آواز آهن، اُتي شانت به آهي. بنهه شانت. ڪمل اُن ڏينهن سويل صبح جو اُٿي، ڪي وڏو پنهنجو ڏيئي گرونانڪ دربار ۾ ويو هو. اُتي ڪو وقت موڻ ۾ ويٺو رهيو. سڀو وقت ڏيان ڌريوءَ ۾. سڀو وقت هڪ ئي آرادنا، هڪ ئي خيال، لفظن جو هر ٻول ساڳيو دهراءِ. لهڻي ئي هٿ ۾ سڀ ڪجهه آهي پر ٻئو. لون جاٽي جاٽڪار آهين. آشا جا

الٽ ڏور ۾ آهي، ٻڌندي ڪالهه ـــ ۽ پوءِ، جڏهن تون سنڌس سياءَ کي ڄاڻين، خود به رُئندي آهي، مونکي به رُئاري ڇڏيندي آهي. سچ ته آشا جو قدر مونکي هاڻي پوئين گهڙيءَ ۾ ٿيو آهي. آشا کي شل منهنجي حياتي ملي. جڏهن سڀ ڪجهه وڃائجي ويندو آهي، تڏهن ئي قدر ٿيندو آهي. انسان ڪيڏو نه جاهل مورک ۽ مت هيڻو آهي! اڄ گهوڙا ڳاڙيندي به اها مرڪ حاصل نٿو ڪري سگهي. خير وڌيڪ ڇا لکان؟ لکي به نٿو سگهان. تون ڪڏهن ٿي اچين. خط لکج.

آپريشن واري ڏينهن کان ڏهه پنج ست ڏينهن اڳ اچي ويٺي هئي. آشا جو سهرو به آيو هو. پر ڪشور ڪونه آيو. پيءُ کي چيو هٽائين، توهان وڃو ٿا ته ڪافي آهي. مونکي هتي ايڏا ڪم آهن جن کي ماٺ ڇڏي نٿو سگهان.

پيءُ گهٽوئي چيو پر اولڌي دلي مٿان پاٽي ڪونه ڪيو. پيءُ کي چيائين، اهي فارماليٽيز آهن. آپريشن ٿئي ٿو، ٿئي ٿو. هر ويرو منهنجو اُتي حاضر رهڻ جو ڪهڙو ضرور آهي.

پيءُ کي دل ۾ آيو ته چئي ڏيس، ها آپريشن کان وڌيڪ توکي هتي ٻيا ضروري ڪم آهن!

پر ڪنهنکي چوي؟ ليڪاڻي، ڊيٺ کي؟؟ نڙيءَ

”اڄوڪي ڏينهن روئين ٿي ڊرُو!؟“، نه روءُ.
ڏس نه، منهنجو آپريشن ٿي رهيو آهي. مان توکي
مرڪندو ڏسڻ ٿي چاهيان. هن گهڙي جيئن تون سدائين
مرڪندي رهه.“

تڏهن ڊروءَ سڏڪا ڀري رنو هو، ”آشا تو
هميشه اسانکي رڳو ڏنو ئي آهي. اهڙو وقت به
ڪونه آيو جو اسان توکي اُن جي موٽ ڏئي سگهون....“

”ڇو ڪونه وقت آيو آهي.“ وچ ۾ ئي آشا چيو
هو، ”پڳلي، توهان مونکي جيترو ڏنو آهي، مان ڪيترا
جنم به وٺي اچان نه، ته تورو لاهي ڪونه سگهنديس.
اُها منهنجي دل کي خبر ته تو مونکي ڪيترو ڏنو
آهي!“

ڪمل به دل جهلي نه سگهيو هو. پر آشا جي دل
جي اڄ عجيب حالت هئي. ڪيس فڪر ڪونه هو ته
اڄ سندس آپريشن ٿي رهيو هو. پر ان ڳالهه جي
خوشي هئي ته اڄ هوءَ سڀني کي پنهنجي سامهون
ڏسي رهي هئي، اُنهن سڀني کي، جن ڪيس تورو
کي گهڻو پيار ڏنو هو.

وقت آيو جو آشا کي اسٽريچر تي کڻي ويا. لڳو
ته ڄڻ اُهي موت جا فرشتا آيا هئا. پيرن تائين سفيد
وڏا چوغا پاتل ۽ منهن مٿو ڪپڙي سان ڍڪيل.

سڀ پنهنجي منهن چپ هئا. ڪنهن به

دڪ نِورت ڪر.

ٻاهر اچي هن دربار جي ديوارن ۽ گنبذ ڏانهن نهاريو هو. گنبذ جو ڪلش سورج جي ڪرڻن ۾ سون جيان چرڪيو پئي.

سينيٽوريم ۾ پهتو ته سندس لٿل چهرو ڏسي آشا مرڪيو هو. اڳوڻه آشا جو نه، جڻ سندس آپريشن ٿي رهيو هو. ٻنهي جي دلين تي به هڪ قسم جو ٻوڙ ويٺل هو. آشا ڏٺو پئي. درو ۽ ڪمل جا چهرا بيحد غمگين پئي پاسيا. آشا هميشه دروءَ لاءِ گلاب جو گل ڪٽي ايندي هئي. انهيءَ ٿي گل سان سندس پيار جي شروعات ٿي هئي. هوائن به هن گلن کي بيحد ٿي چاهيو هو، پر پوءِ جيون جو هڪ اهڙو دور به آيو جو جيترو هن گلن کي چاهيو هو، گل اوترو ئي ڪيس بي رنگ پاسيا هئا. ليڪن هاڻ جڏهن هوءَ بستري تي هئي، خاص ڪري اڄ، پنهنجي منهن هر ڪنهن گل آندا هئا. دروءَ ڪيس هٿ ۾ گل ڏئي چيو هو، ”آشا تو لاءِ اڄ گل چونڊي منهنجون اکيون ٻرجي آيون هيون. اهوئي اڱڻ، اهو ڦانڪ، سڀ ڪجهه ساڳيو ساڳيو...... ڏٺو هوم، تون ڦانڪ وٽ بيهي مونکي سڏي رهي آهين. آشا اهو زمانو ڇا وري ڪونه ايندو......“ ائين چوندي سندس اکين مان آنسون ڳڙي پيا هئا.

پر هاڻ اُها ڳالهين ڪرڻ واري آشا ڪٿي هئي؟
مندر جو ڪاش جڻ جهڪو پئجي ويو هو. ڪمل کي لڳو، آساديِ وار جا اُهي شبد اڃا به سندس ڪنن ۾ جڻ گونجي رهيا هئا. هن من ئي من ۾ پرڀوءَ کي پرارٿنا ڪئي، آشا کي سکي رکج پرڀوءَ. هينئر هوءَ تنهنجن چرنن ۾ آهي.

ڪانيءَ کي ڪلهو ڏيئي هوُ مسان طرف وڃي رهيا هئا. ڪمل آشا سان ڳالهائي رهيو هو، .... "آشا پياريءَ ٻو اِڃا ٻ اِها رکيه ته مان تنهنجي ڪانيءَ کي ڪلهو ڏيان!" سندس اکين مان جهر جهر نير ڳڙي رهيو هو.

ڪنهن سان ڪونه ٿي ڳالهايو. ڊرو ۽ ڪمل پنهنجي منهن بنهه شانت هئا. ڪمل جو من دربار ۾ پئي وسيو. دربار جي گنبذ جو سون جهڙو ڪلش سندس اکين آڏو گهمي ٿي ويو. صبح سوير جڏهن اُن تي نظر پيئي هئس ته آشا جو ٽڙوڙ سندس اندر ۾ جاڳيو هو. آشا ٽوٻي ٿي اُڀندي، گويا ڪرڻن وچ ۾ جرڪندڙ ڪلش کيس اِئين چئي رهيو هو. اُن ڪلش ۾ هن ڪنهن اگيات شڪتيءَ جي صورت ڏسي هئي.

ڇهن ڪلاڪن کانپوءِ آشا اِسٽريچر تي ٻاهر آئي. پر ڪٿي هئي آشا؟ سندس روح ڪڏهوڪو پرواز ڪري چڪو هو. سڄو اسٽريچر سفيد ڪپڙي سان ڍڪيل هو ۽ اُن کي سفيد چوغا پاتل ڪاهيندا پئي آيا. ڪمل اوچتو ڇرڪ ڀري ڇوهه مان اڳتي وڌي ڊاڪٽر کان وڃي پڇيو هو، "ڊاڪٽر ......" پر پوءِ اُهيئي ٻيءَ ڪن کانئس رڙ نڪري وئي هئي. ڊاڪٽر، "ويري ساري" چئي اڳتي وڌي ويو هو.

ڪٿي هئي آشا؟ چار ڪلاڪ اڳ، جنهن مرڪيو پئي، اُها آشا ڪٿي هئي؟ اڄو جڳ ڪو ڪيل تي گذريو هو. ٻپهريءَ وقت هن ڪيڏو گهريو هو سڀني کي! پنهنجي سهري، پنهنجي پيءُ، جانڪيءَ سڀني سان ڳالهايو هئائين، ۽ اُنهن ٿورين گهڙين لاءِ ڪمل ۽ ڊروءَ سان جڳ روح جون ڳالهيون ڪيون هئائين.

ڪوبہ انعام پنهنجيءَ جڳهہ تي آهي پر مان سمجهان ٿو تہ ڪنهن اديب يا پاٺڪ وٽان همت افزائيءَ جا صداقت ڀريا ٻہ اکر ٻڌجن ٿا تہ، اهي نوٽن واري انعام کان گهڻو گهڻو مٿي آهن.

مون وٽ پهريون خط ڀاءُ هري دلگير وٽان آيو. شايد هڪ ئي ويهڪ ۾ پڙهي پورو ڪيو هئائين نہ تہ کيس ناول موڪليئي اڃا هفتو کن مس ٿيو هو.
(1) لکيائين ، - ”رات جو ٻيون پهر“ پڙهي گهڻي خوشي ٿي ، اڄڪلهہ ناول ٿورا ٿا نڪرن ، ڪهاڻيون گهڻيون. هڪ سٺي ناول لکڻ لاءِ توکي گهڻيون گهڻيون مبارڪون. پر مونکي لڳو تہ ناول بيحد جذباتي آهي ، جنهن ڪري ناول جو پلاٽ نهايت ڌيمي گتيءَ سان اڳتي وڌي ٿو. شايد چاليهہ پنجاهہ صفحا گهٽائي ڇڏجن ها تہ ناول گهڻو بهتر ٿي سگهي ها. ڪٿي ڪٿي ٻولي ۾ ڪي قدر ڪٺڪي ، پر سراسري طور ٻولي سٺي آهي.

هري دلگير

ان ڏينهن بعد ئي هريش واسواڻيءَ جو خط آيو. اندازو لڳايم تہ هن بہ يڪساهيءَ پڙهي پورو ڪيو هوندو. مختصر ۾ لکيائين ، (2) ”رات جو ٻيون پهر“ پهر اڌ پڙهي پورو ڪيم. ٻيا پهر ڪيئن ٿو گذارين؟ ٽيون پهر ڪڏهن ايندو؟

هريش واسواڻي

ڪجهه توهان طرفان
ڪجهه مون طرفان

□

”رات جو پيون پهر“ جي اِشاعت کي ڪو مهينو اڌ مس ٿيو هو جو مون وٽ ڀاءُ گورڌن ”گهايل“ جو خط آيو. لکيائين، تنهنجو ناول پونا يونيورسٽيءَ ۾ Text Book ڪري رکڻ لاءِ ڪائونسل ڏانهن سفارش ڪري موڪليو ويو آهي. اهڙو ذڪر هيري شيوڪاڻيءَ ڀولڻ راهيءَ سان پڻ ڪيو هو. ڀولڻ مونکي ٻڌايو ته ڏيو پر اٽڪو رو. چيائين: ياد نه اٿم، ايم. اي لاءِ چيائين الائي بي. اي لاءِ؟ مون هيري ڏانهن خط لکيو. موٽ ۾ سندس خط مون لاءِ گويا اپار خوشيون کڻي آيو. لکيائين، پونا يونيورسٽيءَ ۾ S.Y.B.A لئي درسي ڪتاب ڪري رکيو ويو آهي ۽ هري تنهنجو اهو ناول هتي سڀني کي پسند پيو آهي. سوچيو پيو وڃي ته بمبئي يونيورسٽيءَ ۾ به رکيو وڃي.

هوندي به پڻ - ڪتا نهايت ئي روچيڪارڪ. خاص ڪري مون جهڙي سنڌ جي شيدائيءَ لاءِ.

رواني به ڪافي سشڪت. نظر گهٽ هئڻ ڪري گهڻي عرصي کان ڪوئي سڌو سنواٽو ناول ڪونه پڙهيو هو، هي پڙهيم.

ڪرستان ڇوڪريءَ سان گڏجڻيون اُڏائڻ ڇا هيرو لاءِ ضروري هو؟.... مسلمان ڇوڪريءَ سان عشق پاو-پوروڪ ۽ دل کي ڇهندڙ ۽ خاص ڪري پويون ڇيڙو.

شرت جي جهلڪ ڪٿي ڪٿي نظر اچي ٿي. ننڍا ننڍا جملا، اکري ڪلا بازيءَ کان مڪت، سلسلي کي قائم رکندي، ڊرامي جي اپاءُ جو احساس تيڻ نٿا ڏين. هوڻئن به هر ناول ۾ ڊرامي جو هجڻ ضروري ناهي. ڪئريڪٽر لوهان جا سچيوَ آهن. اکين اڳيان اُڀري ٿا اچن. وڏي خوبي آهي ته ناٽڪيءَا نظر اٿي اچي. کليءَ دل سان راءِ ڏنو اٿم. ناراض ته نه ٿيوءَ؟

لکميچند "پريم" جو شايد پنهنجو هڪ الڳ شائراڻو نظريو آهي. لکي ٿو، - هوڻئن به ڪائنات جي عاشقن رات جي ٻئي پهر جي ساراهه سرس ڪئي آهي. جنهن حسن جي اجالن جو لطف هرڪو ماڻي سگهي. پر ڪٽڪ رنگي حسن ۾ جي اُجلا آهن، اُنهن جو لطف ساڌارڻ انسان ماڻڻ کان قاصر هوندو آهي. ناول امتد وٽيو.

لوناوالا ليکڪ سيمينار ٽان جهمون چڳاٽي شايد دل ۾ هڪ درد کڻي موٽيو. لکيائين، - سيمينار ۾ ڪل ملائي اهو ڪي کڙ ٿيل لڪتو ته ورهاڱي جي درد جهڙي هيڏي ٽرئجيڊيءَ کي سنڌي سماج پاڻ کي ڀُلو سمجهي، اُن دردناڪ حادثي روپي زهر کي پي، پاڻ کي نيل ڪنٺ سڏائڻ کان پوءِ بي اوني تي ويٺي آهي.

آهوئي پيو سوچيندو هوس ته اُها پيڙهي جيڪا سنڌ ۾ ڪافي ننڍي هئي، اُها هاڻ ۳۵ سال گذرڻ کان پوءِ ڇا ڪا ڪلاسيڪل چيز پيدا ڪري سگهندي؟ پر ان هڪوار منهنجي اِلهيءَ وهم کي ٽوٽوڙيو آهي. ٽنهنجو ٽازو شايع ٿيل ناول ضرور ساهتڪ جڳت ۾ هڪ اهم جڳهه والاريندو. سچ ٿو چوان ٽنهنجي ناول هڪ هنڌ ته مونکي به روئاري ڇڏيو. جڏهن ٽون لکين ٿو ته اهو ملڪ جنهن ۾ مون جنم ورتو.... اُن پنهنجي ملڪ ۾ وڃڻ لاءِ پاسپورٽ جي ضرورت هئي. اِنساني ذهنيت جي اِن کان وڌيڪ ٻي کهڙي ڪوڪلائپ ٿي سگهي ٿي! وڌيڪ ڇا لکان جو سمالوچنا به ڪالهه ٽي آرٽوار ڏينهن لکي ڇڏي اٿم. اِلند ٽهلراماڻيءَ ڏانهن 'سنگيتا' لاءِ موڪلي رهيو آهيان.

گرڌاريلعل ڏوڏيڄا لکيو، - ڪتاب لاءِ مهرباني پڙهي فرصت اچي ويئي. پلاٽ ۾ ڪا وشيشتا نه

هيمر ناگواڻيءَ بس اينترو ئي لکيو، - هيڏو وڏو ناول لکڻ لاءِ تنهنجي صبر، محنت ۽ ڪلپنا جي اُڏام کي داد هجي.

ديال موٽواڻيءَ لکيو، - ناول هڪ دفع هٿ ۾ کڻڻ کانپوءِ پورو ڪرڻ کانسواءِ دل ئي نه رهي. ٻولي سٺي ۽ دلچسپ هئي. پر آخر ۾ پلئه ڪجهه به نه پيو. ناول جو نائڪ پيار هڪ سان ته ڪري، عيش ٻيءَ سان ۽ شادي ٽينءَ سان. ناول کي ڪو مقصد هئڻ گهربو هو.

ليلي رچنداڻيءَ جو خط آيو، - ڪالهه مان ريڊيو اسٽيشن تي ويو هوس رڪارڊنگ لاءِ. وشيه هئي، ڪتابي سمالوچنا. مون ٻن ڪتابن تي سمالوچنا ڪئي آهي. هڪ آهي تنهنجو ناول "رات جو پيون پهر" ۽ ٻيو پوپٽيءَ جو "سيلاب زندگيءَ جو" وقت ملئي ته ٦ جون ٨٣ تي احمدآباد تان شام وارو پروگرام ضرور ٻڌج. مونکي ته پائي ناول مزو ڏنو. تو اُن لاءِ داد لهڻو. ڏک اهو آهي جو اسانجي سنڌي جاتيءَ ۾ تو جهڙن اديبن جو قدر ٿئي ئي ڪونه ٿو. پر وقت ايندو جڏهن جاتي توکي امر يادگارن جي فهرست ۾ رکي ڇڏيندي. ليلا رام رُچنداڻي

سندر حشمتراءِ لکيو، - ناول مليو. هيمٿر پڙهي خلاص ڪيو اٿم. واهه! ڇا ته پيارئون ٻاليون درج

پيڻ پوڻيءَ لکيو، - انهنجو ڪهاڻين جو ڪتاب
اڃا پڙهي نه سگهي آهيان، هي ناول پڙهيم. رومانٽڪ
طبيعت رکندڙن کي خوب وڻندو.

لکمي کلاڻيءَ هڪ خط ۾ لکيو، - توڏانهن هن کان
اڳ ”رات جو پيون پهر“ جي پهچ ڪاله ڏيئي سگهيو
آهيان. ڏهليءَ ويندي ٽرين ۾ انهنجو اهو ناول
هڪساهيءَ پڙهي پورو ڪيم. ناول وڻيو. پلاٽ، رتا
بوليءَ جي لحاظ کان ڪامياب ناول آهي. سنڌيءَ ۾
ناول ڪنهن حد تائين کوٽ پوري ڪري ٿو. ناول ۾ پهاڙيءَ
وارو درشيه جڏهن سنڌ واري مسلمان پريمڪا اچي
گهر ۾ ٽڪي ٿي ۽ ٻئي پريمي چاهيندي به هڪ ٻئي
سان گڏجي نٿا سگهن. اُن جو ورڻن فنائتو آهي.

ارجن حاسد لکيو، - جڏهن ئي انهنجو ناول پهتو ته
پڙهڻ شروع ڪيم. لاڳيتو پڙهي ويس، ناول پنهنجو
سلسلو نه ٽٽائي رکيو آهي، پر مان بيحد اداس ٿيس.
عام پاٺڪ کي ناول بيحد وڻندو، مون کي اهو ڪجهه
به نظر نه آيو جنهن کي ڪلاتمڪ چئي سگهجي! بس
ايالي آهي. لائين ته اُن وقت ئي توکي سلسليوار خط
لکڻ چاهيم ٿي پر جڏهن ئي اپڻ مشغولين ۾ ڦٿجي ويس
ته وڃي دير پوندي. بس پويان ڪجهه صفحا مون کي
وڻيا. صفحي ٢١٣ کان پوءِ ئي ڪجهه ٺيڪ ٿو لڳي.
زندگي اهائي رسيلي آهي جنهن ۾ جدائي آهي.

هن ناول کي گهڻا دفعا پڙهي سگهندس ڇئي نٿو سگهان،
منهنجو پيارو دوست راڌو (آر- کي- ڀلاڻي)
جيڪو مونکان وڇڙي ڪنهن ٻيءَ دنيا ڏانهن هليو ويو
آهي. خط ڦوليندي سندس خط جا پيارا پيارا اکر
منهنجي اکين اڳيان آيا. خط پڙهندي لڳو ڄڻ منهنجي
پرسان ويٺو هو، مو سان ڳالهيون ڪري رهيو هو....
دلبر هري، برابر لعل توکي لکيو هوم ته ناول پورو
پڙهي، پنهنجي راءِ موڪليندس - پر پڙهڻ بعد سمجهه
۾ نه آيو ته لکان به ڇا؟ جڏهن ناول ختم ٿيو ته اِئين
ڄڻڪ محسوس ڪيم ته، ڪنهن دلچسپ فلم هلندي
هلندي اچانڪ بجلي وڃڻ سبب پوري ٿي نه ٿي-
پهرين بابن ۾ ڳالهيون وڻندڙ آهن - ڪئريڪٽرس
اِسٽبلش ڪرڻ جو آدم بيشڪ عمدي نموني ڪيو اٿيئي
پر ڪنهن به ڪهاڻيءَ جو انت هجڙو ايترو جلدڪ سٽي
ڪاڏي بعد ڪوڙي چانهه پيئڻ جو ٿيو. ناولس جو
اصول اهوئي رهندو آيو آهي ته ڪئريڪٽرس کي
هڪ گنگا جي ڌارا وانگر وهائي، اٿاهين ڏان، اولاهين
ڏان، جبلن ٽڪرن ميدانن ڏان، ڇوڙ ۾ سمنڊ ۾ سرن
درياهه ڪرڻ کپي - اهو منهنجو پنهنجو شخصي راءِ
آهي. مان توهان ان ڪان بعد وڌيڪ بهتر ناول جي
ڪامنا ڪريان ٿو.
واسديو ارمل لکيو، - ڊاڪٽرن جي گهڻو نه پڙهڻ

ڪيون آهن اوهان اُن ۾!! پاڻيان ٿو انهن ڳالهين جو اوهان ڪي شخصي آزمودو ٿو ڏسڻ ۾ اچي! ائين ڪولهي ؟.... زندگيءَ ۾ ڪن ڇڏن ڪي اهڙي قسم جي پيار جي آڳ ۾ جلڻو پوندو آهي.

ناول وڻيو، خوب وڻيو. ڌنيواد! اوهان جي پاشا کان خاص طرح متاثر ٿيو آهيان. ٿورن ۾ اهڙي قسم جي لکڻيءَ جو ديدار ٿيندو آهي.

ناسڪ مان ميارام "درد" لکيو، AGI جي نائين ميڙ لاءِ پاڻ "گهايل" سان گڏ مدراس وڃي رهيو هوس جو هن وٽان توهانجو لکيل ناول پڙهڻ لاءِ مليم. مان سمجهان ٿو تہ منهنجي جيون ۾ هڪ وهڪ ۾ ناول پڙهي پورو ڪرڻ جو پهريون ئي موقعو هئو. سندر ۽ پُر اثر ناول لکڻ لاءِ توهانکي دلي واڌايون ٿو ڏيان. هڪ دل ڇڪيندڙ ناول لاءِ وري بہ واڌايون هجنو.

ميارام 'درد'

اڌيپور مان ڪشن ٻجاج لکيو، "رات جو ٻيون پهر" اڃا هاڻ هڪ منٽ اڳ پڙهي پورو ڪيو اٿم.

تنهنجي ڪهاڻي "پگهريل همت" سان هن ناول جو، پلاٽ جي خيال کان ڪو واسطو نہ هوندي بہ الائي ڇو مونکي لڳو تہ اُها صرف ڀوميڪا هئي،.... ۽ هيءَ افسانو.

'پگهريل همت' تہ سؤ کان وڌيڪ دفعا پڙهي چڪو آهيان

ڪان پوءِ ته مان خالي جو خالي آهيان."

هري، هر لفظ جڻ پيڙا مان پيدا ٿيل ڪا ڪوتا آهي، جنهن کي نه رڳو محسوس ڪري پر ڏسي ۽ ڇهي پڙهندڙ جا ڇهه ئي حواس جاڳي ٿا اُٿن.

وڌيڪ ڇا لکان؟ تنهنجي قلم اهڙو ناول لکڻ جي جسارت ڪئي آهي، جنهن لاءِ تنهنجن پڙهندڙ احساس ۽ ڏکندڙ آڱرين کي جس هجي. شل تنهنجي هر نئين تخليق اڳئين کان اڳري ثابت ٿئي. بهه کان بهتر ۽ بهترين. ڀيڻ ڪومل

۽ ها، دل ۾ نه ڪجانءِ، جي مان تنهنجو ڌيان ناول جي ڪن اوڻاين ڏانهن ڇڪايان. ڪٿي ڪٿي صورتخطيءَ جون ڪي چڪون نه آهن پر تو جنهن ڪراچيءَ جي پر واري ملير کي، ماروئيءَ سان وابسته ڪيو آهي، هي اهو ملير نه آهي. ماروئيءَ وارو ملير ٿر جو هڪ حصو هئو، جنهن جا هينئر رڳو ڪي آثار وڃي رهيا آهن.

ٻوليءَ کي وڌيڪ ڦهڪائي استعمال ڪندين ته مواد سان گڏ فني چابڪدستيءَ ڪري تنهنجا ناول فن جي ڪسوٽيءَ تي پڻ پوريءَ طرح پرکيا ويندا.

ائين هڪ ڏينهن ڀڳوان ٽلواڻي منهن سامهون گڏجي ويو. ٽهڪ ڏيئي کلي چيائين: "هري 'راس جو ٻيون ڀڱ' راس جي ٻئي ڀڱ ۾ پڙهي پورو ڪيم."

"سو وري ڪيئن؟"

واسديو نرمل

جي صلاح جي پيروي ڪندي، ناول ٽوروٽي پڙهي
سگهيو آهيان. پر جيترو پڙهيو اٿم، خوب وڻيو اٿم.
پنهنجو مڪمل رايو پوري ڪرڻ تي لکي موڪليندو سانءِ.

ڏڍ بند مالهيءَ پنهنجي پن سٽن واري خط ۾ لکيو،
ڪتاب بابت ٽڪڙو رايو ٽوڙيان. ها، دلچسپ آهي.
۽ نه ساندو پڙهي پورو نه ڪريان ها. *ڪوبند مالهي*

لڇمڻ "ڪومل" جي دل ڪسي ناول شايد ڪافي
جهنجهوڙيو ڏسو ڏسجي. لکيائين، "رات جو پيون
پهر" هينئر ئي پڙهي پورو ڪيو اٿم. ڇا ٻڌايانءِ،
دل جي ڪهڙي حالت ٿي آهي. ناول جي سٽ سٽ
سيني ۾ سوُر جي سوُمت اُپاري آهي- پا نه هر درد
کي ڪا معني آهي- پا ڪنهن به درد کي ڪا
معني ڪانهي.

ناول جو سٽاءُ، ڪهاڻيءَ جو سلجهيل سلسلو ۽ اُن
جي ادائگيءَ منهنجيءَ دل تي ڪي اهڙا نشن
ڇڏيا آهن، جيڪي ساهه سان ساندڻ جهڙا آهن.
ناول جو هي جملو:-

"مولاڪي سڀ ڪجهه ملڻ ڪان پوءِ انين محسوس
ٿيندو هئو نه جڻ، ڪجهه مليو ئي ناهي. من اُهوئي
پياسي جو پياسو آهي- روح جي اُڃ اڃا مٽي ناهي-
مان اڃا به واريءَ جي پٽن تان پنڌ پيو ڪريان. ها،
انين محسوس ٿيندو هئو نه سڀ ڪجهه حاصل ڪرڻ

ڪهڙي پرواهه ۾ گهلجي روئي ڏنو. ڳوڙها هئا جي اکين مان لاڳيتو وهيا پئي.

"ڪومل" جي لفظن موجب، ادب جي ڪسوٽي تي فن جي لحاظ کان هيءَ ناول ڪيتري قدر پرکيو ٿو وڃي، سو اڳتي هلي پتو پوندو. پر مان جڏهن لکندو آهيان ته، مون اڳيان ڪي به فن پن ڪونه هوندا آهن. مون اڳيان هوندي آهي، ٽارڪي رات.... چنڊ جو هلڪو سوجهرو، ۽ ڪنهن سمي اهو نُور، جو چنڊ جي سوجهري کان وڌيڪ نرمل هوندو آهي. ها، وڌيڪ نرمل.

منهنجي پڙهڙٽا لاءِ هن ناول بابت ٻه اکر لکندا ته مون کي خوشي ٿيندي.

- هري همٿاڻي
١٤، ٽلڪ نگر
اجمير

”رات جو لنڊن ۾ پهتي آئي سو تنهنجو ناول ڪڍي پڙهڻ ويٺس. پورو ڪري اُٿيس ته اُن وقت ساڍا ٽي وڳا هئا.“

مونکي بيحد عجب لڳو. اِها ته حد ٿيندي. پر هونئن به، جيڪو به مونکي گڏيو هو، جنهن به خط پٺي لکيو هو، جاڻم ته ناول ۾ لڳاڻ جا ڪجهه اهڙو لکجي ويو هو جنهن پاڻ ڪي، سوگهو جهلي هڪ هنڌ وهاري ٿي ڇڏيو. ٿوري دير لاءِ ڇڏ پائيندس به ٿي ته بي صبريءَ وچان ڪيس وري پڙهڻ لاءِ مجبور ڪري ٿي ڇڏ پائين.

مئگزنن ۽ ساهتڪ هفتيوار اخبارن ۾، پاءُ ٺهلرام آزاد، روپچند سپاهيملاڻي، ڪمل ڪشور، هوندراج بلواڻي، جهمون ڇڳاڻي، ليلو رچنداڻي ۽ لڇميچند ”پريم“ طرفان سمالوچنائون شايع ٿيون ليڪن چندو لعل جئسنگهاڻيءَ جي سمالوچنا مان لڳو ته ڪيس ناول ۾ اهڙو ڪجهه به نظر نه آيو جو سندس نظر ۾ ساراهه جوڳو هجي.

پر مان پنهنجي نظر ۾ ادب جي کيتر ۾ هڪ پانڌيئڙو آهيان. اڃا پنڌ ٿي ڪيترو ڪيو اٿم؟ منزل ته ڪافي دور آهي.

”گل جلن پيا“ ناول لکندي ئي چئن هنڌ منهنجي دل ايڏي پر جي آئي هئي جو مون دکه جي الائي

□

ستيه پرڪاشن
طوفان
بهترين گيٽ اپ سان
جلد ڏي
شايع ٿي رهيو آهي
ڀڳوان ٽلواڻيءَ جي
اصلوڪين کهاڻين
جو مجموعو

□

Printed by Shri Girdharilal Gur at Kohinoor Printers, Shekha Mohalla, Diggi Bazar, Ajmer and Published by Teckchand Tilwani, 1286-A, Rly. colony Asha Ganj Ajmer.

هري همٿاڻيءَ جا لکيل ڪتاب

- ناول

اپاهڄ

سونهي رات

آشا

آس نه آس

پروفيسر

پيار روئي ڏنو

ڏنگيون ڦڏيون لڪيرون

رات جو پيون پهر

- ڪهاڻيون

پنگ جا رنگ

ارچنا - ورچنا

سڏ ۽ پڙاڏا

- ايڊيٽ ڪيل

راجستان سنڌي اڪاڊميءَ طرفان

١٩٨٠ع جو ساهتڪ رسالو ”رهاڻ“

- اشاعت هيٺ

ماضيءَ جا ڏنگ (ناول)

پگهرئل هٿ (ڪهاڻيون)